# لطائف لطيفي

احوال ۽ آثار
شاهه عبداللطيف ڀٽائي



تاليف
مير عبدالحسين خان سانگي

مترجم
عبدالرسول قادري بلوچ

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# لطائف لطيفي

(احوال ۽ آثار شاه عبداللطيف ڀٽائي)

تاليف

**مير عبدالحسين خان سانگي**

مترجم

**عبدالرسول قادري بلوچ**

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي- 2012ع

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | لطائف لطيفي |
| تاليف: | مير عبدالحسين خان سانگي |
| مترجم: | عبدالرسول قادري بلوچ |
| سال: | 2012ع |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. |
| قيمت: | 150 روپيا |

ملڻ جو هنڌ:

ثقافت کاتو ڪتاب گهر

سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي- 74400، سنڌ.
فون: 021-99920673

# نذرِ عقيدت

آئون هي پيار جو پورهيو خلوص دل ۽ محبت سان حضرت شاهه صاحب جي عاشق ۽ پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نالي منسوب ڪريان ٿو. جنهن هن ڪتاب ”لطائف لطيفي“ فارسي کي قلمي صورت مان ڪڍي محنت ڪري نروار ڪيو.

اميد ته هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو حضرت شاهه صاحب جي عاشقن لاءِ روح جي راحت ٿيندو.

سوئی دریا تحفه آور دم صدف
زهے عز و شرف گر قبول افتد

عبدالرسول قادري بلوچ
ڏڙي مگسي
سڪرنڊ، ضلعو نوابشاهه، سنڌ

١ رجب ١٤٠٦ هه
مطابق 13 مارچ 1986ع

# فهرست


| | |
|---|---|
| نذر عقيدت | 03 |
| پبلشر نوٽ | 07 |
| مقدمو | 09 |
| ديباچو | 13 |
| ڪتاب جي شروعات | 15 |
| شجرو مبارڪ: | 15 |
| سنڌ ۾ متعلوي ساداتن جي اچڻ جو احوال | 26 |
| پيري مريدي جو سلسلو | 29 |
| حڪايت: 1 | 32 |
| حڪايت: 2 | 35 |
| حڪايت: 3 | 37 |
| حڪايت: 4 | 39 |
| حڪايت: 5 | 41 |
| حڪايت: 6 | 44 |
| حڪايت: 8 | 46 |
| حڪايت: 8 | 48 |
| حڪايت: 9 | 52 |
| حڪايت: 10 | 54 |
| حڪايت: 11 | 56 |
| حڪايت: 12 | 61 |
| حڪايت: 13 | 63 |
| حڪايت: 14 | 70 |
| حڪايت: 15 | 74 |
| حڪايت: 16 | 76 |
| حڪايت: 17 | 79 |
| حڪايت: 18 | 82 |
| حڪايت: 19 | 85 |
| حڪايت: 20 | 90 |
| حڪايت: 21 | 92 |

حڪايت: 22 ________ 94
حڪايت: 23 ________ 96
حڪايت: 24 ________ 98
حڪايت: 25 ________ 100
داستان: 26/حڪايت جي بيان ۾ ________ 102
حڪايت: 27 ________ 105
حڪايت: 28 ________ 108
حڪايت: 29 ________ 112
حڪايت: 30 ________ 115
حڪايت: 31 ________ 116
حڪايت: 32 ________ 118
حڪايت: 33 ________ 120
حڪايت: 34 ________ 125
حڪايت: 35 ________ 127
حڪايت: 36 ________ 133
تاريخن جو ضميمو ________ 135
داستان شرڪ جي گهٽائي، پيغمبري دين جي هيٺائي ۽ گلا غيبت
جي زيادتي جي بيان ۾ ________ 138
آخري گذارش ________ 139

# پبلشر جو نوٽ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سان سنڌ جي ماڻهن جي محبت ۽ وابستگيءَ کنهن بہ ڪاتي کان مٿاهين آهي. جيئن جيئن زمانو تحقيق ۽ ڇاڻ جا نوان رنگ ڏسندو ويجي ٿو تيئن تيئن شاهہ جي ڏاهپ ۽ فڪر جون عظمتون سنڌ واسين جي ذهن ۽ دلين ۾ پيهبيون پيون وڃن. سنڌ جا عالم ۽ ڏاها انهن محبتن ۽ وابستگين جو شاهہ لطيف کي شروعات کان ئي خراج پيش ڪندا پيا اچن. انهن ۾ ابتدا وارن محققن جو ڪم ڳڻبو تہ مير عبدالحسين سانگيءَ جو نالو سرفهرست نظر ايندو.

مير عبدالحسين سانگي پاڻ بہ هڪ وڏو شاعر هو ۽ ساڳي وقت شاهہ سائين جو بيحد عقيدتمند بہ. انهيءَ عقيدت ۾ هن شاهہ جي زندگيءَ جي اهم واقعن ۽ حڪايتن تي مشتمل هي ڪتاب سهيڙيو ۽ هُن پنهنجي ڪتاب بابت لکيو تہ "هُن حضرت شاهہ عبداللطيف جي احوال ۽ آثار گڏ ڪرڻ جي شروعاتي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هن بعد جيڪي بہ هن راهہ ۾ قدم رکندا تہ ضرور هن مان رهنمائي حاصل ڪندا."

سنڌ جي ناميا ري محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سڀ کان پهريائين هن ڪتاب "لطائف لطيفي" کي سنواري، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي پاران ڇپايو جنهن ۾ هُن لکيو هو تہ "ڪتاب لطائف لطيفي خلوص ۽ سچائيءَ جي جذبي تي مبني آهي، جيڪا وڏي علمي خدمت آهي." سنڌ جا ماڻهو سالن کان هن ڪتاب مان علمي فائدو وٺندا رهيا آهن ۽ خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ بہ فائدو وٺندا رهندا ۽ هن ڪتاب جي اهميت برقرار رهندي.

ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ لطيفيات تي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي هميشہ ترجيح تي رکيو آهي. ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو

جي هدايتن تي پوين ساڍن چئن سالن ۾ لڳ ڀڳ 190 ڪتابن جي اشاعت ڪئي وئي ۽ ان ۾ لطيفيات جا ڪيترائي نوان ۽ ڀيهر ڪتاب ڇپايا ويا آهن. شاهه سائين جي هن 269 هين عرس جي موقعي تي لطيفيات جي موضوع تي ڏهن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي رهيا آهن. جيڪا اسان لطيف سائين جي سڄڻي چاهيندڙن جي لاءِ بيحد خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

اسان کي اميد آهي تہ هي ڪتاب ”لطائف لطيف“ سنڌ جي ماڻهن خاص طور تي نوجوانن جي لاءِ لطيف شناسيءَ جو وڏو سرچشمو ثابت ٿيندو.

23 ڊسمبر 2012

عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# مقدمو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي 30 نومبر 1966ع جي گڏجاڻي ۾، هن ڪتاب "لطائف لطيفي" جي شايع ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. ان گڏجاڻي ۾ طئه ٿيو ته ڪميٽي اهي قلمي ڪتاب شايع ڪري، جيڪي شاهه عبداللطيف (1102هه/1165هه/1689ع-1752ع) جي احوال ۽ آثار تي شامل هجن پر اجا تائين شايع نه ٿيا آهن. پوءِ راقم پهريان هن ڪتاب "لطائف لطيفي" فارسي کي شايع ڪرڻ لاءِ چونڊيو.

هن ڪتاب جو مؤلف مير عبدالحسين خان سانگي ٽالپور خاندان مان آهي. جن سنڌ تي (1186هه کان 1259هه) تائين حڪمراني ڪئي. سنه 1259هه مطابق 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ٽالپر اميرن کي گرفتار ڪري، هندستان جي مختلف جڳهن تي قيد ۾ رهايائون. اتي مير عبدالحسين خان ولد مير عباس علي خان ولد مير محمد نصير خان شهداداڻي (جيڪو سنڌ ملڪ جو آخري تاجدار هو) ڪلڪتي شهر ۾ 1267هه مطابق 1851ع ۾ ڄائو. سانگي پنهنجي هڪ سنڌي غزل ۾ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته:

"اسان جو ملڪ بنگالو الا يا ايها الساقي"

عبدالحسين سانگي جو ننڍپڻ انگريزن جي قيد ۾ گذريو ۽ سندس والد پڻ اتي سنه 1857ع ۾ فوت ٿيو. جڏهن سنڌ جا مير سنه 1859ع ۾ قيد کان آزاد ٿي پنهنجي وطن آيا ته ان وقت عبدالحسين خان اٺن سالن جو هو. عبدالحسين خان به پنهنجي پيءُ جي سؤٽ مير حسين علي خان ولد مير نور محمد خان سان گڏ حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو.

ڪلڪتي ۾ عبدالحسين خان فارسي ٻولي جي ابتدائي تعليم سيد مرزا حسن علي عرف مرزا بزرگ "وفا" کان حاصل ڪئي. حيدرآباد سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ آخوند احمد ولد آخوند عبدالعليم هالائي کان وڏيڪ درس ورتائين. فارسي ۽ اردو شعر ۾ مولوي ابوالحسن ولد مولوي مهدي حسن لکنوي ۽ سنڌي شعر ۾ غلام محمد شاهه "گدا" کان اصلاح ورتائين.

پاڻ فارسي ۽ اردو جي قديم ۽ جديد شاعرن جي شعر جو مطالعو ڪري، ان مان انتخاب ڪيائين، پر سندس دل تي خاص اثر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سنڌي بيتن ۽ وائين جو ٿيو. اهڙي طرح شاهه عبداللطيف جو رسالو لکرائي انهن قلمي نسخن کي شايع ڪيائين ۽ حضرت شاهه صاحب بابت روايتون گڏ ڪري، هي ڪتاب "لطائف لطيفي" مرتب ڪيائين.

عبدالحسين خان جو سندس وقت ۾ شعر ۽ ادب جي ذوق ۾ بلند مرتبو هو. سنڌي شعر ۾ پنهنجو تخلص "سانگي" رکيائين ۽ غزلن جا ٽي ديوان منظوم ڪيائين. اردو ۽ فارسي ۾ غزل، مثنويون ۽ شعر "عبدالحسين" جي نالي سان چيائين. سنڌي نثر ۾ افسانا لکيائين ۽ فارسي نثر ۾ هي ڪتاب "لطائف لطيفي" تاليف ڪيائين. البت سندس طبيعت جو گهڻو لاڙو نظم ڏانهن هو. جيئن هن ڪتاب ۾ به سندس نظم جي عبارت نثر کان نرالي آهي.

سندس همعصر اديب ۽ شاعر، جن سان عبدالحسين خان "سانگي" صحبتون ڪيون سي گهڻا هئا، جيئن ته: غلام محمد شاهه "گدا"، ميون وڏل "حيدري"، صاحبڏنو شاهه بلڙي وارو، مير محمد حسين شيرازي "ناخدا"، سيد نقي قنڌاري "نائب"، وزير ڄام لسٻيله مرزا محمدشفيع "مشتري"، ميان امداد علي ٻڙدي بلوچ "امداد"، سيد فاضل شاهه "فاضل"، آخوند احمد هالائي "احمد"، آخوند اميد علي "سها"، آخوند محمد قاسم هالائي "قاسم"، حافظ حاجي حامد "حامد"، محمد يوسف "مسڪين"، فضل محمد "ماتم"، رسول بخش "راهي"، مرزا قليچ بيگ "قليچ"، مرزا دوست محمد "دوست" ۽ ٻيا. جن فاضلن جو "سانگي" سان دوستيءَ جو ناتو هو اهي هي هئا: سيد غلام محمد شاهه "گدا"، سيد صاحبڏنو شاهه گادي نشين بلڙي شريف (جيڪا شاهه عبداللطيف جي وڏي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم جي آخري آرامگاهه آهي) ۽ ميون وڏل علوي قادري تخلص "حيدري" (شيخ ريحان جي اولاد مان، ساڪن سعيد پور، مضافات

حيدرآباد). ”لطائف لطيفي“ جو هيءُ نسخو تاريخ 10 آگسٽ 1891ع مطابق 4 محرم 1308هه تي ”سانگي“ پاڙ ”حيدري“ کي تحفي طور ڏنو هو جيڪا ڳالهه هن ڪتاب جي آخر واري عبارت مان واضح آهي.

مير عبدالحسين خان تاريخ 8 ذوالقعد 1343هه مطابق 21 جون 1924ع تي وفات ڪئي. حضرت شاهه عبداللطيف جي پاڙي ۾ ڀٽ شاهه تي دفن ٿيو. سندس قبر لطيف سرڪار جي روضي جي ٻاهران اولهه طرف آهي.

”لطائف لطيفي“ کي سانگي ”تاريخ 10 ذوالقعد 1305هه 19مطابق جولاءِ 1888ع جمعي جي ڏينهن“ ترتيب ڏئي پورو ڪيو. ظاهر آ هي ته ان کان اڳ هو ڪجھ عرصي تائين شاهه عبداللطيف سان منسوب روايتن ۽ حڪايتن کي گڏ ڪرڻ ۾ مشغول هو. جيئن ته سانگي هنن حڪايتن گڏ ڪرڻ وقت محبت ۽ عقيدت جي جذبي سان سرشار هو. ان ڪري هنن روايتن ۽ حڪايتن ۾ خوش اعتقادي کي دخل آهي. ڪي حڪايتون ته ڪچيون ڦڪيون به آهن. تنهن ڪري انهن حڪايتن کي صداقت جي ڪسوٽي تي پرکڻ لاءِ تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. مخدوم ”مير پير پنج پڳيه“ گادي نشين مخدوم نوح هالائي جي حضرت شاهه عبداللطيف سان مخالفت ممڪن آهي، پر روايت جو تفصيل ۽ اندازِ بيان جيڪو ”پنجين حڪايت“ ۾ آيل آهي، سو مبالغي کان خالي ناهي. ”چويهين حڪايت“ ۾ آهي ته مخدوم عبدالرئوف ڀٽي زهر آلود وڳو حضرت شاهه عبداللطيف ڏي موڪليو هو. اها روايت به ظاهر ظهور ضعيف ۽ غير متعبر آهي، ڇو ته مخدوم عبدالرئوف ڀٽي عاشقِ رسول هو ۽ سندس ڪلام جو جيڪو ذخيرو اسان جي آڏوآهي، ان مان به ظاهر ٿئي ٿو ته هو ديني محبت جي جذبي سان اهڙو سرشار هو جو ان کان هي ڪڏو ڪم ۽ اهڙي قسم جي عداوت رکڻ تصور ۾ به نٿي اچي.

اهڙي طرح ڪي حڪايتون ته حضرت شاهه عبداللطيف جي ڪردار ۽ تعليم جي ابتڙ آهن. حضرت شاهه صاحب نيت جي سچائي ۽ ارادي جي پختگي کي مقدم رکيو. هُو پنهنجن بيتن ۾ تلقين ٿو ڪري، بلڪ سخت تاڪيد ٿو ڪري ته اي مرد خدا! پهريائين مقصد نيڪ ۽ مٿانهون رک ۽ ان کان پوءِ ان مقصد حاصل ڪرڻ ۾ جاکوڙ ۽ ڪوشش اهڙي طرح ڪر، جو ڪا به شيءِ توکي واٽ ۾ رنڊڪ نه وجهي. انهيءَ جي باوجود، ارڙهين

حڪايت ۾ چوي ٿو ته حضرت شاهه صاحب ڪربلا جي زيارت لاءِ سنيري نڪتو هو پر پوءِ واٽ تان ڪنهن مصلحت تحت موٽي پيو.

مؤلف حڪايتن جي بيان ۾ شاعراڻو طريقو اختيار ڪيو آهي ۽ شاعراڻو اسلوب مبالغي کان خالي نه هوندو آهي. جيئن پاڻ چوي ٿو ته:

چنان رنگين شده نثرم که از پيچيده مضمونش
يکايک تار تار از رشک گشته جعد سنبلها.

مطلب ته: منهنجو نثر به رنگين ۽ پيچيدي مضمون وارو آهي.

انهن اُوڻاين جي باوجود ڪتاب ”لطائف لطيفي“ خلوص ۽ سچائي جي جذبي تي مبني آهي، جيڪا وڏي علمي خدمت آهي. مؤلف لکيو آهي ته هن حضرت شاهه عبداللطيف جي احوال ۽ آثار گڏ ڪرڻ جي شروعاتي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هن بعد جيڪي به هن راهه ۾ قدم رکندا ته ضرور هن مان رهنمائي حاصل ڪندا.

**الفضل للمتقدم.**

اسان کي خبر آهي ته حضرت شاهه عبداللطيف جو احوال اڃا تائين تشنئہ تحقيق آهي. هيءُ ڪم اڃا ڪنهن صحيح معنيٰ ۾ شروع ئي نه ڪيو آهي. بهرحال ”لطائف لطيفي“ شاهه لطيف جي سوانح حيات جي بابت هڪ اهم بنيادي ماخذ آهي. اميد آهي ته هن ڪتاب جي اشاعت محققن لاءِ مشعل راهه ٿيندي.

**نبي بخش خان بلوچ**
ايڊوائيزر نيشنل هجرا ڪائونسل
اسلام آباد

٢٦ ذوالقعد ١٤٠٦هه
مطابق 3 آگسٽ 1986ع

# ديباچو

سانگي، ديباچي ۾ حقيقت محمدي، ساهيت مرتضوي، عالم روح ۽ عالم رنگ و بو جي ذڪر کان پوءِ ڪتاب جي تاليف جو سبب بيان ڪندي چوي ٿو تہ: هن ڪتاب "لطائف لطيفي" جي تصنيف ۽ تاليف هن طرح ٿي جو حضرت شاهہ صاحب بابت جيڪي حڪايتون، روايتون ۽ وڻندڙ نڪتا ماڻهن کان ٻڌندو هوس تہ، اهي مبالغي کان خالي ۽ تمام آسان عبارت ۾ لکندو ويس، ڇو تہ منهنجو مقصد خودنمائي ۽ عبارت آرائي ڪرڻ نہ آهي، پر منهنجي دل جو رايو هي آهي تہ ڪتاب ۾ عام مروج لفظ هجن. يعني ڪتاب جي ٻولي سولي ۽ عام فهم هجي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو ڏکيو لفظ آهي تہ ان جي عيوض سنڌي يا ٻئي لفظ معنيٰ سان آيل آهن تہ، جيئن مطالعي ڪندڙن کي لغت جو ڪتاب ڏسڻو نہ پوي.

مخفي نہ رهي تہ هن کان گهڻا سال اڳ درگاهہ شريف جا پيرسن فقير ۽ درويش، جيڪي جسماني سالڪ ۽ روحاني عارف هئا، جن کي حضرت شاهہ صاحب جا ڪرامت ڀريا داستان ياد هئا. انهن سان ملاقي ٿي ۽ انهن کان اهي داستان بہ ٻڌم، پر جواني ديواني جي دور ۾ ڪا ڪل ڪا نہ ٿي پوي، پر ان جي باوجود حضرت شاهہ صاحب بابت ڪو نڪتو مليو پئي تہ لکندو ويندو هوس.

آخر اهو اچا اڻ پورو رسالو هو جو مير گل حسن خان بهادر وٽ پهتو ۽ اتان اهو برڪت ڀريو رسالو مطالعي واسطي مير امير علي خان ڪنيو. گهڻي وقت کان پوءِ مرزا قليچ بيگ ۽ مرزا فريدون بيگ کي حضرت شاهہ صاحب بابت رسالي ڏاهڻ جو شوق ٿيو. اهو ٻڌي راقم کي تمام گهڻي خوشي ٿي، جيڪي بہ محقق خبرون مون وٽ گڏ ٿيل هيون، سي مرزا صاحب کي

پهچايم. مرزا صاحب انهن مان چونڊ ڪري ٿوري تي اڪتفا ڪئي ۽ ڇيدا نسخا، هڪڙو انگريزي ٻوليءَ ۾ ٻيو سنڌي زبان ۾ تيار ڪيا.

مرزا صاحب کي ٻئي رسالي ٺاهڻ جو به ارادو هو جيئن شاهه لطيف صاحب جو سنڌي نظم وارو رسالو سج کان وڌيڪ روشن آهي. ڪنهن کي مجال آهي جو ان جي خيال ۽ فڪر جي انتها کي پهچي، پر ڪن پنهنجي لياقت آهر بيتن جي سُر وار تشريح جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا سندن قابل تحسين محنت آهي.

جيئن ته سيئي حڪايتون ان ۾ درج نه ٿيون ۽ هن قحط الرجال جي زماني ۾ ٻيو ڪو انهن کي ظاهر ڪري ۽ جن راوين کان هن گنهگار اهي حڪايتون ٻڌيون، اهي به عدم جي واٽ وٺي ويجي آرامي ٿيا. ان ڪري مون کي خيال ٿيو ته جيڪر انهيءَ تذڪري کي محفوظ ڪجي، ان ڪري دل و جان سان ڪوشش ڪري انهن، پوشيده حالات کي ظاهر ڪيم ۽ هن رسالي جو نالو "لطائف لطيفي" رکيم. جيئن ته هي رسالو مختصر آهي، تنهن ڪري هن جي ترتيب ڪا نه سينگاريم. مقصد هي آهي ته ڪجھ عرصي گذرڻ کان پوءِ هي چند سٽون لکيل محفوظ هجن ته هن کان پوءِ جيڪو حضرت شاهه صاحب بابت لکڻ گهري ته هن آڳاٽي خزاني مان بهرور ٿئي ۽ جيڪو به هن پوشيده خزاني کي ڏسي ته مون کي خير جي دعا سان ياد ڪري.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ جز ۽ ڪل، ڪثرت ۽ وحدت جي بيان کان پوءِ چوي ٿو ته باغ جي گل کي بقا ڪونهي، جڏهن ته نظم جو گل بقا وارو رهي ٿو. سهڻو سخن نيڪي سان ياد ڪيو ويندو آهي ۽ سخن بد، خراب ٿي ڳڻيو ويندو آهي. جيئن مشهور آهي: "مومن، مومن جو آئينو آهي." اُميد آهي ته عبدالحسين جو هي نسخو يادگار رهندو.

# ڪتاب جي شروعات

سانگي حمد، صلواة ۽ اهلبيت تي سلام ڪان بعد، هاهوت، ياهوت لاهوت، جبروت، ملڪوت، عالم مثال، عالم شهادت، عالم صورت ۽ عالم دنيا جي ذڪر ڪان پوءِ چوي ٿو تہ اهلبيت جو شجرو مبارڪ اول ڪان آخر تائين پاڪ ۽ پڻ مجيل آهي تہ قرآن ڪريم ۽ اهلبيت جدا نہ ٿيندا، جيستائين حوض ڪوثر جي ڪناري تي پهچن. جيئن تہ هي ڪتاب درياءَ مرتضوي جي موتي، مرشد سيد عبداللطيف شاهہ جي شان ۾ آهي. ان ڪري سندن شجرو مبارڪ درج ڪجي ٿو.

## شجرو مبارڪ:

حضرت مرشدنا سيد عبداللطيف بن سيد حبيب شاهہ (جنهن کي چار فرزند هئا) بن سيد عبدالقدوس شاهہ (ان کي ٻہ فرزند هئا) بن سيد جمال شاهہ (ان کي هڪ فرزند هو) بن سيد عبدالڪريم بلڙي وارو.

## مرشدنا حضرت سید عبدالکریم شاھہ بلڑي وارو

- ١ سید لال محمد شاھہ سجاده
- ٢ سید عبدالرحیم
- ٣ سید جمال شاھہ
  - سید عبدالقدوس
    - سید حبیب شاھہ
    - سید عبدالرشید
- ۴ سید برهان شاھہ
- ۵ سید الله شاھہ
- ٦ سید دین محمد سجاده
- ٧ سید حسین سجاده
- ٨ سید عبدالقدوس


سيد عبدالرشيد
سيد شهزادو
سيد عبدالقدوس
سيد كبير محمد
سيد نالي چڱو
سيد عبدالقدوس
سيد قائم محمد
سيد ڪامل شاهہ
سيد بيگ محمد


سيد حبيب شاھ
سيد عبداللطيف
حضرت مرشد زمان
سيد عبداللطيف شاھ
تارڪ ٻٽائي
سيد جمال شاھ
سيد شهزادو
درگاھ لطيفي جي گادي نشينن
جي شاخ جو شجرو هتان شروع
ٿئي ٿو.
سيد ڪريم ڏنو شاھ
سيد مبارڪ شاھ


سيد ڪريم ڏنو شاهہ
سيد جمال شاهہ
درگاهہ لطيفي جو پهريون گادي نشين ٿيو ۽ سندس قبر لطيف جي پاسي ۾ آهي ۽ گادي نشين هن جي اولاد مان آهن.
قائم محمد شاهہ
سيد مبارڪ
سيد قبول
سيد مصري شاهہ
قائم محمد شاهہ
سيد شجاع
سيد بقا
سيد مقيم شاهہ
سيد محسن
سيد عبدالرحيم
سيد ميرل شاهہ
سيد عبدالرشيد


سید مصری شاه
سید پیر محمد
سید احسان علی
سید نظر علی
یار محمد شاه
سید میر محمد
سید خان محمد
سید میر محمد
سید پیر محمد
سید یار محمد
سید نور محمد


سيد جمال شاھ
سيد قائم الدين شاھ
سجاده
سيد قائم شاھ
سجاده لطيفي
سيد بچل شاھ
سيد مٺو
سيد ولي محمد
سيد مدد علي
سيد مڱيو
غلام حيدر شاھ
سيد دائود
سيد حسين علي
معذور
سيد شير محمد
سيد مٺو


سيد قائم الدين
سيد محمد شاه
سيد اميد علي
سيد لطف علي
صاحب سجاده لطيفي
سيد محمد علي
سيد الله بخش
سيد غلام شاه
سيد ذنل شاه
سيد علي بخش شاه
صاحب سجاده
سيد الله بخش شاه
سجاده لطيفي


سيد ذنل شاهہ
سيد مرشد لطف علي شاهہ
موجوده گادي نشين درگاهہ لطيفي
سيد دوست علي شاهہ
سيد علي بخش شاهہ
جانشين
سيد ذنل شاهہ

مخفي نہ رهي تہ سيد عبدالڪريم شاهہ بلڙي واري کان وٺي حضرت اولياءَ صاحب (سيد عبداللطيف ڀٽائي) تائين شجرو تحرير ڪيو اٿم. هينئر متعلوي ساداتن جو سنڌ ملڪ ۾ اچڻ ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي واري کان وٺي حضرت آدم عليہ السلام تائين شجرو درج ڪجي ٿو:

سيد عبدالڪريم شاهہ بن سيد لعل محمد عرف لله شاهہ بن سيد عبدالمومن عرف ميهہ شاهہ بن سيد هاشم شاهہ بن سيد حاجي شاهہ بن جلال محمد عرف جرار شاهہ بن سيد شرف الدين شاهہ (ان کي ٻہ پٽ هئا. (1) سيد گهريہ عرف ڪمال (2) سيد احمد) بن سيد مير علي شاهہ (ان کي ٻہ پٽ هئا (1) سيد احمد. (2) سيد ابراهيم. سيد احمد کي بہ ٻہ پٽ هئا (1) سيد چتو (2) سيد صاحب. سيد چتي کي بہ ٻہ پٽ ٿيا (1) سيد نٿو (2) سيد مير حسن. سيد صاحب کي بہ ٻہ فرزند ٿيا (1) سيد موسيٰ (2) سيد عيسيٰ) بن سيد حيدر شاهہ (سيد حيدر شاهہ کي بہ ٻہ فرزند هئا. جيڪي پيءُ سميت هرات ۾ هئا) بن سيد مير علي شاهہ (ان کي چار فرزند هئا (1) عبدالباقي (2) عبدالرزاق. (3) عبدالواحد (4) سيد ابوبڪر) بن سيد محمد شاهہ (پهريان شيراز ۾ هو پوءِ ترمذ ۾ اچي رهيو) بن سيد حسين شاهہ (ترمذ ۾ هو) بن سيد علي شاهہ (ترمذ ۾ هو) بن سيد يوسف شاهہ (پهريان شيراز ۾ هو بعد ۾ ترمذ ۾ اچي رهيو) بن سيد حسين شاهہ (شيراز ۾ رهندو هو) بن سيد ابراهيم شاهہ (شيراز ۾ هو) بن سيد علي جواري شاهہ (هي بہ شيراز جو رهاڪو هو) بن سيد حسين الاڪبري بن سيد جعفر ثاني بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن امام حسين عليہ السلام شهيد ڪربلا بن حضرت علي المرتضيٰ بن ابي طالب بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصي بن ڪلاب بن مرهہ بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانہ بن خزيمہ بن مدرڪہ بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان بن اُد بن اُدد بن ايسع بن هميع بن سلا مان بن يضرب بن نخشب بن حمل بن قيذار بن حضرت اسماعيل عليہ السلام بن حضرت ابراهيم عليہ السلام بن آزر بن تارخ بن ماروخ بن اسوغ بن ساروغ بن ارغو بن قانع بن جابر بن حضرت هود عليہ السلام بن شالخ بن ارفخشد بن حضرت سام عليہ السلام بن حضرت نوح عليہ السلام بن مالڪ

بن متو شلخ بن اخنوخ بن حضرت ادريس عليہ السلام بن نيرو بن مهائيل بن قينان بن انوش بن حضرت شيث عليہ السلام بن حضرت آدم عليہ السلام.

ناسوت- آدم نباتات مان، نباتات رب ڪريم جي قدرت سان ڪاٺ مان، ڪاٺ، ڪرهء خاڪ مان، جنهن جو نالو مميت آهي ۽ اهو پاڻي مان، جنهن جو نالو محي آهي ۽ اهو هوا مان، جنهن جو نالو قابض آهي ۽ اهو ڪرهء آتش مان، جنهن جو نالو مبين آهي، جو جسم انهن عنصرن مان موجود ٿيا.

ملڪوت- اهو ارواح مان، جنهن جو نالو عالم خيال ۽ غيب آهي.

جبروت- اها پهرين تجلي نور خاص جي آهي.

لاهوت- اهو احديت مان ۽ لامڪان بي نشان، جنهن جو نالو اهو الله تعاليٰ آهي.

# سنڌ ۾ متعلوي ساداتن جي اچڻ جو احوال

تحقيقي روايت ۾ آيو آهي تہ. ساداتن سڀ کان پهرين جو سنڌ ملڪ ۾ اچڻ هن طريقي سان ٿيو جو جڏهن تيمور بادشاهہ ملڪن جي فتوحات جو ارادو ڪيو ۽ سندس لشڪر ”هرات“ وٽ پهتو جنهن جو تعداد ٻہ لک ٻاهٺ هزار ٽي سئو ٻارنهن هو. تڏهن مير علي شاهہ (شاهہ لطيف جو چوڏهون نمبر وڏو ڏاڏو) تيمور بادشاهہ جي لشڪر جو هن طرح استقبال ڪيو جو لشڪر جي تعداد موجب 2 لک 62 هزار 3 سئو ٻارنهن رپيا مهماني طور ڏنائين. ان مهماني تي تيمور بادشاهہ سيد مير علي شاهہ ۽ سندس فرزندن جي نيڪ خصلتن ۽ دانشمندي ڏسي خوش ٿيو. ان ڪري انهن مان هر هڪ کي مٿانهين رتبي تي فائز ڪيائين. سيد عبدالباقي کي اجمير، سيد عبدالواحد کي ملتان، سيد عبدالرزاق کي بکر ۽ سيد ابوبڪر کي سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيائين. سيد شرف الدين پنهنجي قبيلي ۾ رهيو. البت سيد حيدر پنهنجي پيءُ جي رفاقت ۾ تيمور بادشاهہ سان گڏ هندستان ۾ آيو. ان کان پوءِ (سيد حيدر شاهہ) بادشاهہ کان رخصت ڪري، پنهنجي پيءُ (سيد مير علي) کان اجازت وٺي، سنڌ ملڪ جو ارادو ڪيو. آخرڪار هالاڪنڊي پرڳڻي هالا شهر ۾ اچي پهتو. اتي شاهہ محمد قوم هالا، سيد حيدر شاهہ کي پاڻ وٽ مهمان رکيو. چون ٿا تہ ان وقت جي حاڪم ميران محمد ان هالا قوم جي ماڻهن تي پنج سئو ڏنڊ وڌو هو ان ڪري اهي ڏاڍا پريشان ۽ سرگردان هئا. سيد حيدر شاهہ غريبن تي رحم ڪري اهو ڏنڊ پنهنجي هڙان ان حاڪم کي پهچايو ۽ انهن ماڻهن کي پريشان حاليءَ کان آجو ڪيائين. ان ڏکئي وقت ۾ سيد حيدر شاهہ جي اهڙي امداد ڪرڻ تي اهي ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ احسانمند ٿيا ۽ سندس هر طرح خدمت ڪرڻ لڳا.

مطلب تہ سيد حيدر شاھہ کي عرض گذاري، راضي ڪري، شاھہ محمد ولد درياءُ خان پنهنجي نياڻي فاطمہ ان کي نڪاح ڪري ڏني. جيئن تہ حيدر شاھہ جي والده جو نالو بہ بي بي فاطمہ ھو ان ڪري پنهنجي گھرواريءَ جو نالو مٽائي بي بي سلطان رکيو ۽ پاڻ ھڪ سال پنج مهينا ھالاڪنڊيءَ ۾ آرام سان رھيو.

اتي ڪيس سندس والد سيد مير علي جي رحلت جي خبر پھتي تہ پاڻ ھرات سنبريو. جيئن تہ سندس ھالاڪنڊي واري بي بي اميد سان ھئي. ان ڪري بي بي سڳوريءَ کي الله جي آسري ھالاڪنڊيءَ ۾ ڇڏيائين. پاڻ ويندي مهل ڪيس منڊي تڪ سميت، ھڪ جڙڌار خنجر ۽ ھڪ ھراتي ٻانهي بي بي سڳوريءَ جي خدمت لاءِ ڏنائين ۽ چيائين تہ جيڪڏھن نياڻي ڄمي تہ ان جو نالو بي بي فاطمہ رکجو. ايئن چئي پاڻ ھرات جي سفر تي اسهيو. سيد حيدر شاھہ ھرات ۾ ٽي سال ستاويھہ ڏينهن رھي راھہ رباني ورتي.

ياد رھي تہ سيد حيدر شاھہ کي ھالاڪنڊيءَ ۾ اچڻ کان اڳ ھرات ۾ بہ ٻہ پٽ سيد محمد ۽ حسين نالي ھئا. ھرات ۾ پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت جا اھي وارث بڻيا. ھوڏانهن الله جي مهربانيءَ سان سنڌ ملڪ جي ھالاڪنڊيءَ ۾ بہ سيد حيدر شاھہ جي گھر پٽ ڄائو. اھو جڏھن وڏو ٿيو تہ ھراتي ٻانهي جي مصلحت سان پيءُ جون نشانيون، منڊي ۽ خنجر کڻي ھرات روانو ٿيو.

جيئن تہ کيس معلوم ھو تہ سيد حيدر شاھہ وفات ڪري ويو آھي، ھاڻي سندس مطلب ھو تہ برادري جو رشتو مضبوط ڪري پنهنجو ورثو وٺي. آخر ھرات پهچي پنهنجي ڀائرن سان مليو، انهن کان پيءُ جي مال مان پنهنجو حصو گھرڻ لڳو. پهريان تہ انهن ڀائرن انڪار ڪيو پر پوءِ ھراتي ٻانهيءَ، تڪ واري منڊي ۽ خنجر جهڙيون نشانيون ڏسي پڪ ٿين. اتي جي حاڪمن بہ انهن جي تصديق ڪئي ۽ سيد مير علي کي ٽيون حصو ڏنائون. پاڻ پنهنجو حصو وٺي پنهنجي چاچي شرف الدين شاھہ کي ساڻ ڪري وري سنڌ موٽي آيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ (شرف الدين شاھہ) گذاري ويو. سيد مير علي شاھہ شادي ڪئي. ان کي ٻہ فرزند ڄاوا: ھڪ شرف الدين ٻيو سيد احمد. شرف الدين وڏو ٿي جدا ٿيو. ھاڻي ان جي اولاد کي "شرف پوٽا" سڏيا وڃن ٿا ۽ سيد احمد شاھہ بہ شادي ڪئي، پر پيءُ سان گڏ

رهيو. ان جو اولاد ڏاڏي جي نالي سان مشهور آهي. انهن کي متياريءَ ۾ ”ميرڻ پوٽا“ چوڻ ٿا.

## نظم جو خلاصو

سانگي چوي ٿو تہ هينئر اهل بيت جو شجرو پورو لکيو اٿم ۽ بيو متعلوي ساداتن جو حال، هرات کان سنڌ ۾ اچڻ بابت بہ ظاهر ڪيو اٿم. مهربان مالڪ کان مدد گهري هن نسخي جي لکڻ تي ڪمر ٻڌي اٿم. هاڻي حضرت اولياءَ صاحب جي پيري مريدي جي سلسلي جو داستان لکان ٿو. هن خاندان جي فقراءَ مان، ڪنهن هڪ جي ڏسڻ سان بہ مطلب حاصل ٿئي ٿو. تون عبدالحسين شادمان ٿي، جو تنهنجو هي ڪتاب (لطائف لطيفي) يادگار رهندو.

# پيري مريديءَ جو سلسلو

حضرت اولياءَ صاحب (يعني سيد عبداللطيف ڀٽائي) جي طريقت ۽ ارشاد، پيري مريدي جو سلسلو حضرت محمد ﷺ تائين تحرير ڪجي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ”تارڪ“ پنهنجي پيءُ سيد حبيب شاهه کان تلقين ورتي، پر حقيقت حال هن طرح آهي ته، حضرت اولياءَ صاحب ”اويسي“ هو. روحاني طريقي سان، حضور اڪرم ﷺ کان فيض حاصل ڪيو هئائون. جهڙيءَ طرح اويس قرني، حضور اڪرم ﷺ کان فيض حاصل ڪيو هو. جيتوڻيڪ سندن حضور پر نور ۾ حاضري به ڪا نه پري سگهيو هو. جيڪڏهن ڪو حضرت اولياءَ صاحب کان ان باري ۾ پڇندو هو ته، پاڻ فرمائيندا هئا ته، لطيف جو مرشد سندن والد حبيب شاهه آهي. حضرت اولياءَ صاحب جو ظاهري طريقت جو سلسلو هن طرح آهي: سيد عبداللطيف شاهه ”ڀٽ ڌڻي“ پنهنجي پيءُ سيد حبيب شاهه جي هٿ تي بيعت ڪئي. ان پنهنجي پيءُ حضرت عبدالقدوس کان فيض حاصل ڪيو. ان پنهنجي پيءُ سيد جمال شاهه کان تلقين ورتي. ان سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي هٿ تي بيعت ڪئي. هي پاڻ اويسي هو پر ظاهري فيض سلطان ابراهيم بهاري کان حاصل ڪيو هئائين. ان وري شاهه علي الهاشمي کان فيض ورتو. ان شاهه شرف الدين کان فيض پرايو. ان شاهه شهاب الدين قاسم کان فيض حاصل ڪيو. ان وري بدرالدين يحيٰ کان فيض پرايو. ان شاهه نورالدين حسين کان فيض ورتو. ان شاهه شمس الدين محمد کان فيض ورتو. ان سيف الدولة يحييٰ کان فيض ورتو. ان ظهير الدين احمد کان فيض ورتو. ان شهاب الدين احمد کان فيض ورتو. ان عمادالدين ابو صالح نصر کان فيض ورتو. ان شاهه عبدالرزاق کان ذڪر ورتو. ان سيد عبدالقادر

حسني حسيني جيلاني کان فيض پرايو. جنهن جو روضو بغداد ۾ آهي. ان پنهنجي مرشد ابو سعيد بن علي مبارڪ المخزومي کان فيض حاصل ڪيو. ان ابوالحسن علي بن محمد يوسف القرشي کان فيض ورتو. ان ابوالفرح طرطوسي کان فيض ورتو. ان ابوالفضل عبدالواحد بن عبدالعزيز اليمني کان فيض پرايو. ان ابوبڪر شبلي کان فيض حاصل ڪيو. ان جنيد بغدادي کان فيض پرايو. ان خواجہ ابوالحسن سري سقطي کان فيض ورتو. ان خواجہ معروف ڪرخي کان ذڪر ورتو. ان امام علي رضا کان فيض حاصل ڪيو. ان امام موسيٰ ڪاظم کان فيض پرايو. ان امام جعفر صادق کان فيض ورتو. ان امام محمد باقر کان فيض ورتو. ان امام زين العابدين کان فيض ورتو. ان امام حسين شهيد ڪربلا کان فيض حاصل ڪيو. ان حضرت علي بن ابي طالب کان فيض حاصل ڪيو. ان شافع روز محشر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کان فيض حاصل ڪيو.

## نظم جو مطلب

حمد باري تعاليٰ ۽ خاص پانهن جي ڪيفيت بيان ڪرڻ کان پوءِ سانگي چوي ٿو تہ: حضرت اولياءَ صاحب توحيدي طالبن مان هڪ آهي. اهو منهنجو مرشد، سيد پارسا ۽ خلق جو قبلہ نما آهي. سندس وجود توحيد سان سينگاريل ۽ سندس دل بہ الاهي عشق سان ڀرپور آهي. (ڀٽ شريف) طور وانگر اوج تي آهي. سندس روضو مبارڪ ۽ ان جو صحن بہ جنت جي باغ وانگر آهي. سندس مسجد تہ قبن واري بہ عجيب آهي. ان جي سامهون اڱڻ ۾ ڇهج ساوا وڻ بہ آهن ۽ صحن جي چوڌاري خليفن ۽ فقيرن جون خانقاهون آهن. صحن ۾ اونهو کوهہ بہ آهي، جيئن بيت الله ۾ زم زم جو کوهہ آهي. جمعي جي رات لطيفي راڳ ڳايو ويندو آهي، جنهن ۾ توحيدي تنوار هوندي آهي. ان جو سوز ۽ اثر خاص ۽ عام تي پوي ٿو. ان رات هر طرف جي خلق، ذوق ۽ شوق سان ايندي آهي. صفر مهيني ۾ بہ وڏو ميلو ٿيندو آهي، جو ان مهيني ۾ اولياءَ صاحب جو وصال ٿيو هو. هن وقت سندس مسند تي لطف علي شاهہ آهي، جيڪو پڻ ظاهري ۽ باطني فيض جو صاحب آهي. سالڪن فقيرن کان هي روايتون ٻڌي ڪتاب تيار ڪيو اٿم، جيڪو هن زماني ۾ "عبدالحسين" جو يادگار رهندو.

## داستان جي شروعات

حضرت سيد عبداللطيف شاهہ رسول الله ﷺ جي اولاد مان آهي. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو صاحب ۽ "تارڪ" جي لقب سان مشهور آهي. مير علي شير "قانع" ٺٽوي جي ڪتابن "تحفتہ الڪرام" ۽ "معيار سالڪان طريقت" ۾ آهي تہ حضرت اولياءَ صاحب دنيا کي ترڪ ڪيو هو. ان ڪري سندس لقب "تارڪ" پيو. اولياءَ صاحب جي ولادت سن 1102هہ ۾ "ڀئي پور" ۾ ٿي، جيڪو هڪ ڳوٺ "ڪٽياڻ" ڳوٺ جي ويجهو آهي. سندس ولادت جي جاءِ تي مسجد ٺهيل آهي ۽ اها مسجد هينئر بہ "نصير واهہ" جي ڪناري تي صحيح سلامت آهي.

صحيح روايتون آهن تہ، حضرت اولياءَ صاحب ننڍپڻ کان واصل باالله، يعني ڄمندي ڄام هئا. ننڍي هوندي گهر جي صحن واري پٽ تي ويهندا هئا، پر جڏهن ڪجهہ وڏا ٿيا تہ سندن اڪثر راند هيءَ هوندي هئي جو شهر جي ڇوڪرن کي گڏ ڪري سماع يا ذڪر ۾ مشغول رهندا هئا ۽ ڪڏهن تير ڪمان بہ هٽندا هئا. سندن تير اڪثر نشاني تي لڳندو هو پر پاڻ ان سان ڪنهن بہ ساهواري کي نہ ايذايائون.

# حڪايت: 1

روايت آهي تہ سنڌ جو حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙو عباسي هو. دنيا دولت سان گڏ پيري مريديءَ جو صاحب بہ هو. جڏهن لطيفي فيض جو آواز بلند ۾ مشهور ٿيو تہ "ميان نور محمد ڪلهوڙو عباسي" نانگ وانگر وٽ کائڻ لڳو. لطيفي فيض جو احوال ڪيس خادم ٻڌائيندا هئا. جيتوڻيڪ حضرت اولياءَ صاحب جو احوال ان وقت عروج ۾ زوال تي مشتمل هو. ڪڏهن عروج جي حالت ۾ مخلوق کان ڪناره ڪشي ۾ ڪڏهن نزول جي حالت ۾ عام صورت ۾ رهنمائي ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن فقيرن جي جماعت سميت پنهنجي وڏي ڏاڏي سيد عبدالڪريم بلڙي شريف، واقع "لاڙ" جي درگاهہ تي ويا. ان وقت شاهہ ڪريم تي روضو ٺهيل ڪو نہ هو رڳو وٽن جي هيٺان سندس مزار مبارڪ ٺهيل هئي. حضرت اولياءَ صاحب کي خيال آيو تہ سندس روضو ٺهرائجي، پر ان لاءِ مشڪل هي هو تہ سيد عبدالڪريم بلڙي واري کي روضو ٺهرائڻ منظور نہ هو. ان ڪري جنهن بہ ماٿهو قبر واري وڻ کي وڍڻ لاءِ هٿ ڊگهو تي ڪيو تہ ان کي تڪليف پئي ٿي. آخرڪار حضرت اولياءَ صاحب سيد عبداللطيف شاهہ ڪرامت جي زور تي اجازت حاصل ڪري، ان پراڻي وڻ کي وڍيو ۾ پاڻ سامان ۾ ڪاشي وٺڻ لاءِ ملتان روانا ٿيا. ڪن جو چوڻ آهي تہ روضو تعمير ٿيل هو باقي ڪاشيءَ جو ڪم رهيل هو جنهن ڪري پاڻ ملتان روانا ٿيا. پر اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ پاڻ پهريان ملتان ويا هئا. اتان موٽي اچي روضي جي تعمير شروع ڪرايائون. ان وقت پاڻ "گيڙو" لباس پهريندا هئا. اهو هن ڪري جو پاڻ ڪجهہ وقت سناسين سان سفر ۾ رفاقت ڪئي هئائون. مطلب تہ پاڻ ڪاشيءَ جي بيڙي ملتان کان پرائي واپس اچي رهيا هئا تہ سندن بيڙي

خدا آباد جي ويجهو اچي لنگر هنيو. خدا آباد، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو تختگاهه هو. جڏهن ميان صاحب کي لطيف سائين جي اچڻ جي خبر پئي ته پاڻ پنهنجا ڪجهه معزز ماڻهو سندن زيارت لاءِ موڪليائين. انهن کي مفرح مرواريدي معجون به ڏنائين ته ان کي شاهه لطيف جي خدمت ۾ پيش ڪن، پر ان معجون ۾ قاتل زهر هو. حضرت اولياءَ صاحب شڪرئي سان اها معجون وٺي ملاح کي ڏئي فرمايو ته جڏهن ٻيڙي وچ درياءَ ۾ پهچي ته هن معجون کي درياءَ ۾ وجهي. ان تي ميان صاحب جي منحوس ماڻهن گهڻو ئي اصرار ڪيو ته هي اڻ لڀ شيءِ آهي، پوڙهو کائي ته جوان ٿي پوي، پر حضرت اولياءَ صاحب انهن جي ڳالهه تي توجهه ڪو نه ڏنو. ملاح، مرشد لطيف جي امر موجب معجون کي وچ درياءَ ۾ اڇليو. ان کان بعد پنهنجي حق پرست جماعت کي حڪم فرمايائون ته هاڻي پلي پاڻي پيئو. جن به ان وقت درياءَ مان پاڻي پيتو تن کي موت جي مرض کان سواءِ سڄي زندگي ڪو به مرض ويجهو نه آيو. پوءِ حضرت اوليا صاحب، ميان صاحب جي ماڻهن کي فرمايو ته ميان صاحب جو تحفو پهتو. جيڪڏهن ان کي رڳو منهنجي ٿوري جماعت استعمال ڪري ها ته ان جو فائدو رڳو اسان تائين محدود رهي ها، هاڻي پلي ته سڄي خلق درياءَ مان پئي پيئي.

ان کان پوءِ پاڻ "بلڙي" پهتا. پنهنجي وڏي ڏاڏي جو روضو جوڙايائون. ان جي پير ۾ عاليشان مسجد به ٺهرايائون. مسجد جي دروازي جي اترئين طرف شاهه ڪريم جي روضي جي سامهون هڪ ڪاشيءَ جي سر نصب ڪيائون، جنهن تي "لطيف" لکيل هو. ان وقت درگاهه ڪريمي جو گادي نشين سيد عبدالواسع شاهه هو. جڏهن ته شاهه عبداللطيف اتان فارغ ٿي واپس موٽندي "دوندي" وٽ اچي منزل انداز ٿيو. پويان سيد محمد صلاح جيڪو پڻ شاهه ڪريم جي اولاد مان هو ان درگاهه ڪريمي جي گادي نشين سيد عبدالواسع جي مجلس ۾ ٻڌو ته سيد عبدالواسع پئي چيو ته اولياءَ صاحب، ڪريمي روضو ته سٺو جوڙايو آهي، پر دروازي تي پنهنجو نالو لکرايو آهي، ته جيئن آخر ۾ سندس حجت ثابت رهي ۽ هن درگاهه ڪريمي جو وارث بڻجي. سيد محمد صلاح ان ڳالهه ٻڌڻ سان گڏ اهو به ڏٺو ته گادي نشين دروازي واري لڳل سر به ڪيرائي ڇڏي آهي. سيد محمد صلاح اها سر جنهن تي "لطيف" لکيل هو کڻي حضرت اولياءَ صاحب جي پنيان پهچندو

آيو. ان منزل تي اچي شاهه لطيف سان مليو ۽ سموري حقيقت حال عرض ڪيائين. ان وقت اولياءَ صاحب سيد محمد صلاح کي حڪم فرمايو ته هڪ نندي وڻ کي زور سان زمين مان پاڙئون ڇڪي ڪڍ. اتفاق سان وڻ جون ٽي پاڙون پٽجي آيون ۽ چوٿين پاڙ زمين ۾ رهجي وئي. ان تي حضرت اولياءَ صاحب زبان مبارڪ سان فرمايو ته منهنجو نالو عبداللطيف آهي. لطيف ته الله تعاليٰ جو نالو آهي. الله جي ذات کي جوش آيو ۽ سيد عبدالواسع جو حال هن وڻ وانگر ٿيو ۽ سيد محمد صلاح جا ٽي پشت درگاهه ڪريمي جا گادي نشين ٿيندا، ڇو ته وڻ مان ٽي پاڙون نڪتيون آهن. (خدا جي قدرت!) اهڙي طرح عبدالواسع شاهه بي اولاد هن دنيا مان گذاري ويو. سيد محمد صلاح کي معلوم هو ته منهنجا ٽي پشت گادي نشين ٿيندا. ان ڪري پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي پٽ سيد حيدر شاهه کي مرشدي جي پڳ ٻڌرائي گادي نشين بڻايائين. اهڙي طرح سيد حيدر شاهه پنهنجي نيڪ فرزند سيد قنبر علي شاهه کي پنهنجو ولي عهد ڪيو. ان پنهنجي پٽ سيد حيدر شاهه سخي کي گادي نشين بڻايو. جڏهن اهو اولاد گذاري ويو ته ان کان پوءِ سندس ياءُ سيد محمد صلاح ثاني درگاهه ڪريمي جو گادي نشين ٿيو. اهو به بي اولاد هو. اهڙي طرح حضرت اولياءَ صاحب جي قول موجب محمد صلاح جا ٽي پشت گادي نشين ٿيا. ڇهين سال کان پوءِ سيد صاحبڏنه شاهه، سيد عبدالڪريم جي اولاد جي ٻي شاخ مان گادي نشين ٿيو ۽ هينئر به لطيف سِر، ڪريمي روضي تي سج وانگر روشن آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ سيد محمد صلاح جي فرزندن، حيدر شاهه، قنبر علي شاهه ۽ حيدر شاهه ثاني جي گادي نشيني جو احوال ٻيهر آندو آهي، جيڪو نثر ۾ آيل آهي.

# حڪايت: 2

روايت ۾ آهي تہ حضرت اولياءَ صاحب اڪثر سير سفر تي هوندا هئا. آخري عمر ۾ ڀٽ تي اچي رهيا. هڪ حجرو ڀٽ جي هيٺان تعمير ڪري، ننڍو باغيچو بہ رکيائون ۽ ڀٽ کي هموار ڪرڻ شروع ڪيائون. هڪ حجرو والد صاحب لاءِ ۽ مسجد شريف ٽن قبن واري جوڙايائون. محنت سان ڀٽ جي سرزمين تي سوين فقيرن پڪي مٽي ڪٽي، ان کي هموار سڌو ۽ ڪشادو ڪيو. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي لٺ مبارڪ سان ليڪا ڪڍي، سيني فقيرن کي نشان ڪري ڏنائون تہ اهي پنهنجي وسعت آهر پنهنجا گهر ٺاهين. حضرت اولياءَ صاحب جيڪي حصا ورهاست ڪري ڏنا هئا، هينئر تائين انهن ڀتين جا نشان قائم آهن.

چون ٿا تہ جنهن وقت شاهہ لطيف جا فقير ڀٽ تي مٽي، مٽي تي ڪٽي ڀٽ شريف کي سنواري رهيا هئا تہ اتفاق سان مخدوم نوح هالائي جي درگاهہ جو پنجون گادي نشين مخدوم "مير محمد پنج پڳيہ" عرف "مير پير" پنهنجي عملي، ظاهري رعب تاب ۽ سواري سميت، ڀٽ تان اچي گذر ٿيو. جيئن تہ لطيفي فقير ڀٽ سنوارڻ جي خدمت ۾ مشغول هئا. "مير پير" اهو ڏسي پڇا ڪئي تہ "ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاٿا پيا آهيو؟ هي ڀٽ ڏيندي ٽٽ". ان کان پوءِ باوفا فقير حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ ڏکارا ٿي اچي ويٺا. حضرت اولياءَ صاحب انهن جو حال معلوم ڪري ورتو. فقيرن ادب سان عرض ڪيو تہ "مير پير پنج پڳيہ" مخدوم نوح هالائي جو گادي نشين هتان اچي لانگهائو ٿيو. سندس شان ۽ مريدن جو مان ڏاڍو خوش رنگ ۽ وڻندڙ پئي لڳو يعني ظاهري دنياوي ڏيک ويک جو ڏاڍو نظام هُين. ان ڪري اسان کي بہ نفساني ۽ بشري لحاظ کان دل ۾ خيال آيو تہ جيڪڏهن

اوهان بہ دنياداري رهڻي ڪهڻي ڏانهن توجهہ فرمايو ۽ اسان بہ انهن وانگر سينگارجي، اوهان جي حضور ۾ حاضر ٿيون. ان تي حضرت اولياءَ صاحب انهن تي افسوس ڪندي فرمايو تہ اسان ڪان پوءِ هتي دنيا جو نظارو ٿيندو جو هن درگاهہ جا فقير بہ بادشاهن جي ڏيک ڏيندا. گادي نشين بہ شاهانہ لباس پهريندا. فتجمل ۽ دنيادار ٿيندا، پر جيڪا دولت هينئر اسان وٽ سستي آهي، اها اُن وقت مهانگي ٿي ويندي. درياءَ جيڪڏهن لس ليٽ ۽ پوڏ نہ ڪندو تہ اُجايل ان مان سيراب ٿي سگهندا؟ (چاڙهہ ۾ نقصان آهي) ان ڪان پوءِ فقيرن اهو بہ عرض ڪيو تہ (مخدوم مير پير) ٿوڪ طور هي بہ چيو آهي تہ "پٽ ڏيندي ٽٽ". حضرت اولياءَ صاحب فرمايو تہ اها بہ دعا آهي جو ڍائو ماٺهو ئي ايئن ڪري سگهندو.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ مخدوم مير پير جي پٽ تي آمد جو اشارو ڪري چيو آهي تہ پٽ شريف ڏسي، اهو رنجيندو ٿيو هو جو ان جا مريد بہ لطيفي درگاهہ تي اچڻ لڳا هئا. ان ڪري پٽ تان ڪلڻ ٿي ڪيائين.

# حڪايت: 3

روايت آهي تہ جڏهن لطيفي مسجد تيار ٿي رهي هئي. تڏهن نيڪ بخت فقيرن وڏا پٿر پئي آندا. حضرت اولياءَ صاحب پاڻ ڪهاڙي جي پاهي سان پٿرن کي پڃي مسجد جو ميدان ٿي ٺاهيو. هڪڙي ڏينهن هڪ مسافر حج جي پانڌيئڙي جو اُتان اچي گذر ٿيو. حضرت اولياءَ صاحب جي زيارت ڪري ظاهري، باطني ۽ نوراني صورت ڏسي سندن معتقد ٿي پيو. حضرت اولياءَ صاحب پنهنجي مسجد واري ڪم ۾ مصروف هئا تہ ان مسافر سندن اها مسڪيني حالت ڏسي پنهنجي هڙ مان هڪ پٿر ڪڍي سندن خدمت ۾ نذرانو ڏنو جيڪو پارس پٿر هو.

آهن کہ بہ پارس آشنا شد
في الحال بصورت طلا شد

مطلب تہ جو لوهہ پارس سان لڳو تہ ان وقت سون ٿي پيو.

اهڙي طرح مشهور آهي تہ ڪلهوڙن جي زماني ۾ هاٿي پڃي گنجي ٽڪر تي آيو. ان هاٿي جو زنجير سونو ٿي پيو. شايد ان کي بہ پارس پٿر لڳو هو. ان کان پوءِ اتي ڏاڍي ڳولا ڪيائون، پر پارس جو پتو ڪو نہ پيو.

بهرحال اهو مسافر ان پارس پٿر جو احوال ٻڌائي موڪلائي هليو ويو. حضرت اولياءَ صاحب ان پٿر کي ڏسي قادر جي قدرت بيان پئي ڪئي تہ اوچتو پٿر سندن هٿن مان هيٺ ڪري پيو ۽ سندن لوهي ڪهاڙي تي لڳو تہ اها ڪهاڙي سون ٻڻجي پئي. حاضر جماعت هن عجيب ڪرشمي تي عبرت ۽ عجب پئي ڪاڏو. حضرت اولياءَ صاحب انهن حاضرين جي خوشي کي ڏسي ڏوراپو ڏنو تہ دنيا وارن جي صحبت فائديمند ڪانهي. هن مسافر

شخص اسان کي پٽر ڏنو جو کهاڙي کي لڳي ان کي سونو ڪري وڌائين ۽ پترن ڪٽڻ کان بيڪار بڻائي ڇڏيائين، ڇو تہ سون نرم ٿيندو آهي. حضرت اولياءَ صاحب ان پٽر ۽ سوني کهاڙي کي ڪپڙي ۾ ٻڌي ڪنڌ ۾ ٿنيو ڪيائون.

ڪجھ وقت کان پوءِ اهو مسافر حرمين شريفين جي زيارت ڪري واپس سنڌ پهتو تہ لطيفي درگاهہ جي ديدار لاءِ پٽ شريف تي آيو. اتي پهچي عجب ڪرڻ لڳو. ان جي خيال ۾ تہ هاڻي حضرت اولياءَ صاحب وٽ بادشاهي لڳي وئي هوندي، پر هتي اصلي حالت ڏسي حيران ٿي ويو. حضرت اولياءَ صاحب ان کي فرمايو تہ "تنهنجو تحفو اسان جي ڪم نہ آيو. فقيرن اهو پارس پٽر ۽ سوني کهاڙي سندن خدمت ۾ آڻي حاضر ڪئي. حضرت اولياءَ صاحب اهو تحفو مسافر کي موٽائي ڏنو. مسافر گهڻوئي اصرار ڪيو ۽ پارس پٽر جا فائدا ٻڌايا، پر حضرت اولياءَ صاحب ان جو عرض نہ قبوليو. هن مان ظاهر آهي تہ ڪو بہ سندن خدمت ۾ پئسا پيش ڪندو هو تہ پاڻ ان کي لٺ جي چوٽي سان مٽي ۾ پوري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪا ٻي شيِءِ هوندي هئي تہ ان کي اُتي جو اُتي ورهائي ڇڏيندا هئا. هينئر بہ وسڪاري جي مند ۾ ماڻهن اتان پئسا ليندا آهن ۽ تبرڪ ڪري رکندا آهن.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ حضرت اولياءَ صاحب کي تارڪ دنيا سڏيو آهي تہ پاڻ ڪڏهن بہ دنيا جي آلودگيءَ ۾ نہ ڦاٿا.

ان کان پوءِ حضرت اولياءَ صاحب جي ولايت جي منزلت ناسوت ۽ جبروت جو ذڪر ڪيو آهي، پاڻ حضرت اولياءَ صاحب جي مريد ٿيڻ تي فخر ڪري ٿو ۽ خوشي جو اظهار ڪري ٿو.

# حڪايت: 4

روايت آهي تہ جڏهن حضرت اولياءَ صاحب ڪوٽڙي مغل بيگ مرزا ۾ هئا، هينئر بہ ڪوٽڙي مغل جا آثار يت شريف ڪان ڏکڻ طرف قتل حالت ۾ موجود آهن، اتي حضرت اولياءَ صاحب کي سندن والد سيد حبيب شاھ جي طبيعت جي ناسازي جي خبر پئي. آخر جڏهن بيماري وڌي ۽ وصال جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳون تہ سيد حبيب شاھ پنهنجي فرزند شاھ لطيف ڏي هي بيت چوائي موڪليو:

ڪنهن جنهن نيھ لڏا، جئن مون واجهائيندي نہ ورو،
جيڪي مُئي ڪندا، سو جناب ڪريو جيئري.

حضرت اولياءَ صاحب، والد صاحب جي ان شعر جي جواب ۾ فرمايو تہ هرگز فڪر نہ ڪريو آئون بہ جلدي اوهان واري واٽ وٺي ايندس، پر مون پنهنجي مالڪ سان واعدو ڪيو آهي تہ هر حال ۾ سندس رضا تي راضي رهندس. جيڪڏهن هينئر والد جي ڏکي ۽ موت جهڙي حالت ڏسندس تہ ضرور دل نرم ٿيندي، اکين مان ڳوڙها وهندا ۽ ڏک جون سڀ ڳالهيون سامهون ٿينديون، يعني آئون پاڻ جهلي ڪو نہ سگهندس. تنهن ڪري منهنجو رضا ۽ قضا تي راضي رهڻ وارو وچن ٽٽي پوندو ۽ اولياءَ صاحب هي بيت پنهنجي والد سيد حبيب شاھ جي جواب ۾ چوائي موڪليو:

متان ٿين ملول، ڪِين آڳاهون آهيين،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد پنهي جي هيڪڙي.

ان کان پوءِ سيد حبيب شاھ پنهنجي مالڪ سان وڃي مليو ڪيس غسل ڏياري سندس خاص مريد، محمود شاھ جي سيراندي ڪان دفن ڪيائون. محمود شاھ حضرت اولياءَ صاحب جو پهريون مريد هو ۽ وفات بہ

حضرت اولياءَ صاحب جي حاضري ۾ ڪيائين. اولياءَ صاحب جي امر موجب مٽي ”پٽ شريف“ جي سرزمين تي ڪيس دفن ڪيائون.

سيد حبيب شاهه جي حجري جي ڀرسان مسجد آهي، ان جي دروازي وٽ ”لئي“ جو جهونو وڻ آهي، جيڪو شاهه صاحب جي وقت کان وٺي آهي ۽ تمام قديمي ۽ شڪسته حالت جي باوجود اجا تائين سائو ۽ موجود آهي. جڏهن حضرت اولياءَ صاحب پهريان ”پٽ شريف“ تي آيو ته ان وڻ کي چوڌاري ڪپڙو ڏياري باعيال اُتي اچي رهيا هئا. ٻيو هڪ ”ڄار“ جو جهونو وڻ جيڪو وڏي خليفي ”تمر فقير“ جي اوطاق ۾ آهي، جنهن جا ڏار ڇت منجهان ٻاهر نڪتل آهن. ان ڄار جي قديمي وڻ کي حضرت اولياءَ صاحب ٻين وڻن جو ڏاڏو چوندو هو. هڪ ”ڪرڙ“ جو وڻ مسجد جي لڳ آهي. ان ڪرڙ جي وڻ ۾ اهو اسرار آهي جو خدا نه ڪري اُن وڻ جي ڪا ٽاري ڀڄي. جيڪڏهن اتفاق سان ان جي ٽاري ڀڄي پئي ته هر ماڻهو اهو خيال ڪندو آهي ته ڪهڙو قضيو يا واقعو پير صاحبن ۾ ٿيندو؟ ان جو آزمودو ٿيل آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو ته هاڻي هي سيد حبيب شاهه جي وفات جو داستان پورو ڪريان ٿو ۽ حضرت اولياءَ صاحب ته ڪرامت جو صاحب هو پر ڪرامتن جي ڏيکارڻ کي پسند نه ڪندو هو. البت ڪڏهن ڪڏهن ازخود انهن جو ورود ٿيندو هو.

# حڪايت: 5

روايتن ۾ آهي ته هڪ ڏينهن ”مير پير پنج پڳيه“، درگاهه مخدوم نوح هالائي جو گادي نشين، ”ساگري“ واهه ۾ جيڪو هالن جي ويجهو وهندو هو ٻيڙيءَ تي سوار ٿيو پئي ويو. واهه جي ڪپ تي شاهه لطيف جي هڪ فقير وضو پئي ڪيو ۽ سندس ڪتو به ويٺو هو. پير صاحب کي ڪتو وڻي ويو ۽ لطيفي فقير کان ڪتو گهريائون، پر فقير پنهنجي ڪتي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هي منهنجو ڪتو ٻڪرين ۽ رڍن جي واهت ڪندو آهي. ان تي پير صاحب زوريءَ ڪتي ڪسڻ ۽ فقير کي سيڪت ڏيڻ لاءِ اشارو ڪيو. پير صاحب جي مريدن لطيفي فقير کي چڱي ڊينبَ به ڪڍي، ڪتو به ڪسيو ۽ گهٽ وڌ به ڳالهايو.

ان لطيفي فقير جي ويجهو آسپاس ٻيا به شاهه لطيف جا فقير هئا، سو ان لطيفي فقير پنهنجو سربستو ڏکارو حال ويجي انهن سان سليو جنهن تي سيني فقيرن ۾ تاءُ پيدا ٿيو. سيئي گڏجي ”ساگري واهه“ جي پر ۾ جهنگ ۾ لڪي ويٺا ۽ ان ڪتي جي مالڪ فقير کي، ساگري واهه جي ڪپ تي ويهاريائون ته جڏهن پير صاحب موٽي ته ٻهريان پير صاحب کان پنهنجو ڪتو گهري. جڏهن پير صاحب سير شڪار ڪري موٽيو ان فقير جي سامهون پهتو ته فقير نوڙت سان عرض ڪيو ته، مون سان جيڪا بدسلوڪي ٿي آهي، ان کي معاف ڪيم، پر مهرباني ڪري مون کي ڪتو سو موٽائي ڏيو اها ڳالهه اوهان جي فياضي کان پري ڪانهي. فقير جي انهيءَ سوال تي پير صاحب کي ڪاوڙ آئي ۽ پنهنجن ساٿين کي چيائين ته هن فقير کي مار ڏيو ته جيئن ٻيهر اهڙي حجت ۽ جرئت نه ڪري سگهي. جيئن ته پير صاحب جا ساٿي اڳ جا هريل هئا، سو فقير تي پلتجي پيا. تنهن تي فقير پنهنجي ٻين لڪيل فقيرن کي سڏ ڪيو ۽ اهي به هر طرف کان ٽٽي پيا ۽

پير صاحب جي ساٿين سان جوابي ڪارروائي ۾ مقابلو ڪرڻ لڳا. هڪ ٻئي کي چڱو سٽڪو ڪڍيائون. جيئن تہ هٿيار ڪنهن وٽ بہ ڪو نہ هئا، رڳو لٺين ۽ ڏڪي بازي سان هڪٻئي جي خوش مرحبا ڪيائون. لطيفي فقيرن انهي وٽ پڪڙ دوران همت ڪري، ٻيڙي ۾ وجهي ڪتو بہ ڇڏائي ورتو. مير پير ندامت ۽ عاجزي سان هالن ۾ پهتو. وڌيڪ احوال نظم ۾ آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي، مصنف جون خوبيون بيان ڪندي چوي ٿو تہ مصنف کي خوشامد نہ ڪرڻ گهرجي. شفاف آئيني وانگر ڳالهہ بيان ڪري، ڏاڙ ٻڌاڪ کان پاسو ڪري، جا بہ ڳالهہ ٻڌي تہ ان کي گهٽ وڌ بيان نہ ڪري ۽ حق جي دائري کان قدم نہ وڌائي. جيڪڏهن ان کان پوءِ بہ ڪو رنج ٿئي تہ ڀلي ٿئي، جو مون کي ڪنهن ۾ لالچ ۽ اميد ڪانهي. سانگي، مير پير جي ندامت سان هالن ۾ پهچڻ کان پوءِ تصو بيان ڪندي چوي ٿو تہ "مير پير" ڪتي ڪسجي ويڻ ڪري خفا ۽ خشمگير ٿيو. ان تي وڏو لشڪر وٺي ڀٽ تي ڪاهہ ڪيائين. ڪلمہ ڪلا اعلان ڪيائين تہ "سيد" (عبداللطيف ڀٽائي) سان جنگ ڪندس. جڏهن سمورو لشڪر اچي گڏ ٿيو تہ انهن تي نظر ڦيرائي پڇيائين تہ وڏو خاص خليفو اسماعيل سودره ڪٿي آهي؟ سيني ڀڄي وجهي ان خليفي اسماعيل کي چيو تہ لشڪر ۾ پوڙها ۽ جوان پهچي ويا آهن. مير پير فرمايو آهي تہ منهنجو خاص خليفو لشڪر جو اڳواڻ ڪٿي آهي؟ جڏهن خليفي اسماعيل، پير صاحب جو اهو حڪم ٻڌو ۽ سمجهيائين تہ جنگ کان سواءِ چارو ڪونهي، تنهن ڪري پنهنجي ڏاڙهي مٿو ڪوڙي، منهن ڪارو ڪري، نقاب ڍڪي انهي مهل اچي حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي مرشدا آئون حاضر تيار آهيان. هاڻي پنهنجي جان توتان قربان ڪرڻ آيو آهيان. مگر پير صاحب سندس منهن تي نقاب ڏسي چيو تہ هي حجاب ڇا جو آهي؟ خليفو چوڻ لڳو تہ مرشد سائين! هن ڳالهہ کي ڇڏ، هينئر ويڙهاند جو وقت آهي. مگر پير صاحب پاڻ سندس منهن تان نقاب لاهي ڏٺو تہ سندس حالت رحم جوڳي آهي. تنهن تي پير صاحب چيو تہ اي منهنجا خاص خليفا، هن مجلس ۾ پاڻ سان هي عجب جهڙي حالت ڪئي اٿئي، جو ڏاڙهي مٿو ڪوڙي ۽ منهن ڪارو ڪري آيو آهين! خليفي عرض ڪيو تہ اي منهنجا نامپارا

پيرا دشمن سان ببر شينهن وانگر مقابلو ڪر. تنهن تي پير صاحب وري چيو تہ تنهنجو منهن چوڏهين جي چنڊ جهڙو هو ڇو ڪارو ڪيو اٿئي؟ ان جي حقيقت ڪولي ٻڌاءِ؟ خليفي عرض ڪيو تہ رهنما مرشدا مون کي پنهنجو خاص خليفو بہ ٻڌايو اٿئي ۽ هينئر وري چوين ٿو تہ علي جي اولاد (سيد عبداللطيف شاهہ) سان دغا ڪري سامهون ٿي لڙان. منهنجي انهيءَ ڪُڌي ڪرتوت تي علي المرتضيٰ رنج ٿيندو ۽ رسول الله ﷺ بہ منهنجي شفاعت ڪو نہ ڪندو. ٻئي طرف جي تو مرشد جو امر نٿو مڃان تہ دنيا ۾ ڪهڙو منهن کڻندس. جڏهن ڏٺم تہ منهنجا ٻئي جهان ٿا وڃن تہ پوءِ پاڻ ئي پنهنجو منهن ڪارو ڪري اهو حال ڪيو اٿم.

مطلب تہ جڏهن مير پير، خليفي اسماعيل جي اهڙي واردات ڏٺي ۽ ٻڌي تہ پشيمان ٿيو. قيامت جي هولناڪ ڏينهن کان خوف کاڌائين ۽ سمجهيائين تہ "سيد" سان جنگ ڪرڻ چڱو ڪم ڪونهي، ان ڪري اتان موٽي پنهنجي گهر آيو.

# حڪايت: 6

روايت آهي تہ ظاهر جي زاهدن ۽ عابدن، حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ، اوهان جو فرقو شيعو آهي يا سني؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان جو فرقو ٻنهي جي وچ ۾ آهي. وري انهن چيو تہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ تہ ڪو ٻيو طريقو ڪونهي! تنهن تي حضرت اولياءَ صاحب جواب ۾ فرمايو تہ اهو نہ هجڻ اسان جو مذهب آهي، يعني اسان بہ ڪي ڪين آهيون. حضرت اولياءَ صاحب عجيب رسالي جي صاحب هوندي، جو رسالي جي مطالعي ڪندڙن جون اکيون ان مان عبرت وٺن ٿيون. ڪڏهن سبق نہ ورتو هئائون ۽ نہ وري ڪڏهن هٿ مبارڪ سان ڪاغذ تي ليڪو بہ ڪڍيو هئائون.

حضرت اولياءَ صاحب لٺ کڻندو هو. ان جو مٿو لوهہ جو هو. اُها لٺ اڄ بہ موجود آهي. سندن قد ڊگهو سنئون ۽ پورو هو. سندس رنگ گندمي هو. سندن سونهاري برابر ۽ شريعت مطابق پوري هئي. خضاب کي خراب تصور ڪندا هئا. سندن اکيون ڪشاديون، ڳاڙهاڻ مائل ۽ ڪاريون هيون. پيشاني ڪليل، ويڪري، سندن سينو معرفت الاهي جو پريل خزانو هو. سندس چيلهہ سنهي نہ ٿلهي، نہ گوشت سان پريل پر وچٿري هئي. ٿورو ڳالهائڻ، ٿورو سمهڻ، ٿورو کائڻ ۽ سادو لباس پهرڻ پسند ڪندا هئا. صفائي ۽ پاڪيزگي کي بہ پسند ڪندا هئا. سندن ڪلام جلالت وارو ۽ عام حالت ۾ راڳ کي مرغوب تصور ڪندا هئا. روئندا گهڻو هئا. بددعا ۽ بدگوئي کان پاسو ڪندا هئا. موجوده رواج موجب هٿ هٿ ۾ ڏئي ڪنهن کي مريد نہ ڪندا هئا، پر توجهہ سان مريد ڪندا هئا. بنا دعوت جي ڪنهن وٽ بہ مهمان نہ ٿيندا هئا. گهڻو وقت تنهائي ۾ گذاريندا هئا.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تہ جڏهن ڇهين حڪايت پوري ٿي تہ هر ماڻهو مون کي داد پئي ڏنو. جيتوڻيڪ مون کي ڪا طاقت ڪانهي، پر لطيفي فيض منهنجو مددگار آهي، جو ”لطائف لطيفي“ نثر ۾ نظم ۾ سينگاريو اٿم.

# حڪايت: 7

روايت آهي تہ حضرت اولياءَ صاحب سنڌ جي حدن، جبلن ۽ صحرا جي بيابانن جو سير پئي ڪيو تہ، هڪ ڏينهن سناسين جي جماعت ڏٺائين، جيڪي ”ناني“ جي زيارت واسطي تي ويا. حضرت اولياءَ صاحب ان وقت سير سفر جي ارادي سان نڪتل ۽ ويراڳي هئا، ان ڪري انهن سناسين سان رفاقت ڪري ”لس بيلي“ جي آسپاس پهتا. اتي ”سپڙ سخي“ جي مقبري جي زيارت ڪيائون. سخي سپڙ جو احوال ۽ شجرو انشاءَالله بيءِ جاءِ تي ايندو. آخرڪار سناسين جي جماعت سان منزل مقصود تي پهتا. دستوري رسم موجب ”ناني“ تي ڪير هاريائون. ناني جو احوال بہ مشهور آهي، جو هن کان بعد ايندو.

مطلب تہ حضرت اولياءَ صاحب بہ انهن سناسين جي رواج پٽاندڙ ان پٿر عرف ”ناني“ تي ڪير هاريو تہ سڀ ڪير ان ۾ جذب ٿي ويو ۽ هڪ ڦڙو بہ هيٺ نہ هاريو. ان تي سناسين جي جماعت حيران ٿي. ارادو ڪيائون تہ حضرت اولياءَ صاحب کي ”شهيد ڪري کائن تہ جيئن ان جو فيض پاڻ حاصل ڪن“ جو ايئن ڪرڻ سناسين وٽ روا آهي.

حضرت اولياءَ صاحب انهن جي ارادي کي سمجهي، سناسين کان جدا ٿي، آخر اچي ”ننگر ٺٽي“ جي شهر وارد ٿيو. اتي جي بزرگن سان واقفيت ۽ معرفت ڪيائين. ڪجھ وقت خاص صحبتن سان اتي جي رهاڪن کي فيض ڏنائون ۽ ورتائون.

چون ٿا تہ حضرت اولياءَ صاحب اڪثر اوقات فرمائيندا هئا تہ، منهنجو گادي نشين، منهنجو فقير ۽ منهنجو محبتي اُهو آهي، جيڪو ظاهري ۽ باطني چڱا ڪم ڪري ۽ جيڪو بہ منهنجي گادي تي ويهڻ جو

پکو پختو ارادو ڪري تہ اهو رقاصن ۽ بيحيائن جو ناچ نہ ڏسي ۽ دولت جو شڪار نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ سگهہ هجي تہ ڪنهن جي چوڻ تي ميڙ تي ان وٽ نہ وڃي، جو ايئن ڪرڻ سان انهن تي بار پوي ٿو ۽ زوري مٿي ماٺتي ڪرائڻ سنو ڪم ڪونهي.

## نظم جو مطلب

سانگي هن نظم ۾ پنهنجي طبع جي رواني، سنڌ جو شان ۽ پنهنجي شيرين زباني بيان ڪئي آهي.

# حڪايت: 8

## مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿيڻ ۽ دعا سان شفاياب ٿيڻ جي بيان ۾

سانگي هن حڪايت کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ حصو نظم ۾ ۽ ٻيو حصو نثر ۾ بيان ڪيو آهي. نظم ۾ پهريان شاعرانہ طبع رساني ۽ شراب عشق جي طلب کان بعد، سانگي حڪايت بيان ڪندي چوي ٿو "هالا ڪنڊي" جي ويجهو "ڪونڙي" جو شهر هو. اُتي مغل آباد هئا. انهن مغلن جو اڳواڻ بيگ مرزا هو. حضرت اولياءَ صاحب جي والد سيد حبيب شاهہ جو گهر بہ ڪونڙي مغل جي پر ۾ هو. اهي مغل، سيد حبيب شاهہ کي خير جي دعا لاءِ وٺڻ آيا، پر سيد حبيب شاهہ ان وقت پاڻ بہ بيمار هو، سو پنهنجي فرزند سيد عبداللطيف کي دعا لاءِ موڪليائين، جيڪو پاڻ بہ زماني جو قطب ۽ فيض جو صاحب هو. جڏهن سيد عبداللطيف مغلن ڏي وڃڻ لڳو ڇڻ تہ حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام جي امر سان، زليخا جي حال کي بهتر ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو جو ان کي درد ۽ غم کان آزاد ڪري ۽ پنهنجي دل کي بہ محبت سان شاد ڪري. سيد عبداللطيف مغلن جي شهر پهتو تہ مغلن پنهنجي گهر پردو ڪرايو. ان کان پوءِ سيد عبداللطيف اندر گهر ۾ داخل ٿيو. مغل پنهنجي نياڻيءَ کي ڪپڙو ويڙهي، سندس هٿ ٻاهر ڪڍيو. اولياءَ صاحب ان جي آڱر کي ورتو. تہ انهي دم قادر قيوم جي حڪم سان نياڻي چاڪ ٿي وئي. ان کان پوءِ اولياءَ صاحب فرمايو تہ تنهنجي نياڻي ڪنهن جو هٿ نہ وٺندي، مگر سيد ان جو هٿ ورتو آهي، جنهن مان اهو اشارو مليو ٿي تہ "جنهن جي ڇيڇ سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نہ لوڏو". حضرت اولياءَ صاحب جي واتان جڏهن اهو ٻڌائون تہ مرزا بيگ

ڪاوڙجي پيو. ڇو تہ مغل دنيا جي ڪري مغرور هئا. ان ڪان پوءِ سندن حضرت شاهہ صاحب تان اعتقاد ڪجي ويو. اهڙي طرح هدايت جي واٽ ڪان ٿڙي گمراهہ ٿي پيا. مغلن ڪي سيد سان سخت دشمني پيدا ٿي پئي ۽ شاهہ صاحب جي مخالفت ۽ ڪيس ايذائڻ لاءِ ڪمبخت ڪوشش ڪرڻ لڳا. ٻئي طرف حضرت شاهہ صاحب عشق جي جوش ۾ مخمور ٿي، جبل جهنگ جهاڳيندو ۽ بربيابان لتاڙيندو، عبادتون ۽ رياضتون ڪندو رهيو. سندس پاڪ عشق هر هنڌ مشهور ٿي ويو. ان ڪري مرزا بيگ ان ڪان گهڻو پئي سڙيو ۽ ڪاريهر نانگ وانگر وٽ پئي ڪاڏائين.

هڪڙي ڏينهن مغل ڪنهن ڪم سان سڀ ٻاهر ويا هئا. ان وقت دل قوم جا چور مغلن جي شهر ۾ اچي پيا. انهن جو مال ملڪيت، اُٺ ۽ گهوڙا ڪاهي ويا. جڏهن شام جي وقت مغل بيگ آيو ڏٺائين تہ گهر برباد ۽ نوڪرن کي ڪٽل ڏٺائين. جڏهن مغل گهر پهتو تہ ان ڦُر جو سڀ احوال ٻڌائين. ان وقت انهن جي پوڃان سڀ ماڻهو وٺي ڀڳا.

جڏهن مغلن جي ڦورن جي پٺيان وڃڻ جي خبر شاهہ صاحب کي پهتي، تڏهن شاهہ صاحب فرمايو تہ جڏهن هي خبر اسان کي پهتي آهي، تڏهن اها مڙسي نہ چئبي، جو انهن مغلن جي مدد نہ ڪجي. شاهہ صاحب پنهنجي فقيرن جي فوج وٺي، پاڙي جي ننگ، همدردي ۽ واهر لاءِ، مغل بيگ مرزا وٽ آيو ۽ چيائين تہ اي مغل! هي ڏکيو وقت آهي، جيتوڻيڪ تنهنجا ماڻهو بہ دلير ۽ بهادر آهن، پر اسان جي مٿان بہ تنهنجي مدد ڪرڻ واجب آهي. جيئن ڏک واري خبر ٻڌي اٿم تہ پنهنجن فقيرن سان گڏ واهر لاءِ اچي پهتو آهيان. مرزا بيگ، شاهہ صاحب جي مهرباني مڃڻ بجاءِ الٽو ڇوڙڻ لڳو تہ اسان کي تنهنجي مدد نہ گهرجي.

روايت آهي تہ شاهہ صاحب لاڳيتو ٽي ڀيرا مغلن جي واهر لاءِ انهن کي چيو پر هر ڀيري انهن بي مروتي ۽ حسد ساڙ کان انڪار ڪيو. شاهہ صاحب انهن کي هيئن بہ چيو تہ اوهان کي هن وقت اسان جي مدد ۽ ڪار خير کان روڪڻ ۾ ڪهڙي مصلحت آهي؟ جيڪڏهن اسان جي مدد سان اوهان جو فائدو ٿئي ۽ ڦورن تي غلبو حاصل ٿئي تہ توهان جو فائدو ۽ نالو ٿيندو ۽ جيڪڏهن اسان انهن ڦورن سان مقابلو ڪندي مارجي وياسون تہ بہ اوهان جو مقصد پورو ٿيندو. پر انهن اصلي اندر جي ساڙ کان انڪار ڪيو تنهن

تي شاهه صاحب جلال ۾ اچي فرمايو:

بيگ تنهنجي بيگي ڪونتڙيءَ ۾ ڪان؛
اٺم آس الله ۾ ڏل مارينئي مان.

شاهه صاحب جي زبان مبارڪ مان اهي لفظ نڪري ويا. هوڏانهن مغل به ڦورن جي پنيان ويا ته ڦورن سان دويدو مقابلو ٿي پيو. انهن ڦورن گهڻن کي بندوقن سان نشانو بڻايو ۽ باقي جيڪي بچيا، انهن کي تلوار سان ڪٽائون. چون ٿا ته مغلن مان ڪو به ماڻهو ڪو نه بچيو.

از مغولان هيچکس باقي نماند،
حکمده بشکست و هم ساقي نماند.

مطلب ته، مغلن مان ڪو به وانگي نه رهيو. شرابي پيالو ڀڳو ۽ ساقي به نه رهيو. مگر مغل بيگ جو هڪ پار بچيو. جنهن جونالو گولو هو. انهيءَ واقعي کان پوءِ مغلن جي عورتن کي خيال آيو ته هي هولناڪ واقعو حضرت اولياءَ صاحب جي رنجائڻ جي ڪري پيش آيو آهي. آخرڪار انهن عورتن صلاح ڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ موڪليو ۽ هي نياپو ڏنو ته اسان جا سڀ وارث مارجي ويا آهن. هينئر اوهان اسان جا وارث ٿيو. ان ۾ اسان جي ڀنهي جهانن جي ڀلائي آهي. گهڻي غور فڪر کان پوءِ حضرت اولياءَ صاحب، مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ سان پنهنجو نڪاح ڪيو. ان کان پوءِ حضرت اولياءَ صاحب اتان چڙهي "ڀٽ شريف" تي لڏي آيو. اتي ڀهريائين لئي جي وڻ کي ڀلويڙو ڏياري اچي رهيو ۽ پوءِ جايون ٺهرايون.

مشهور آهي ته جنهن وقت مرزا بيگ جي مارجڻ جي خبر مشهور ٿي ته، شاهه لطيف جي فقيرن مان هڪ فقير سندس تاريخ وفات جو مادو هن طرح چيو "بود خبيث" (1124هه) مطلب ته پليد هو. شاهه لطيف جيتوڻيڪ اُمي هو پر في البديهه فرمايو:

اي درويش! ايئن چوڻ نه جڳائي، پر هيئن چؤ "يک مغل بهه بوده" (1124هه) يعني، هڪ سنو مغل هو. جڏهن شاهه لطيف جي هنن لفظن جي اعداد جو حساب ڪيائون ته برابر 1124هه جو سال نڪتو.

مير علي شير قانع شڪر الاهي ٺٽوي "تحفة الڪرام" ۽ "معيار

سالڪان طريقت“ ۾ اهو مضمون آندو آهي ۽ لکيو آهي تہ سبحان الله! اُمي شخص وٽان في البديهہ اهڙي طرح مادهء تاريخ جا الفاظ صحيح نڪرڻ، ڪرامت ڪان خالي نہ آهن. وڌيڪ احوال انهن ٻنهي ڪتابن ۾ آهي، پر هتي لطائف لطيفي ۾ ڊيگهہ جي ڪري داخل نہ ڪيم.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تو پڏو جيڪو مون نثر ۾ چيو. مون دوستن ڪان هڪ ذرو بہ نہ لڪايو آهي. منهنجو سينو اندر صاف آهي، جيئن مشڪ خاص هرڻ جي دن ۾ آهي. عبدالحسين جي هي حڪايت پوري ٿي.

# حڪايت: 9

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن ميان نور محمد ڪلهوڙي عباسي، سنڌ جي حاڪم، حضرت اولياءَ صاحب کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني. حضرت اولياءَ صاحب پنهنجي حقاني جماعت سميت اُتي پهتو. جيئن تہ ميان نور محمد عباسي، حضرت اولياءَ صاحب سان اندر ۾ عداوت رکندو هو. اُن وٽ هڪ سرڪش موتمار گهوڙي هئي. اُها گهوڙي جيستائين سوار کي ڪيرائي ماريندي نہ هئي، تيستائين ماٺ نہ ڪندي هئي.

آخر موڪلائڻ جي وقت اُها گهوڙي تيار ڪري سامهون آندي وئي ۽ عرض ڪيو ويو تہ اولياءَ صاحب، ميان جي سامهون ان تي سوار ٿئي. حضرت اولياءَ صاحب، ميان صاحب جي مرضي قبول ڪئي، جيتوڻيڪ اولياءَ صاحب جي ڪن گهڻگهرن ڪين موتمار گهوڙي جي باري ۾ ٻڌايو بہ سهي، پر پاڻ انهن جي طرف توجهہ ڪو نہ ڏنو ۽ حڪم فرمايو تہ گهوڙي جو لغام لاهي ڇڏيو. پاڻ ان تي سوار ٿيا تہ گهوڙي واچوڙي وانگر اولياءَ صاحب کي کڻي ماڻهن کان ٻاهر نڪري وئي. ان تي ميان نور محمد عباسي ظاهري طور ناراضگي ۽ پريشاني ڏيکاري ۽ ڪجهہ تيز رفتار سوار ماڻهن کي اولياءَ صاحب جي پويان واهر لاءِ موڪليو ۽ پاڻ حيراني پريشاني ڏيکارڻ لڳو. آخر ۾ پاڻ سندس ماڻهن وچي ڏٺو تہ گهوڙي ساڻي ٿي بيٺي آهي ۽ اولياءَ صاحب، احڪم الحاڪمين جي حڪم سان ان جي مٿان، استغراق جي حالت ۾ ويٺو آهي. ميان نور محمد اها عجيب حالت ڏسي حيران ٿيو. عاجزي، انڪساري ۽ همدردي سان عرض ڪرڻ لڳو تہ "اوهان کي صحيح سلامت حالت ۾ ڏسي، الله جو شڪر بجا آندو اٿم. پر حيرت اها آهي تہ اوهان گهوڙيءَ جو لغام ڇو لاٿو هو؟" تنهن تي اولياءِ صاحب جواب ۾ فرمايو

تہ ”پنھنجي واڳ بہ مالڪ حقيقي جي حوالي ڪري ڇڏي اٿم تہ پوءِ اھو ڪيئن مناسب آھي جو گھوڙيءَ جي واڳ آئون پنھنجي ھٿ ۾ وٺان. ان توڪل جي پيروسي تي گھوڙي جي واڳ بہ ان جي حوالي ڪري ڇڏيم.“ چون ٿا تہ ان ڏينھن کان پوءِ ميان نور محمد پنھنجي دل ۾ حضرت اولياءَ صاحب بابت دشمني ۽ ڪدورت گھٽ ڪئي.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ ھنن روايتن کي گل جي خوشبوءِ سان تشبيھ ڏيندي چيو آھي تہ مون جيڪي لکيو آھي، اھو لطيفي فقراء کان ٻڌو اٿم. جيتوڻيڪ گل جي خوشبوءَ کي بقا ڪونھي، البت ھي حڪايتون پائيدار ۽ خوشبودار آھن.

# حڪايت: 10

روايت آهي ته هڪڙي ڏينهن سيد شهمير شاهه متيارين واري، هڪ هندو کي مسلمان ٿي ڪيو ۽ هندو اسلام قبول ڪرڻ کان عذر ٿي ڪيو. مجبورن دانهون ٿي ڪيون. اوچتو حضرت اولياءَ صاحب جو اُتان اچي گذر ٿيو. ماڻهن کان ان بابت پڇيائون. معلوم ٿيو ته هندو رسول الله ﷺ جو اسلام قبول نٿو ڪري، زوري زبردستي اسلام جي اطاعت واسطي ڪوشش ٿي ڪيائون. حضرت اولياءَ صاحب سيد شهمير شاهه کان پڇيو ته ڪهڙي مصلحت جي ڪري هندو سزا جي مصيبت ۾ ڦاٿو آهي؟ سيد شهمير شاهه ڏک سان ظاهر ڪيو ته ان اسلام قبول ڪيو ٿي، پر هاڻي انڪار ٿو ڪري.

اولياءَ صاحب هندو کي سيد شهمير شاهه کان ڇڏائي پاڻ سان ورتو. جڏهن هندو اولياءَ صاحب جي فقيراڻي جماعت ۾ داخل ٿيو، تڏهن فقيرن جي فيض واري صحبت ان کي وٽي وئي. ان شخص خوشيءَ ۽ سچي نيت ۽ خلوص دل سان ڪفر کان ناتو ٽوڙي، اسلام جي نور سان ڳانڍاپو ڪيو ۽ لطيفي فقيرن جي جماعت ۾ شامل ٿيو.

## نظم جو مطلب

سانگي هن حڪايت بيان ڪرڻ کان پوءِ هي نتيجو ڪڍيو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو دل سان ڪلمو نٿو پڙهي ۽ مجبورن زبان سان اقرار ڪري ٿو ته اُهو پورو اسلام ۾ داخل نٿو ٿئي. ظاهر ۾ ڪٽي ان جو نالو عبدالله (الله جو ٻانهو) ٿيو پر ان جي اندر ۾ رام رام رهجي ويو. مثنوي شريف ۾ به مولانا جلال الدين رومي هي مثال بيان ڪيو آهي، جنهن تي اڪتفا ڪريان ٿو:

هڪڙي ڀيري حضرت علي رضي الله عنه دين جي دشمن کي جنگ ۾ ڪيرايو. ان بي ادبي ڪري وات جو ڀاڻي حضرت علي رضي الله عنه ڏانهن اُڇلايو. تنهن تي پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائين. ان دين جي دشمن حيرت مان ڪائڻن پڇيو تہ مون تہ اوهان سان بيحد گستاخي ڪئي آهي ۽ اوهان وري مون کي ايئن ڇڏي ڏنو. تنهن تي حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ. مون توسان دين جي خاطر لڙائي ٿي ڪئي ۽ تو وري منهنجي گستاخي ڪئي، تنهن ڪري توکي ڇڏي ڏنم. ڇو تہ مون خدا لڳ توسان لڙائي پئي ڪئي (۽ نہ پنهنجي ذاتي مفاد يا نفس جي لاءِ) اهو جواب ٻڌي ڪافر لڙائي ڇڏي، دل سان اسلام ۾ داخل ٿيو.

# حڪايت: 11

نڪتو: 1

حضرت اولياءَ صاحب هڪ شهر ۾ ڪنهن ماڻهو وٽ مهمان ٿيو. جيئن ته ان شخص وٽ ڍور ڍڳا ۽ مال گهڻو هو ان ڪري سندس گهر ۾ ڇيڻا ۽ ياڻ به گهڻو هو ۽ سندس گهر ۾ هڪ سڪل وڻ به بيٺو هو. اولياءَ صاحب، گهر ڌڻي کان وڻ جي سڪڻ بابت پڇيو. تنهن تي هن چيو ته ياڻ جي ڪري وڻ سُڪي ۽ سڙي ويو آهي. فارسي ۾ هن ڳالهه جو لطف حاصل نٿو ٿئي. ڇو ته سنڌي ۾ "ياڻ" جون به معنائون آهن. هڪ تڪبر وڏائي، ٻي گندگي يعني مال جا ڇيڻا وغيره. حضرت اولياءَ صاحب هتي ياڻ مان پهرين معنيٰ وڏائي تڪبر ۽ هٺ واري مراد ورتي ۽ فرمايو ته برابر ياڻ يعني وڏائي ۽ تڪبر سُڪائيندڙ آهي. مطلب ته هٺ ۽ تڪبر برباد ڪندڙ آهي.

نڪتو: 2

حضرت شاهه عبداللطيف جو رسالو سنڌي نظم ۾ آهي. اُن جي شروعات "اول الله عليم"......جي بيت کان ڪئي اٿن، پر حقيقت ۾ رسالي جو پهريون بيت مولانا رومي جي مثنوي وارو پهريون هي بيت ئي آهي:

بشنو از ني چون حڪايت مي ڪند
از جدائيها شڪايت مي ڪند

جيئن هيٺ ان معنيٰ وارو بيت ڏجي ٿو:

وڍيل ٿي وائيون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن پن پنهنجا سارِيا، هوءَ هنجون هڏن لئه هاري

رسالي ۾ اڪثر پورا سُر فقيرن داخل ڪيا آهن. جيئن "سر بروه" هندي،

جيڪو ٻي ٻولي ۾ آهي. ”ڏناسري“ ۽ ”ڏول مارئي“ ۽ جيڪي ”لطيفي رسالي“ جا (متن) ڇپيل آهن، اهي غلط ۽ بي اعتبار آهن. جن ۾ مٿيان سُر خارج ۽ ٻاهرين ڪلام جا آهن، جيڪي رسالي ۾ داخل ٿي ويا آهن.

نڪتو: 3

چون ٿا ته وصال کان ڪجھ ڏينهن اڳ حضرت اولياءَ صاحب پنهنجي ڪلام جا ٿي بياض، پٽ واري ڪراڙ ڍنڍ جي حوالي ڪيا. ان تي حاضرين کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان جو سبب پڇيائون. مرشد لطيف جواب ۾ فرمايو ته آئون نٿو گهران جو مون کان پوءِ ڪو ماڻهو منهنجي شڪايت ڪري عذاب ۾ گرفتار ٿئي. ڪي ٿورا هوندا جي منهنجي ڪلام جو قدر ڄاڻندا. چون ٿا ته اُن زماني ۾ به شاهه صاحب جي ڪن فقيرن کي سڄو رسالو ياد هو. هينئر جيڪو رسالو موجود آهي، اهو انهن فقيرن وارو ياد ٿيل ڪلام آهي.

اولياءَ صاحب جي وقت ۾ پٽ شريف جي چوڌاري، وڻن جي ساوڪ ۽ پاڻي جو نظارو وڻندڙ هو. ان جون نشانيون اڃا به آهن. مينهن يا ٻوڏ جي مند ۾ ته پٽ جي چوڌاري، هيٺاهين ۾ پاڻي جام هوندو هو.

نڪتو: 4

روايت آهي ته مخدوم نوح هالائي قريشي ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي پاڻ ۾ پريت ۽ محبت هوندي هئي. هڪ ڏينهن سيد عبدالڪريم بلڙي وارو ملاقات ۽ روح رهاڻ واسطي، هالن ڏي حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليه وٽ پئي آيو. جڏهن سالگرهه واهه جي ڪناري تي پهتو ته، جهنگ ڏانهن هلڻ لڳو ۽ آخر واريءَ جي پٽ تي اچي مانجهاندو ڪيائين. اها جاءِ هينئر ”پٽ شريف“ جي نالي سان مشهور آهي. جتي هينئر شاهه لطيف جو روضو مبارڪ آهي، اتي اچي منزل ڪيائين. ان جاءِ کي صاف ڪري اتي نماز پڙهي، ذڪر ڪري دعا گهري اڳتي روانو ٿيو. حاضر جماعت هن واريءَ جي پٽ تي اچڻ ۽ ان جو ايترو خيال ڪرڻ بابت، شاهه ڪريم کان سبب پڇيو. شاهه ڪريم فرمايو ته منهنجي اولاد مان هڪ، هن جاءِ تي ايندو ۽ آخر سندس مزار به هتي ٿيندي، مون جيڪي سنڌي ۾ بيت چيا آهن، اهي ته ٿورا آهن، هو انهي رنگ ۾ رچيل بيت ۽ رسالو جوڙيندو ۽ مخفي رازن کي ظاهر ڪندو.

نڪتو: 5

حضرت اولياءَ صاحب فقيرن جي جماعت سان اُتر ڪان پئي آيو. اُتي هڪ سيد ڏور پئي چاريا. اهو اولياءَ صاحب جا گهڻا لطيفي فقير ڏسي مُرڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”اي سيد! (عبداللطيف) خلق کي ڇا لاءِ دنياوي ڪمن ڪارڪن کان سيڙايو اٿئي ۽ پنهنجي خدمت لاءِ مفت وٺيو ٿو وتين؟“ حضرت اولياءَ صاحب ان کي جواب ۾ فرمايو ”تنهنجو اولاد تہ مون کان بہ وڏيڪ خلق کي پنهنجي پويان وٺي هلندا.“ ان سيد جي اولاد مان راشدي پير ٿيا. جيڪي روهڙي وارا پير سڏجن ٿا. سندن شهر ڪنگري آهي. هن وقت سندن گادي نشين سيد حزب الله شاهہ آهي. (موجوده وقت ۾ ان خاندان مان پير صاحب پاڳارو ۽ سندس سڪندري ”حُر“ جماعت مشهور آهي. سندن موجوده شهر جو نالو ”پير ڳوٺ“ آهي.)

نڪتو: 6

اولياءَ صاحب پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي سهي جي ڪُهڻ کان منع ڪندا هئا. (ڇو تہ اهو ڪمزور ۽ ڊڄڻو آهي. پهاڪو بہ آهي تہ آئون غريب سهي جي ڪل آهيان، يعني رحم جوڳو آهيان.)

نڪتو: 7

چون ٿا تہ ڀٽ شاهہ جي آسپاس ساوڪ، جهنگ وڻڪار جو سنو نظارو هوندو هو. ان ڪري اڌ رات کان پوءِ مڇر ماڻهن کي بي آرام ڪندا هئا ۽ لطيفي فقيرن جي ننڊ ڦٽائيندا هئا. فقيرن اها شڪايت شاهہ صاحب سان ڪئي تہ ڀٽ شريف هوندئن تہ بهترين جاءِ آهي، پر اڌ رات کانپوءِ مڇر سمهڻ نٿا ڏين ۽ مٺي ننڊ ٿا ڦٽائين. حضرت اولياءَ صاحب فرمايو تہ مڇر بہ توهان جا دوست آهن، جو اوهان جي ننڊ ڦٽائي غفلت ڇڏائي، عبادت واسطي سجاڳ ٿا ڪن.

نڪتو: 8

روايت آهي تہ اولياءَ صاحب جو هڪ فقير، پراهين پنڌ جو رهاڪو هو. سال ۾ هڪ ڀيرو مرشد جي زيارت تي ايندو هو ۽ ڪتو سوڪڙي طور آڻيندو هو. اتفاق سان هڪ سال ان کي ڪتو نہ ملي سگهيو ان حجاب کان مرشد وٽ نہ آيو. جڏهن ٻي سال ڪتو ڪٺي اولياءَ صاحب وٽ پهتو تڏهن ڪانئس گذريل

سال نہ اچڻ جو سبب پڇيائون. ان مريد عرض ڪيو تہ مون وٽ ڪٿو نہ هو ۽ هٿين خالي آئون ڪو نہ آيس. تنهن تي اولياءَ صاحب فرمايو تہ اها شيءِ گهوري جيڪا دوست کي دوست کان پري ۽ جدا ڪري. ان ڏينهن کان وٺي پري کان ايندڙ فقيرن کان سوکڙي نہ وٺندا هئا، پر جيڪو موڪلي ڇڏيندو هو اها قبول ڪندا هئا.

نڪتو: 9

روايت آهي تہ هڪ دفعي لطيفي فقير، جيڪي سرود ڇاڻندا هئا، اهي تپجي پيا. ان ڪري اها شڪايت اولياءَ صاحب سان ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ هر جمعي جي رات لطيفي درگاهہ تي لطيفي راڳ ڳايو ۽ رسالو پڙهو. فقيرن ان تي عمل ڪيو تہ ڇڳا ڀلا ٿي پيا. سومهڻي کان پوءِ راڳ شروع ڪندا هئا. پرهہ ڦٽي تائين اهو سلسلو هلندو هو. فقيرن ڪجھ مدت گذرڻ کان پوءِ سرود جي ان سلسلي ۾ غفلت ۽ ڪوتاهي ڪئي تہ وري تپ ۾ وٺجي ويا. ان کان پوءِ اهو سلسلو لاڳيتو جاري رکيائون، جيڪو اجا تائين هلندو اچي. هر جمعي جي رات هر طرف کان ماڻهو اچن ٿا ۽ قابل تحسين ميلو ٻڌجي پوندو آهي. هر ماهہ پهرين سومر جي رات ۽ حج جي ڏينهن بہ گهڻي خلق ايندي آهي. تمام وڏو ميلو اولياءَ صاحب جي وفات واري ڏينهن (14 صفر) تي بہ ٿيندو آهي.

نڪتو: 10

روايت آهي تہ ڀٽي قوم جا بزرگ عامل هئا. مخدوم نوح رحمت الله عليہ جي گادي نشيني جا معتقد هئا. اهو بہ چون ٿا تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي سنڌ جي حاڪم جي اشاري تي بہ هلندا هئا. انهن حضرت اولياءَ صاحب کي زهر ڏنو. ان زهر جي اثر ڪري، اولياءَ صاحب کي زخم ٿي پيو تہ ان تي ساٽر دوا طور استعمال ڪندا هئا ۽ ان ساٽر جي ناس بہ ڏيندا هئا. پاڻ هڪڙي ڏينهن ڏنائون تہ سندن خاص مريد تماڪ واري ناس جون دبليون کنيو ٿا وتن. اهو ڏسي اولياءَ صاحب پنهنجي ساٽر دوا واري دبلي باهہ ۾ اُڇلائي ڇڏي ۽ فرمايو تہ منهنجي دوا واري ناس ڏسي، اوهان بہ سچ پچ ناس ڏيڻ شروع ڪئي، يعني منهنجي پيروي تي ڪئي، جيتوڻيڪ اولياءَ صاحب تہ عذر وارا هئا.

نڪتو: 11

سيد عبداللطيف جو فيض جاري هو تہ سنڌ جي حاڪم (ميان نور محمد ڪلهوڙي) امتحان طور سندن دعوت ڪئي. جڏهن اولياءَ صاحب سندس وٽ مهمان ٿيو تہ، ميان صاحب، حسين جميل ٻانهيون سندن خدمت ۾ موڪليون. انهن ڪيئي ناز دلفريب انداز ۾ ڪيا، پر لاهوتي پڪي انهن جي دام ۾ نہ ڦاٿو. ٻانهين عشق ۽ حسن جو دڪان کوليو پر ڪو بہ انهن جو خريدار نہ ٿيو. اولياءَ صاحب جڏهن جاءِ ۾ داخل ٿيو تہ مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو. آخرڪار ميان صاحب پاڻ حقيقت حال ڏسڻ آيو. حضرت اولياءَ صاحب "الا ان ڪما ڪان" وانگر جيئن هو تيئن مراقبي ۾ مستغرق هو. تنهن تي ميان صاحب اهو ڏسي پڇيو تہ، هي نازنين اوهان جي عشق ۾ آيون هيون، انهن سان ميل ميلاپ ڇو نہ ڪيو اٿو. حضرت اولياءَ صاحب جواب ۾ فرمايو:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جي ڇورين ڏنا ڇال، سي لاهوتي لنگهي ويا.

مطلب تہ ڪاڪ هڪ جاءِ جو نالو آهي، جنهن ۾ مومل رهندي هئي. "ڪاپڙي" ۽ "لاهوتي" اهي ٻئي هندو فقير آهن، جو اولياءَ صاحب ڪجھ سال انهن سان رفاقت ۽ سير سفر ڪيو هو.

مقصد تہ حقيقي عاشق، مال ملڪيت ۽ جاين تي عاشق ڪو نہ ٿو ٿئي ۽ نہ وري خوبصورت عورتون ئي ان کي ڦاسائي سگهن ٿيون. ڀلي اُهي ڪٺي سڀ پاڻ ڏي ڦاسائڻ ۽ ڇڪڻ جي ڪوشش ڪن، نہ بہ سچا عاشق اتاهون پاڪ ۽ صاف ٿي گذرندا ويندا آهن ۽ انهن جي ڪنهن بہ ڄار ۾ نہ ڦاسندا. ان کان پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي جو اولياءَ صاحب تي اعتقاد ٿيو ۽ يقين وڌيو.

## نظم جو مطلب

سانگي ڇوي ٿو تہ ان کان پوءِ ميان صاحب، اولياءَ صاحب کان راضي ۽ مطمئن ٿيو ۽ پنهنجي گذريل ڪم کان توبهہ ڪيائين. ان کي يقين ٿيو تہ اولياءَ صاحب آزاد طبع ۽ پرهيز گار آهي ۽ سندس فيض سان جهان آباد آهي. اي عبدالحسين گفتار جاري رک، جو عشق جي بازار ٺڏي نہ ٿي وڃي.

# حڪايت: 12

مشهور آهي تہ ميان نور محمد عباسي کي غلام شاهہ پٽ، حضرت اولياءَ صاحب جي دعا سان ٿيو هو. جيئن تہ ”گلان“ نالي ڪيري حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ خوش نصيبي سان آئي ۽ راڳ ڳايائين. جنهن ڪري حضرت اولياءَ صاحب تي گريي جي حالت طاري ٿي ۽ فقير بہ وجد ۽ استغراق جي حالت ۾ اچي ويا. ان عورت اهڙي عجيب حالت ڏسي، حضرت اولياءَ صاحب کي عرض ڪيو تہ، منهنجي حق ۾ دعا ڪيو تہ، حلال جي روزي نصيب ٿئي ۽ عزت سان زندگي گذاريان. حضرت اولياءَ صاحب ”گلان“ کي فرمايو تہ تون ميان نور محمد عباسي سنڌ جي حاڪم جي زال ٿيندئين ۽ اُن مان توکي پٽ ڄمندو جيڪو عباسين جو بہ اڳواڻ ٿيندو. عزت، اقتدار ۽ رتبي ۾ پيءُ کان بہ وڏي ويندو.

آخرڪار ڪن منافقن اها خبر وڃي سنڌ جي حاڪم کي ٻڌائي تہ سيد عبداللطيف مڪار آهي (معاذ الله) صوفي شاعر، بزرگ ۽ فقير نہ آهي. مٺي آواز واريون ڪيريون وٽس رهن ۽ عزت لهن ٿيون. ميان نور محمد ان خبر ٻڌڻ شرط ماڻهو موڪليا تہ وڃي حقيقت حال ڏسن. جي واقعي اُتي ڪا ڪيري هجي تہ ان کي مون وٽ وٺي اچو تہ پڪ ٿئي. ميان صاحب، خدمتگار ماڻهو اچا پٽ شريف تي پهتائي ڪين هئا تہ، حضرت اولياءَ صاحب فرمايو: ٿورو ترس تہ مٽيادار موتي جا خريدار ظاهر ٿين ۽ اچن.

حضرت اولياءَ صاحب ايئن چئي بس نہ ڪئي تہ، ميان صاحب جا ماڻهو اچي پهتا ۽ ”گلان“ کي پاڻ سان وٺي، وڃي ميان نور محمد جي دربار ۾ حاضر ٿيا. ميان صاحب ان کي ڏسندي مٿس عاشق ٿي پيو. آخر گلان شريعت محمدي موجب ميان صاحب جي زال ٿي، ان مان غلام شاهہ ڄائو.

احوال تہ ڏکو آهي، پر مختصر هي تہ آخرڪار ميان غلام شاهہ عباسي آزاد بلند اقبال ۽ بخت وارو حاڪم بڻيو ۽ پنهنجي سيني بزرگن کان لشڪر ۽ زر سخاوت ۽ شجاعت ۾ گوءِ کڻي ويو. هن عقيدت ۽ محبت سان پنهنجي دور حڪومت ۾ سيد جمال شاهہ (درگاهہ لطيفي جي پهرين گادي نشين) جي معرفت حضرت اولياءَ صاحب جو عاليشان ۽ مضبوط روضو مبارڪ هوشيار ڪاريگرن کان جوڙايو. (هڪ تہ اڳيئي پٽ مٿي آهي وري) روضو مبارڪ ايترو تہ بلند جوڙاياڻون جو ميان غلام شاهہ ۽ سندس والده "گلان" پنهنجي گادي جي هنڌ خدا آباد کان ويٺي روضي مبارڪ جي زيارت ڪئي. اهوئي سبب شاهہ لطيف جي روضي جي بلندي جو آهي. مائي "گلان" (عقيدت وچان) پنهنجي پٽ جو نالو غلام شاهہ يعني شاهہ جو غلام رکيو جيڪو شاهہ صاحب جي دعا سان ئي ڄائو هو.

حضرت اولياءَ صاحب کان پڇياڻون تہ مخلوق کي خدا وٽان ڏسجي يا خدا کي مخلوق کان ڏسڻ گهرجي. پاڻ فرماياڻون تہ نزول جي حالت ۾ مخلوق کان خالق جو توجهہ ڪجي ۽ عروج جي حالت ۾ خالق کان مخلوق جو معائنو ڪجي. اهو بہ فرماياڻون تہ مرشد جي سادگي مضائقو نٿي رکي ۽ مريد جي عمدگي ۽ نيڪ نيتي خصوصيت ٿي بخشي.

## نظم جو مطلب

نظم ۾ سانگي پنهنجي بلبل طبع، گل گلزار ۽ لطائف لطيفي باغ بهار جو نظارو ڇٽيو آهي.

# حڪايت: 13

جيئن مشهور آهي تہ حضرت اولياءَ صاحب متعلوي سادات قبيلي مان هئا. سندن وڏا بزرگ پيري مريدي جو سلسلو رکندا هئا. ان ڪري، متعلوي سادات جا گهڻا اولياءَ ناميارا ٿيا آهن. ان سان گڏ زميندار ي زراعت جو ڪم بہ ڪندا هئا, ان ڪري سندن زمينون گهڻيون هيون. مٽياري شهر چانگ قوم آباد ڪيو هو. خود لفظ "متعلوي" ۾ شهر جي آباد ٿيڻ جي تاريخ جو ذڪر آهي. يعني ابجد جي حساب سان بہ اهو سن 556 هجري ٿئي ٿو. اتي سادات گهڻو پوءِ اچي ويٺا آهن. جيئن سيد حيدر شاهہ سن 801 هجري ۾ امير تيمور لنگ جي لشڪر سان گڏ آيو هو ۽ چانگ قوم، محمد بن قاسم جي لشڪر سان سن 93 هجري ۾ آيا. محمد بن قاسم، حجاج بن يوسف جو نياڻو خليفي وليد بن عبدالمالڪ بن مروان جي حڪم سان آيو. "پٽ شاهہ" خاص اولياءَ صاحب جي رهڻ جي جاءِ آهي. آڳاٽي زماني ۾ اها زمين ٻُٽ هئي ۽ هن ۾ جهنگ بہ هو. پٽ شريف جي چوڌاري سڄو سال پاڻي هوندو هو تنهن ڪري اتي گاهہ گهڻو هو ۽ ماڻهو اتي مال چاريندا هئا. جڏهن پاڻي گهڻو ٿيندو هو يا ٻوڏ ايندي هئي تہ ان مٿانهين پٽ تي ماڻهو ويهندا هئا. حضرت اولياءَ صاحب اڪيلائي ۾ اتي ويندا هئا ۽ انهيءَ جاءِ کي پسند ڪندا هئا, پر اتي واري تمام گهٽي هئي، تنهن ڪري ان زمين کي هموار ڪري چيڪي مٽي مٿان وڌائون. اهو ڪم فقيرن ڪيو.

حضرت اولياءَ صاحب جا واڏا, پهريان هالہ ڪنڊي، ان کان پوءِ مٽياري، اتان پوءِ بلڙي شريف ۽ آخر ۾ پئي پور ۾ رهيا هئا. ان کان بعد، ڪجھ ڏينهن ڪونڙي مغل بيگ مرزا جي پر ۾ گذاريائون ۽ پڇاڙي جو پٽ شريف تي اچي رهيا.

سيد حبيب شاهہ کي اولاد نٿي ٿيو. ڪنهن اولياءَ صاحب کيس دعا ڪئي. چون ٿا تہ ان جو نالو "وتايو فقير" هو. ان وصيت ڪئي تہ پٽ ڄمي تہ ان جو نالو "سيد عبداللطيف شاهہ" رکجو اهو زماني جو قطب, يگانو ۽ اولياءَ ٿيندو. سيد حبيب شاهہ کي هڪ ٻئي پنيان بہ پٽ ڄاوا ۽ ننڍي هوندي الله کي پيارا ٿي ويا. انهن ٻنهي جو نالو بہ عبداللطيف هو ۽ ٽين پٽ جو نالو جمال شاهہ رکيائين. هينئر بہ لطيفي درگاهہ جا گادي نشين ان جي اولاد مان آهن. ان کان پوءِ سيد حبيب شاهہ کي فرزند ڄائو جنهن جو نالو سيد عبداللطيف شاهہ رکيائين. (جيڪو اڳتي هي ان بزرگ جي دعا سان ڪامل ولي ۽ صوفي شاعر ٿيو. جنهن جي احوال ۾ هي ڪتاب لکيو ويو آهي).

سندس والده سڳوري مخدوم محمد عربي ديانہ جي اولاد مان هئي. چون ٿا تہ هالا ڪنڊي جي اوڀر طرف, محمد عربي ديانہ جو مقبرو آهي. سندن والده سڳوري, ڀٽ شاهہ تي سيد حبيب شاهہ جي روضي کان, اولهہ طرف دفن ٿيل آهي.

حضرت سيد عبداللطيف ڀٽائي جي والد (سيد حبيب شاهہ) جي وفات سنہ 1155هجري تي ٿي. محمد صادق نقشبندي نٽوي سندس تاريخ وفات هن عربي عبارت مان ڪڍي آهي:

"الموت جسر يوصل الحبيب اِلیٰ القاءالحبيب_1155هہ"

يعني موت هڪ پل آهي, جنهن جي ذريعي هڪ دوست ٻئي دوست سان ملي ٿو. سيد حبيب شاهہ جي روضي تي اها تاريخ لکيل آهي.

حضرت اولياءَ صاحب جو استاد ميان نور محمد ڀٽي "وائي وارو" هو. ان جي اولاد مان ميان احمد, جنهن جي عمر اسي سال آهي ۽ هينئر حال حيات, ڀٽ شريف تي رهاڪو شاهہ لطيف جو عاشق, درگاهہ لطيفي جو خاص خليفو ۽ هن ڪتاب لطائف لطيفي جي مصنف مير عبدالحسين سانگي جو استاد پڻ آهي. جڏهن اولياءَ صاحب کي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريائون تہ سندس استاد ميان نور محمد ڀٽي کين پهريون سبق هي ڏنو:

چؤ "الف", تہ پاڻ چيائون الف. استاد چيو تہ چؤ "ب", تنهن تي اولياءَ صاحب فرمايو تہ بي اصل آهي ڪا نہ استاد گهڻو ئي چيو پر پاڻ ان جو جواب ڪو نہ ڏنائون. ان ڪري سندن استاد (ميان نور محمد ڀٽي) سندس والد سيد حبيب شاهہ کي عرض ڪيو تہ هي "الف" تہ زبان تي آڻي ٿو ۽ بي

چوڻ کان مورڳو انڪار تو ڪري. سيد حبيب شاهہ پنهنجي اڪين جي ٺار فرزند کان انڪار جو سبب پڇيو. اولياءَ صاحب فرمايو تہ استاد چوي ٿو عدم کي وجود ۾ آڻيان ۽ چوان، اهو چوڻ منهنجي اختيار ۽ وس ۾ ڪونهي. سيد حبيب شاهہ پنهنجي اڪين جي ٺار اولياءَ صاحب جو هي عجيب وڻندڙ نڪتو ٻڌي، سندس پيشاني تي چمي ڏني. حضرت اولياءَ صاحب وڌيڪ درس نہ ورتو. مطلب تہ کين خداداد علم لدني حاصل هو.

حضرت اولياءَ صاحب جو رسالو سنڌي شاعري ۾ آهي، جنهن ۾ خاص ابيات ۽ آيتون آهن. انهن جي ورهاست فصلن ۽ سرن ۾ آهي. سبحان الله! جيڪي بہ طلبيندين، ان مان حاصل ٿيندو. شاهہ جو رسالو فيصلہ مقامات، رياضات، عبادات، ڪرامات، ۽ تجليات تي مشتمل آهي. ان ۾ عروج ۽ نزول، قبض و بسط، ذوق ۽ شوق، فراق ۽ وصال، ڪمال ۽ زوال، ذڪر ۽ فڪر ۽ خوف ۽ اميد جون ڪافي شافي خبرون آهن. صبر ۽ رضا، برزخ، رمزن ۽ احڪامن جي ان ۾ رهنمائي آهي.

حضرت اولياءَ صاحب ننڍي هوندي کان شعر چوڻ شروع ڪيو. جيئن هڪ ڏينهن "ڀٽ شريف" کان ڪوهہ اڌ پري هڪ ڪنڊي هيٺان ٻارن سان "لڪ لڪوٽي" راند پئي ڪئي. اهو ڪنڊو تما جهونو ۽ پورو آهي، پر اڃا تائين سائو بيٺو آهي ۽ ماڻهو ان جي زيارت ڪرڻ ويندا آهن. اولياءَ صاحب راند ڪندي، ان جهوني ڪنڊي جي پور ۾ لڪي ويٺو ۽ استغراق ۾ اچي ويو. مٿان واري وري وٺي. ڇوڪرن اها حالت وڃي سندن والد سيد حبيب شاهہ سان بيان ڪئي. سيد حبيب شاهہ سندن ڳولا لاءِ نڪتو. ڳولي ڳولي ٿڪو ڏک ارمان ۾ اچي ان وڻ هيٺان ويٺو ۽ پنهنجو هٿ ان واريءَ ۾ هنيائين تہ ڪپڙي جي ڪُنڊ اُن مان ظاهر ٿي. جڏهن ان دامن کي ڏٺائين تہ اتان سڃاتائين تہ زماني جو مرشد يعني شاهہ لطيف آهي، شايد اندر وفات ڪري ويو آهي، پوءِ هي مصرعہ چيائين:

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لتجي.

جڏهن اهو دلنواز آواز سيد عبداللطيف جي ڪن تي پيو تہ پاڻ جواب ۾ چيائون:

پئي ڪٽي پساهہ پسڻ خاطر پرينءَ جي.

اولياءَ صاحب جيڪو شعر ۽ ڪلام فرمائيندا هئا، اهو ٻن قسمن جو آهي. هڪ جلالي ۽ بيخودي جي حالت ۾ چيل آهي، ان ۾ وحدت آهي. ٻيو نزول جي حالت ۾ چيل آهي، ان ۾ عبوديت يعني پانهپ ۽ انڪساري آهي.

جواني جا اڪثر ڏينهن گنجي ٽڪر ۽ سنڌ جي ڪوهستان جو سير ڪيائون. جڏهن ته پاڻ ان وقت يگانه مرشد ٻڻجي چڪا هئا، ان ڪري هر ماڻهو سندن حضور ۾ ايندو هو. اولياءَ صاحب بيخودي جي حالت ۾ صحرا جي سير ۾ مصروف رهندا هئا ۽ ماڻهو سندن ديدار لاءِ واجهائيندا هئا. پر ان حالت کان پوءِ پوري طرح مرشدي جو فيض ڏيڻ لڳا. ماڻهو جوق در جوق اچڻ لڳا ۽ سندن فيض مان فيضياب ٿيڻ لڳا. اولياءَ صاحب انهن مشتاق عقيدتمندن کي هي تلقين ۽ ترغيب ڏيندا هئا: ٿورو کائڻ، ٿورو سمهڻ، ٿورو ڳالهائڻ، سادو لباس پهرڻ، مروت ڪرڻ، ذڪر فڪر ۾ مشغول رهڻ، عبادت رياضت ڪرڻ، نفس جو رايو نه وٺڻ ۽ رضا تي راضي رهڻ. اهو پڻ فرمائيندا هئا ته، ڪنهن ماڻهوءَ کي اهڙي ڪم لاءِ سوال ڪرڻ، جيڪو ڪيس ڏکيو لڳي يا شادي ڪرڻ، پنهنجي قسمت يا مخلوق جي شڪايت ڪرڻ، بخيلي يا چاپلوسي ڪرڻ ۽ هڪٻئي سان گستاخي ڪرڻ ۾ ڪو به فائدو ڪونهي.

حضرت اولياءَ صاحب ننڍپڻ کان قبض ۽ بسط جي حالت ۾ رهندا هئا (يعني ڪڏهن طبيعت کليل ۽ ڪڏهن منجهيل). زندگيءَ جو وچون دور يعني جواني، سير سفر جي جذبي ۾ گذاريائون. ظاهري اسبابن جو ڪو به خيال نه ڪيائون. پنهنجي وفات کان ڏهه سال اڳ هڪ، روايت ۾ موجب، پنهنجي والد سيد حبيب شاهه جي وفات کان اڳ، فيض ڏيڻ لڳا. جيڪو به محبت رکي ويندو هو اهو وٺائڻ ٻنهي جهانن جي سعادت حاصل ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي حق پرست فقيرن جي جماعت سان، سفر تي نڪرندا هئا ۽ جيڪو به سندن لطيفي جماعت ۾ داخل ٿيندو هو ان کان پهريائين پڇندا هئا ته، ماڻٽن جي موڪل سان آيو آهين يا انهن جي اجازت ۽ مرضيءَ کان سواءِ حق پرست جماعت ۾ داخل ٿو ٿئين؟ اُن نئين ايندڙ فقير کي مصلو ۽ ڪؤنرو ڏئي، جماعت کان جدا ويهاريندا هئا ۽ کيس عبادت جو حڪم ڏيندا هئا. جڏهن اهو فقير عبادت ۽ محبت ۾ پڇي پڪو ٿيندو هو ته پوءِ اهو لطيفي جماعت ۾ داخل ٿيندو هو. پاڻ فرمائيندا هئا:

روزا ۽ نمازون، اي به سکر ڪم،
او ڪو پيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

جيئن مولانا "صائب" چيو آهي:

کار دنيا کن و انديشہء عقبيٰ مگذار
تا بہ عقبيٰ نہ رسي دامن دنيا مگذار

مطلب ته دنيا جو ڪم به ڪر ۽ آخرت جو فڪر به نه ڇڏ. جيستائين آخرت سان نه پهچين، تيستائين، دنيا کان به دامن نه ڇڏ. جيتوڻيڪ صوفين وٽ عقبيٰ ۽ دنيا برابر آهن، جيئن اولياءَ صاحب فرمايو آهي:

پيءَ مر طهورا، ويهه مر وري ويسر،
ويجها جي وصال کي، سي سڀ اجورا،
حاصل حضورا، سمي جي سڀ ٿئي.

مطلب ته دنيا ۽ عقبيٰ تي دل نه رکي، مگر مولا جو طالب ٿئي. يار جي ديدار کان سواءِ ڪا به شيءِ ان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهي. جيئن حديث ۾ آهي: "طالب الدنيا مخنث، طالب العقبيٰ مؤنث، طالب المولئ مذڪر." مطلب ته دنيا جو طالب ڪدڙو آهي، عقبيٰ جو طالب عورت آهي ۽ موليٰ جو طالب ئي مرد آهي. حديث جو فارسي شعر ۾ ترجمو هي آهي ته:

طالب الدنيا مخنث تاختہ،
طالب العقبيٰ مؤنث ساختہ،
طالب المولي مذکر اي تو گفت،
رحم کن بر ما زحيميهات زفت.

هينئر وري پنهنجي مقصد تي اچون ٿا. حضرت اولياءَ صاحب فرمائيندا هئا ته "دل بيار و دست بڪار". يعني دل يار سان ۽ هٿ حاج سان. اهڙي طرح وڏي ڏاڏي سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي طريقي کي جاري رکندي، ذڪر جون ٽي تسبيحون فجر ۽ پيين وقتن تي مقرر فرمايائون.

(1) "الله هو" (2) "الله. الله" (3) "هو هو".

مطلب ته ذڪر ۾ "لا" نفي جي آهي. جيڪڏهن ڪو طالب نفي

ڪندي ساهہ ڏئي تہ اهو توحيد جو انڪار ٿيو. ان ڪري گهرجي تہ اثباتي ذڪر "الله" ڪجي، تہ جيڪڏهن ذڪر ڪندي موت اچي تہ ذڪر اثباتي قائم رهي. اولياءَ صاحب پنهنجي وڏي ڏاڏي عبدالڪريم بلڙي واري، ذڪر جو طريقو جاري رکيو ۽ نئون سلسلو صادر نہ ڪيائون.

اولياءَ صاحب موجوده طريقي وانگر هٿ وٺي مريد نہ ڪندا هئا. پر جيڪو عرض ڪندو هو تہ فيض ڏيو مريد ڪيو يا دعا گهرو تہ پاڻ جواب ۾ فرمائيندا هئا، الله تعاليٰ طاقت وارو ڄاڻندڙ آهي. پنهنجي دل کي صاف آئيني وانگر اجرو ڪيو تہ ان تي ازلي حسن جو جلوو يا اولڙو پوي. جيئن تہ سندن حالت قبض ۽ بسط واري هوندي هئي. پاڻ ان حالت ۾ هي بيت زبان تي آڻيندا هئا:

ٻاريو اُجهائين، اُجهايو ٻارين،
مون کي تا مارين، پرين پر لهار جي.

جيئن لوهار لوهہ مان ڪا شيءِ ٺاهڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ لوهہ کي باهہ ۾ وجهندو آهي. ان کي ٻاهر ڪڍي وري ڌڪ هڻندو آهي ۽ وري باهہ ۾ وجهندو آهي. اهڙي طرح لاڳيتو ان کي گرم ۽ ٿڌو ڪندو رهندو آهي تہ جيئن ان مان ضروري گهربل اوزار ٺاهي سگهي. جيڪڏهن لوهہ کي رڳو باهہ ۾ وجهي ڇڏبو تہ لوهہ سڙي ڳري ويندو ۽ جيڪڏهن وري لوهہ ٿڌو پيو هوندو تہ اهو ساڳيو لوهہ جو لوهہ ئي رهندو ان مان ڪجهہ بہ ٺهي نہ سگهندو. تنهن ڪري لوهار وانگر ٻئي حالتون (قبض ۽ بسط) ضروري آهن.

ان ڪري پاڻ ڪڏهن شرعي احڪامن جو تاڪيد ڪندا رهندا هئا ۽ ڪڏهن عروج جي حالت ۾ وڏائي ڪان خالي هوندا هئا. فرمائيندا هئا تہ ڪامل مرشد عبادت کان بي پرواهہ رهي ٿو پر عام جي اصلاح ۽ تربيت لاءِ پاڻ کي انهن جو پابند ڪري ٿو. جيئن کير پيارڪ ٻار جي ماءُ يا دائي ڪن شين کان پرهيز ڪندي آهي (تہ انهن شين جو ٻار تي اثر نہ پوي) ۽ جيتوڻيڪ ماءُ يا دائي کي انهن شين کان پرهيز نہ هوندي آهي، يا جيئن استاد شاگردن کي پڙهائڻ مهل الف-ب چوندو آهي تہ جيئن شاگرد سکي سگهن، نہ تہ استاد کي الف-ب چوڻ جي ضرورت ڪا نہ هوندي آهي. مقصد هي آهي تہ جيڪڏهن اولياءَ سڳورا قيمتي لباس ڍڪن، يا سٺا طعام کائن، يا دنيا دولت رکن تہ انهن کي حرج نہ آهي، ڇو تہ اهي انهن شين سان دل کو

نہ ٿا رکن، پر مريدن جي تربيت لاءِ ايئن ڪن ٿا. ان ڪري پنهنجي مٿان اهي تڪليفون سهندا آهن تہ جيڪڏهن طالب اعليٰ درجي تي نہ پهچي، تہ بہ ظاهري چڱا عمل ڪري ۽ شريعت جي تابعداري ۾ پابند رهي (فائدو حاصل ڪري).

## نظم جو مطلب

سانگي شاعرانہ انداز ۾ نغمہ سرائي ڪندي چوي ٿو تہ اهي جدا جدا نقل آهن. انهن سيني جزن کي گڏ ڪرتہ صفحئہ دهر تي تا قيامت يادگار رهن. شعر جو گلدستو ترو تازه ۽ سلامت هجي. منهنجي اندر ۾ بلبل، گل ۽ نسيم گلشن آهن. جڏهن لطيف جي لفظ مددگاري ڪئي تہ شعرن جو باغ بهار ٻڄي پيو. زماني ۾ هي منهنجو ترانو ياد رهندو.

# حڪايت: 14

روايت آهي تہ ناميارا عالم هڪ ڀيرو حضرت اولياءَ صاحب وٽ آيا. انهن جو اڳواڻ محمد هاشم ٺٽوي هو، جنهن جو لقب مخدوم آهي. انهن عالمن جي اچڻ جو مقصد اهو هو تہ، حضرت شاهہ صاحب پنهنجي مجلس ۾ راڳ ۽ سرود وڄائيندو هو ان کي روڪڻ واسطي آيا. جو اهو ڪم شريعت جي خلاف آهي. جڏهن شاهہ صاحب، عالمن ۽ زاهدن جي اچڻ جو ٻڌو تہ، پنهنجي فقيرن کي فرمايائون تہ تنبورن کي ڪٽي، اندر جاءِ ۾ رکن ۽ پاڻ فقيرن جي وچ ۾ اچي ويٺا، جيئن تارن ۾ چند چمڪندو آهي. جڏهن اهي عالم زاهد آيا ۽ قدمبوسي جو شرف حاصل ڪيائون تہ، حضرت شاهہ صاحب، انهن عالمن سان سهڻي نموني پيش آيو ۽ اڳواٽ انهن کان مسئلو پڇيائون تہ هڪڙو وڻ هجي، ان مان عام کي فائدو حاصل ٿئي، پاڻيءَ کان سواءِ سڪڻ لڳي ۽ پاڻي بہ گندو ۽ ناپاڪ هجي، اُهو پليد پاڻي وڻ کي ڏجي يا ان کي ڇڏي ڏجي تہ ٻلي سڪي وڃي؟ عالمن ۽ زاهدن يڪ زبان آواز ڏنو تہ ان ۾ ڪو حرج ڪونهي جو پليد پاڻي وڻ کي ڏجي، وڻ سائو ٿئي (۽ ان وڻ جو فائدو عام ٿئي). جڏهن عالمن مسئلو حل ڪيو تہ تنبورا جيڪي اندر پيا هئا، سي ازخود وڄڻ لڳا. ڇڻ تہ انهن کي ڪو وڄائي رهيو آهي.

عالمن کي سازن وڄڻ تي ڪاوڙ آئي تہ، هي ڪهڙي شرافت آهي، جو شريعت جي خلاف رستو اختيار ڪيو ويو آهي، اسان تہ خاص انهن کي روڪڻ لاءِ آيا آهيون ۽ فقير اندر سازن وڄائڻ ۾ مصروف آهن. حضرت اولياءَ صاحب انهن کي اجازت ڏني تہ اندر وڃي جنهن کي ڏسن تہ ان تي شرعي حڪم جاري ڪن.

شريعت جي صاحبن جلدي وڃي ڏٺو تہ، جاءِ کي رڳو هڪ دروازو هو،

جتان پاڻ داخل ٿيا. جاءِ ڪي بي ڪا بہ دري وغيره ڪانهي، چارئي طرف بند آهن ۽ تنبورا ازخود وڄي رهيا آهن. اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ ان جو سبب حضرت اولياءَ صاحب کان پڇيائون. حضرت شاهہ صاحب فرمايو تہ جڏهن اوهان کان مسئلو پڇيم تہ اوهان جائز ڪيو. پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان تنبورن وڄڻ شروع ڪيو. جيئن تہ منهنجي دل ۾ حقيقي محبت جو وڻ آهي، سرود جي آواز سان اهو سائو ٿئي ٿو.

سرود هميشہ نہ وڄائيندا هئا، پر وقتي ذوق شوق ۽ عروج مهل وڄائيندا هئا. انهيءَ ڏينهن مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو ٺٽوي، اولياءَ صاحب جو معتقد ٿيو. هڪٻئي سان ڏاڍي پريت ٿي وين. شاهہ صاحب اڪثر سندن ملاقات واسطي ٺٽي ويندا هئا. جنهن وقت مخدوم ٺاري وفات ڪئي. حضرت اولياءَ صاحب سندس جنازي تي مڪلي مقام تي پهتو. جيئن تحفة الڪرام ڪتاب ۾ آهي تہ شاهہ صاحب، مخدوم ٺاري جي وفات وقت اُتي هو. ان کان پوءِ فرمايائون تہ دوست کان پوءِ ٺٽي نہ اچبو.

اولياءَ صاحب ڀٽ شريف واري مسجد ۾ هميشہ پنج وقت نماز ادا ڪندو هو. هڪ فقير مسجد جي صفائي ۽ بانگ ڏيڻ لاءِ مقرر هو ۽ نماز جماعت سان ادا ڪندو هو. روزا بہ رکندو هو ۽ اهو بہ فرمائيندا هئا تہ روزيدار اهو آهي جو عيد جو محتاج نہ هجي ۽ عابد اُهو آهي جو تڪبر نہ ڪري. مسجد جي ڀٽ قبلي طرف آهي، ان ڪري خلق جي سجدي گاهہ بني آهي. هر ماڻهو جو منهن قبلي ڏانهن ڪرائي ٿي يعني مسجد ڪي خود نمائي نہ آهي.

مطلب تہ هر ماڻهو تي لازم آهي، انهيءَ طريقي تي هلي پاڻ نہ پائي. ماڻهن جي تعريف ۽ گفتار جو محتاج نہ ٿئي. ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍي، ڪنهن کي خبر نہ پوي تہ عابد آهي يا زاهد، طالب آهي يا مطلوب، غالب آهي يا مغلوب. مگر مسڪيني، عاجزي ۽ نماڻپ سان رهي ۽ ڪنهن ماڻهو ۾ بدگماني نہ ڪري. جڏهن ٻين جا عيب ڏسي تہ پنهنجن اکين جي غلطي سمجهي. چڱي ۽ مٺي ۾ راضي هجي ۽ وصال جي ڪوشش ڪندو رهي تہ جيئن وصال ماڻي. امانت الاهي ايئن آهي جو جڏهن طالب سمهي تہ مٿي هيٺان هجي، جيڪڏهن امانت ڳوليءَ نہ لهي. سندن چيل هي بيت هن مضمون جا شاهد آهن:

سمهان تا سر هيٺ، ڪهان تا ڪيچان پري،
ٻاروچي سين ڏيٺ، جيڏيون جيهيءَ پر سي.

---

ڪهان تان ڪيچان پري، وهان تان وٺ مون،
پلي ڏوريم پون، عبث آري چام ڪي.

ٻيو تہ خدا ۽ خودي ٻئي هڪ جاءِ تي نہ ماپندا. جيئن فرمايو اٿن:

آئون سان ان پار، ڪڏهن تا ڪو نہ ويو
ان الله وتر يحب الوتر، نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائي وٺ هار، هنجون جي هڻڻ جون.

---

ٻن ٻيائي سپرين، پاٽان مون کي پل،
آئون اوراهون جهل، تہ توکي رسي تو ڏٽي.

---

توکي رسي تو ڏٽي، سيوئي جمال،
ڪونهي ٻيو خيال، جي شارڪ شڪ وڃائين.

ڪن فقيرن عرض ڪيو تہ جيڪي ظاهر وارا عابد ۽ زاهد آهن، اهل باطن کان بدظن آهن ۽ انهن کي حقارت سان ڏسن ٿا ۽ هميشہ انهن جي مخالفت ڪندا رهن ٿا. تنهن تي اولياءَ صاحب فرمايو تہ دعويٰ ڇڏڻ کان سواءِ آزادي ممڪن نہ آهي. (پاڻ پڻائڻ کي ترڪ ڪرڻ کان سواءِ ڪاميابي ممڪن نہ آهي) جيئن هڪ ڪتو ٻئي تي حملو ڪري ٿو ۽ ٻيو ڪتو پيچ پويان ڪري، هيٺ ڪري پوي ٿو تہ حملہ آور ڪتو ان کي نٿو ماري. جڏهن ڪتو بہ عاجزي ۽ نوڙت سان فتنو ٽاري سگهي ٿو تہ انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ عقل وارو بہ آهي، تہ ڇا اهو ايترو بہ نٿو ڪري سگهي؟

چاڻڻ گهرجي تہ درياءَ جو پاڻي سيني شين لاءِ حياتي جو سبب آهي ۽ درياءَ جي پاڻي سان وڻ ٽڻ پيدا ٿين ٿا، پن ۽ ٽاريون ميوا جهلين ٿا. اهو ساڳيو پاڻي چانهن، گدرن، نارنگي، ناريل، انگور، زيتون، انجير، ڦارون ۽ انبن وغيره کي ملي ٿو ۽ انهن سيني ميون جي ذائقي ۾ ڇا جو تفاوت آهي؟ مگر هر هڪ جي ذائقي جي اختلاف جو سبب پنهنجي پنهنجي خاصيت آهي.

پاٽي تہ برابر ساڳيو آهي، پر ذائقو سڀ ڪنهن جو مختلف آهي. اها خصوصيت ظاهر ۾ چٽي آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو مون ڪان تو جيڪي ڳالهيون ٻڌيون، سي سڀ موتي آهن. هينئر ڪتاب بہ ڳچ لکجي ويو آهي. هاڻي هي ڳالهيون چوڻ ۽ پڙهڻ ۾ آسان ٿي پيون آهن. منهنجي مٿان جيڪو بار هو هلڪو ڪيو اٿم. الحمد الله مون جيڪي ڳالهيون چيون آهن، سي دوستن کي پسند آيون آهن.

# حڪايت: 15

روايتن ۾ آيو آهي تہ حضرت اولياءَ صاحب ڪامل عقل وارو هو. ظاهري ۽ باطني راز ان تي ڪليل هئا. چون ٿا تہ جڏهن هندستان مان دهلي جا رهاڪو بہ راڳيندڙ سنڌ ۾ آيا تہ ميان غلام شاهہ فرزند ميان نور محمد ڪلهوڙي عباسي کي خبر هئي تہ حضرت اولياءَ صاحب راڳ ۽ سرود جو شائق آهي ۽ هي ٻئي راڳيندڙ موسيقي جي علم جا ماهر هئا. ان ڪري انهن ٻنهي راڳيندڙن کي حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ موڪليائين.

ڪي چون ٿا تہ اهي راڳيندڙ ميان غلام شاهہ جي حڪومت کان اڳ ۽ ميان نور محمد عباسي جي وفات کان بعد آيا هئا، پر اصل ۾ ميان نور محمد جي دور ۾ آيا هئا. هن روايت ۾ اختلاف آهي. هن اختلاف جي تحقيق حڪايت نمبر 19 ۾ آيل آهي، پر سنڌن اچڻ ۾ ڪو شڪ ۽ اختلاف ڪونهي.

انهن، سنڌس تصنيف (رسالي) جي تقسيم ڪئي. عليحده سرن کي ترتيب ڏنائون. رسالي ۾ جيڪي هندي بيت آهن، اهي انهن جا پڪڙيل آهن يا ٻين جا چيل آهن. جيئن اولياءَ صاحب جي مجلس ۾ اهي هندي بيت پڙهيا ويندا هئا، ان ڪري فقيرن رسالي ۾ درج ڪري ڇڏيا. (حضرت اولياءَ صاحب جي فرمان موجب) لطيف جي رسالي کي سرن ۾ ورهائي جدا جدا صورت ڏنائون. هر داستان جو نالو رکيائون ۽ تنبوري وڄائڻ جو دستور بہ اولياءَ صاحب جي فرمودي موجب ٿيو. جهڙي طرح اولياءَ صاحب هڪ هٿ جو ننهن ٻئي هٿ جي ننهن تي هڻي تنبوري جي سُر سان سُر ملائيندو هو.

حضرت اولياءَ صاحب، پاڻ ڪڏهن بہ بيت، راڳ جي نموني ڪو نہ ڳايا ۽ نہ وري تنبورو وڄائڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيو. البت ان وقت سرود ٻڌڻ ۾ مستغرق ٿي ويندا هئا ۽ ڪنهن وقت تہ مجلس وارن فقيرن کي استغراق جي حالت ۾ ماني ۽ پاڻي بہ ياد نہ رهندو هو. اولياءَ صاحب تہ وصال بہ مراقبي ۾ ڪيو ۽ ڪنهن کي خبر بہ ڪا نہ پئي تہ اولياءَ صاحب هي جهان ڇڏي ويا.

جيئن چند ڏينهن سرود راڳ پئي ٿيو. اهل مجلس استغراق ۾ هئا. جڏهن استغراق واري حالت ختم ٿي ته اولياءَ صاحب کي ساڳي طرح مراقبي ۾ ڏٺائون. آخر معلوم ڪيائون ته حضرت اولياءَ صاحب الله سان وڃي مليو ۽ سندس وصيت موجب عمل ڪيائون. جيئن هن ڪتاب جي آخر ۾ ايندو.

۽ "لطيفي رسالو" جو سنڌي ٻولي ۾ منظوم آهي. ان جي ڪهڙي تعريف ڪجي، چوڻ ۽ لکڻ کان مٿي آهي. رسالي ۾ هر شيءِ آهي: مقامات، تجليات، رياضات، عبادات ۽ مڪاشفات وغيره. انهن مان ڪا به شيءِ ڇڏيل ڪانهي. حضرت مرشد سيد عبداللطيف شاهه جي رياضت هي هئي: نفس ڪشي، سيني کي ڪيني کان پاڪ ڪرڻ، حق سان هجڻ، خلق کي اخلاق جو درس ڏيڻ ۽ فقيرن وارا سادا ڪپڙا پهرڻ. پاڻ ڪامل مرشد جو نمونو هئا. اهي ڳالهيون جيڪي مرشدي سان تعلق رکن ٿيون (سي سڀ منجهس هيون).

حضرت اولياءَ صاحب جو دنياوي ڪم هي هو جو ٻي هنر کي هنرمند ٿي ڪيائون (سندن ظاهري زندگي ۽ رهڻي ڪهڻي جي جهلڪ هن ريت آهي): نابودي، نيستي، ناداري، غربت سان گذارڻ، پاڪ ۽ صاف هجڻ، ٿوري تي اڪتفا ڪرڻ، خواهش کي ڇڏڻ ، دنيا جون لذتون ترڪ ڪرڻ، رياضت ۾ مشغول ۽ عبادت ۾ مصروف، قضا تي قناعت، رضا تي راضي، باطن ۾ خدا سان هجڻ، ظاهر ۾ خلق کي خالق ڏانهن رهنمائي ڪرڻ، خودي کان پري ٿيڻ، هميشه ذات سان هڪ هجڻ ۽ صفات کي ذات سان هڪ ڪرڻ.

مطلب ته منجهس اهي سڀ خوبيون هيون، جي اسان جي فهم ۾ نٿيون اچي سگهن پاڻ ڪنهن کان به ڪا شيءِ نه گهرندا هئا، وٽن سڀ ڪجهه پاڻهي ايندو هو. ڪا به شيءِ پاڻ وٽ توشو ڪري نه رکندا هئا. مطلب ته متوڪل علي الله هئا. هن وقت به لطيفي درگاهه جي پيرن ۽ فقيرن ۾ اولياءَ صاحب جي توڪل وارو سلسلو هلندو آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو هي روايتون جي مون جهونن فقيرن کان ٻڌيون آهن، اهي سچيون آهن، هر قسم جون شوق افزا حڪايتون آنديون اٿم. جيئن باغ ۾ قسم قسم جا رنگ برنگي گل ٽڙيل آهن. هنن جو اڪثر مضمون عام فهم ۽ سولو آندو اٿم ۽ هن تصنيف ۾ تجمل کان پاسو ڪيو اٿم. انشاءَالله تعاليٰ ان ڏينهن الله جي فضل سان گناهن کان ڇوٽڪارو لهندس.

# حڪايت: 16

روايت آهي تہ سادات جي هن قبيلي جو اصل شهر مٽياري آهي، پوءِ جيڪو بہ ڪمال جو صاحب ٿي ٿيو تہ ٻاهر ٿي ويو ۽ ٻيا ان جي ريس ۾ گرفتار ٿي ٿيا. ان ڪري جدائي لازمي هئي. جيئن سيد عبدالڪريم بلڙي وارو مٽياري ۾ ڄائو ان کان بعد بلڙي لڏي ويو. اهڙي طرح جيڪو بہ دولت جو صاحب ٿي ٿيو، مٽياري کان ڪوچ ٿي ڪيائين. انهن ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ هڪڙي پير صاحبن پاڻ ۾ مٽياري سادات سان مٽي ماڻٽي نہ ڪئي، مگر پير لطف علي شاهہ ثاني، جيڪو هينئر لطيفي درگاهہ جو گادي نشين آهي، اهو پاڻ بہ ڄرار پوٽا پاڙي جو آهي، انهن مان شادي ڪئي آهي، جو سيد علي بخش شاهہ ثاني مٽياري سادات جو ڏوهٽو آهي. ان بہ بلڙي شريف کان لڏي پنهنجن کان جدائي ڪئي. ان ڪري بلڙي شريف ۽ ڀٽ شريف جي ساداتن جي پاڻ ۾ محبت ۽ قرب هوندي بہ مٽي ماڻٽي ڪا نہ ٿي آهي.

چون ٿا تہ مٽياري ساداتن مان، پاڪ مرتبي واري "بي بي لعل" عمر رسيده هئي. ان جي حضرت اولياءَ صاحب سان دلي عقيدت هئي. سيني عزيزن کان مخفي "جهيجہ" کان هلي ڀٽ شريف تي اچي لطيفي ديدار حاصل ڪندي هئي (اها سندس اولياءَ صاحب سان خدا ڪارڻ محبت هئي) ۽ راتو رات وري پنهنجي گهر هلي ويندي هئي. هڪ ڏينهن "بي بي لعل" اندران حويلي جو ڪو نياپو ڪٽي، اولياءَ صاحب وٽ ٻاهر آئي. اولياءَ صاحب جو اهو حجرو ڀٽ جي هيٺان اڇا تائين موجود آهي، جتي پاڻ ويٺا هئا. ان بي بي لعل جا بہ پائر جيڪي شايد لڪل هئا، هٿيارن سميت حملو ڪري آيا. اهي بي بي لعل جو ڀٽ شريف تي اچڻ پسند نہ ڪندا هئا.

جڏهن بي بي لعل (پائرن جي حملي واري) اها حالت ڏٺي تہ دانهون ڪندي اندر آئي ۽ اولياءَ صاحب کي چورڻ لڳي تہ آئون پوڙهي آهيان. جيڪڏهن هن خاڪ پاڪ ۾ مري ويس تہ شهادت جو شرف ملندو. تنهنجي قدمن جي مٿي تان قربان ٿينديس. مگر اوهان احتياط طور انهن کان بچاءُ ڪريو. حضرت اولياءَ صاحب حجري کان ٻاهر آيو ۽ پنهي حملہ آور سيدن کي ڏسي فرمايائون تہ "اي بي بي لعل! تنهنجي پائرن جي شڪل مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي چريا آهن." اولياءَ صاحب اجا هو فرمايو تہ انهن جي بي انتها غصي ۾ ڪاوڙ جو جوش ۽ بخار سندن دماغ تي چڙهي ويو ۽ چرين وانگر هڪ ٻئي پائر هڪ ٻئي کي مارڻ لڳا. قريب هو تہ بي بي لعل جا ٻئي پائر هڪ ٻئي کي ماري وجهن، ان تي بي بي لعل ٻيهر عرض ڪيو تہ منهنجا پائر پاڻ ۾ وڙهي مري نہ پون. ان تي اولياءَ صاحب ڪن فقيرن کي حڪم ڪيو تہ انهن پنهي سيدن کي ڇڏائي، مٽياري پهچائي اچو. اهي سڄي حياتي چريا رهيا.

اڪثر مٽياري سادات، مخدوم نوح رحمت الله عليہ جي درگاهہ جا مريد هئا. ان ڪري شاهہ لطيف جي مخالفت ۾ ڪوشش ڪندا رهندا هئا. جيئن مٽياري سادات جو سيد اجن شاهہ، مخدوم نوح هالائي جو خليفو هو. ان جو مقبرو هالن ۾ پٽ شريف جي وچ تي آهي. هڪڙي ڏينهن مير پير پنج پڳئي جي ڇُرچ تي، گهٽا ماڻهو وٺي گهران روانو ٿيو ۽ پٽ جي هيٺان اچي وارد ٿيو. حضرت اولياءَ صاحب کي گهٽ وڌ چوڻ ۽ مخالفت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ چوائي موڪليائين تہ "تون سنهو نانگ ۽ ٿوري زهر وارو سپ آهين. وڏي قوم (وڏن نانگن) سان اجايو ٿو دم هڻين ۽ مقابلو ڪرين."

اولياءَ صاحب جواب ۾ فرمايو تہ:

سنها پانءِ م سپ، جي ويا واسينگن جا،
جنهين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان نہ چُري.

جنهن وقت (سيد اجن شاهہ) اهو بيت ٻڌو تہ، نانگ وانگر وٽ کائي، گهوڙي کان هيٺ اچي ڪريو ۽ پيٽ تي هٿ رکي سور ۽ درد کان دانهون ڪرڻ لڳو. سندس ساٿين ان کي کٽي وجهي پنهنجي جاءِ تي پهچايو. انهيءَ رات ئي گذاري ويو.

## نظم جو مطلب

سانگي، شرابِ عشق جي طلب کان پوءِ چوي ٿو تہ، حضرت اولياءَ صاحب جو ڪلام يد بيضا وانگر بيحد روشن آهي. سندس فيض جي اڳيان درياءَ بہ هڪ ڦڙي مثل آهي. جڏهن اولياءَ صاحب جي فقيرن کان حڪايتون ٻڌم، تہ انهن جي وصف بيان ڪرڻ لڳس. ان جي ياد ۾ غزل چيم، جي مرده دلين جي لاءِ دم مسيحا جو اثر رکن ٿا. زماني جي مرشد جون جيڪي مهربانيون ۽ لطف آهن، انهن جو سچي دل سان طالب آهيان. عبدالحسين جو اهو مرشد ۽ رهبر آهي.

# حڪايت: 17

روايت آهي تہ اولياءَ صاحب پاڻ فرمائيندا هئا تہ طالب جيستائين مطلوب سان واصل نہ ٿئي، شادي نہ ڪري، آزادي اڪيلائي ۾ ۽ ڇوٽڪارو بہ فڪري ۾ آهي. هن ڳالهہ تي پنهنجي وڏي ڏاڏي عبدالڪريم بلڙي واري جو قول دليل طور آڻيندا هئا. ان فرمايو تہ "جنهن وقت مون شادي تي ڪئي، ان وقت مون کي ڪنهن بہ نہ روڪيو رهندو شوق ۽ ترغيب پئي ڏنائون. مون تہ انهن جو ڪو بہ قصور ڪو نہ ڪيو هو جو مون کي ڦاسائڻ انهن کي منظور هو پر جڏهن مون شادي ڪري آزمايو. هينئر هر ماڻهو کي روڪيان ٿو پر ڪو بہ منهنجي ڳالهہ ڪو نہ ٿو ٻڌي ۽ پاڻ کي ڪڏ ۾ اُڇلي هلاڪ ڪن ٿا. جيتوڻيڪ شادي ڪان پوءِ پاڻ ڪٽي ڪيترو بہ پڇي، پر ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿيندو. جيڪڏهن ڪبيرو گناهہ ٿئي ۽ سچي دل سان توبهہ ڪري تہ الله تعاليٰ پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان ان کي بخشي ٿو پر جيڪڏهن شادي ڪري پوءِ توبهہ ڪري يا پنهنجو مٿو ڪٽي ڦاڙي، پر ان مان ڪجهہ بہ نہ ورندو.

جيڪڏهن حڪايت جي شروعات شاهہ ڪريم جي قول سان ٿي آهي تہ هڪ قصو ان جو بہ پيش خدمت آهي:

اڪثر متياري سادات زميندار ۽ پوکي راهي کي پسند ڪندا هئا. ان ڪري هينئر بہ متياري سادات وڏا زميندار آهن. چون ٿا تہ سيد عبدالڪريم بلڙي واري ٻين سان گڏ ٻني پوکي ۽ هڪ ڏينهن نار پيي هڪليو. ڪن شرير ماڻهن پاڻ ۾ بحث ڪيو. هڪڙي چيو تہ شاهہ ڪريم تمام بردبار ۽ سهپ وارو آهي، ڪنهن بہ حال ۾ ڪاوڙيو ڪونهي.

ٻئي چيو ٿي تہ آخر انسان آهي (ضرور خفا ٿيندو). آخر اهي شاهہ ڪريم وٽ آيا، جتي هن نار پيي هڪليو. انهن مان هڪ ڄٽي ٻني ۾ وهندڙ

پاٽي کي ہڏي جھنگ ۾ لوڙھيو. شاھہ ڪريم ان تي خاموش رهيو. اُن وري نار مان ڏڳا ڇوڙي، شاھہ ڪريم جي پوک ۾ ڪٽي ڇڏيا تہ پلي پوک پيلي نقصان ڪن. شاھہ ڪريم تنهن تي بہ چپ رهيو. ان ڪان پوءِ هن سخت گستاخي ڪري، شاھہ ڪريم کي منهن تي هٿ سان ڌڪ هنيو. تنهن تي شاھہ ڪريم ان جو هٿ وٺي افسوس تي ڪيو تہ اي بابا! تنهنجي هٿ کي تڪليف پهتي آهي. جيڪڏهن مون گنهگار کي لٺ سان مارين ها تہ چڱو هو جو تنهنجي نازڪ هٿ کي تڪليف نہ ٿئي ها.

ان شخص جڏهن (شاھہ ڪريم جي انتهائي صبر ۽ تحمل جي) هي حالت ڏٺي تہ سندس قدمن تي ڪري پيو، شرمساري ۽ عاجزي سان پڇڻ لڳو تہ ايتريون بي ادبيون ۽ گستاخيون ڪيم، ان باري ۾ اوهان ڇا سمجھيو؟ شاھہ ڪريم جواب ڏنو تہ منهنجي مٿان مهربانيون ڪيئي، جيڪي ڇوڻ ۽ لکڻ کان بہ گھٽيون آهن. ان شخص عرض ڪيو تہ مون پهريان اچي پوک ۾ وهندڙ پاٽي لوڙهي، پاهر بيٺل بيڪار گاھہ ۾ ڇڏيو ان تي اوهان ڪيئن صبر ڪيو؟ شاھہ ڪريم جواب فرمايو تہ ، آئون بي سمجھہ هوس ۽ پنهنجي لالچ جي ڪري پنهنجي پوک کي پاٽي پئي ڏنم ۽ پاهر جيڪو بيو الله تعاليٰ جو سڪل گاھہ بيٺو هو ان ڏي توجھہ نتي ڪيم ۽ تو اچي ان کي منهنجو پاٽي ڏئي ساٺو ڪيو ۽ پنهنجي دل خوش ڪئي تہ تون حق بجانب هئين. وري ان شخص عرض ڪيو تہ جنهن وقت ڍڳن کي نار مان ڇوڙي پوک ۾ ڇڏيم تہ اوهان ان تي ڇا لاءِ نہ روڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ پنهنجي بي سمجھي ڪان اهو نہ سمجھيم تہ ڍڳا نار ۾ هلي ٿڪجي پيا هوندا ۽ بکارا بہ ٿيا هوندا. الله تعاليٰ توکي موڪليو تہ مون ظالم جي هٿان انهن کي ڇڏائي. ان وري عرض ڪيو تہ جنهن وقت اوهان کي منهن تي هٿ سان ڌڪ هنيم تہ اوهان جي دل تي ڇا گذريو؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪو ماڻهو ايترا تصور ڪري جو پنهنجي پوک ۽ لالچ جي ڪري الله تعاليٰ جو گاھہ سڪائي ڇڏي ۽ ساھہ واري مخلوق (ڍڳن) تي ظلم جائز رکي، اهو تہ گھٽي سزا جو لائق آهي، تو تہ ٿوري تي اڪتفا ڪئي، جو مون کي هٿ جو ڌڪ هنيو.

سبحان الله! ڪهڙي اخلاق، طريقي ۽ فهم وارو هو. حضرت مرشد زمان، سيد عبداللطيف ڀٽائي بہ، پنهنجي ڏاڏي جي انهيءَ طريقي کي پسند ڪندا هئا. اولياءَ صاحب حاڪمن جي واقفيت تي اعتراض نہ ڪندا هئا. انهن

سان ستو سلوڪ ڪندا هئا. هن سبب ڪري جو حاڪم سان واقفيت يا تعلق هوندو ته انهن جي ظلم کان ڪنهن غريب کي ڇڏائي سگهبو ۽ ان مان غريبن کي فائدو ٿيندو.

جيڪڏهن طالب مرد آهي ته ان کي خوف ناهي، ان کي پردو حجاب نه جڳائي. جيڪڏهن عورت آهي ته ان تي پردو يا حجاب لازم آهي، جو بنا پردي ان کي خطرو آهي ۽ ڪي ته مردانه صورت به عورتن جهڙا آهن ۽ ڪي عورتون وري مردانه سيرت آهن.

## نظم جو مطلب

سانگي، بلبل جي ترنم ۽ گل جي خوشبوءَ کان پوءِ اولياءَ صاحب جي ساراهه ڪندي تشبيهه ڏئي چوي ٿو ته اهو حيدر جي گلشن جو گل آهي. ان جي خوشبوءِ به پيغمبر جي خوشبوءِ آهي. ان گل جو رنگ، شهيد ڪربلا جهڙو آهي. ان جو جلووءِ جمال مجتبائي آهي.

مون هي سچيون ڳالهيون بيان ڪيون آهن، جيڪو به منهنجي دل ۾ هو، اهو زبان تي آڻي بيان ڪيم. عبدالحسين وري سٺيون ڳالهيون بيان ڪر، جيڪي تو وٽ جهوني خزاني ۾ رکيل آهن.

# حڪايت: 18

متواتر روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن سيد عبداللطيف ڀٽائي جي مجلس ۾ امام حسين عليہ السلام جي شهادت جو ذڪر نڪتو. تنهن تي حضرت اولياءَ صاحب ۽ سندس حقاني جماعت گريو ڪيو ۽ روئي ڏنو. ٻئي ڏينهن اولياءَ صاحب پاڻ ۽ سندس حاضر خدمت فقير ڪربلا جي زيارت لاءِ سنبريا ۽ ”ونگہ ولاسي“ جي طرف راهي ٿيا. جنهن منزل تي ڊاہو ٿي ڪيائون، اُتي اُمامن سڳورن کي ياد ڪري گريہ ۽ زاري ٿي ڪيائون. جڏهن ”ونگہ ولاسي“ پهتا تہ جهنگل ۾ منزل ڪيائون.

اتفاق سان سيد جمال شاهہ ڪريم ڏني شاهہ جو فرزند ۽ جمال شاهہ جو پوٽو بہ اُتي آيو. اولياءَ صاحب سان ملاقي ٿيو. ڏاڍي خدمت ڪيائين. هڪ دنبو مهماني طور فقيرن جي حوالي ڪيائين تہ تيار ڪري کائن. (ياد رهي تہ دعوت ۽ خدمت ڪندڙ سيد جمال شاهہ حقيقت ۾ شاهہ لطيف جي ڀاءُ سيد جمال شاهہ جي فرزند ڪريم ڏني شاهہ جو پٽ هو. يعني شاهہ لطيف جي ڀائٽي جو پٽ هو.) حضرت اولياءَ صاحب (سندس خدمت تي راضي ٿي) سيد جمال شاهہ کي پنهنجي ير ۾ سمهاريو. جڏهن پاڻ سجاڳ ٿيا، فقيرن کي فرمايائون تہ سيد جمال شاهہ هڪ دنبو ڏئي پٽ شريف ۾ پائيوار ٿيو ۽ جمال شاهہ کي بشارت ڏنائون تہ مون کان پوءِ تون گادي نشين ٿيندين. آخر جڏهن هن بي بقا دنيا کان موڪلائي اصلي جهان ڏي ويندين تہ تنهنجي قبر بہ منهنجي روضي ۾ گڏ ٿيندي، جيئن هينئر مون سان گڏ هڪ هنڌ تي آرام ڪيو اٿئي.

اتي رات گذاري صبح جو جڏهن اولياءَ صاحب شهر ۾ آيو تہ آسپاس جا فقير سندن ديدار جي زيارت لاءِ اچي گڏ ٿيا. چون ٿا تہ انهي رستي ۾

اولياءُ صاحب جو هڪ ڪامل مريد بہ هو. ان جڏهن پنهنجي مرشد سيد عبداللطيف ڀٽائي جي اچڻ جي خبر ٻڌي تہ مرشد جي حضور پرنور ۾ اچي حاضر ٿيو. ڪين دعوت ڏني، پنهنجي غريباڻي گهر وٺي آيو ۽ سفر جي ارادي بابت احوال معلوم ڪيائين. حضرت اولياءُ صاحب پنهنجي (ڪربلا وڃڻ واري) سفر بابت ٻڌايو تنهن تي مريد ڪامل سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ هميشہ اوهان کان ٻڌو اٿئون تہ منهنجي قبر ڀٽ شريف تي ٿيندي ۽ ان جاءِ کي نشان ڏئي مقرر بہ ڪري ڇڏيو اٿو جيڪا جاءِ مسجد شريف جي پير ۾ پنهنجي والد سيد حبيب شاهہ جي روضي جي پيراندي کان آهي ۽ هينئر وري ان جي اُبتڙ معاملو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

حضرت اولياءُ صاحب اها ڳالهہ ٻڌي پنهنجي فقيرن کي فرمايو تہ هن درويش مون کي واعدو ياد ڏياريو آهي، جيڪڏهن حياتي وفا ڪري ها تہ ڪربلا ۾ پهچي هرگز ڪو نہ موٽان ها ۽ قيامت تائين ان پاڪ مٽي ۾ آرام ڪريان ها، پر ڇا ڪيان جو ٿورڙي وقت ۾ اتي پهچي نہ سگهندس. ان ڪري لاچار پوئتي موٽڻو پوي ٿو. ائين پوءِ پيرين پيادا جلدي موٽي اچي ڀٽ تي پهتا. ڀٽ شريف جي هيٺان جيڪو حجرو آهي، ان ۾ ويهي عبادت ۽ مجاهدو ڪرڻ لڳا. ايڪيهہ ڏينهن اُتي رهيا. انهن 21 ڏينهن ۾ ٻن ڏينهن جيترو ڪاڏو ڪاڏائون. حجري کان ٻاهر اچي سئو (100) دلن سان غسل ڪيائون ۽ اڳئين دستور موجب سرود وڄائڻ ۽ ڪلام چوڻ جو حڪم ڏنائون. ٽي ڏينهن برابر مجلس وارن تي استغراق طاري ۽ جاري هو. جڏهن استغراق کان فارغ ٿيا، ڏنائون تہ حضرت اولياءُ صاحب استغراق جي حالت ۾ مراقبي ۾ آهي. آخر معلوم ٿيو تہ سندن روح وارو پکي هن بي بقا گلزار مان اُڏري، خلد برين ۾ آرامي ٿيو آهي، يعني اولياءُ صاحب هن فاني جهان مان موڪلائي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

ان ڪربلا جي سفر کان موٽڻ بعد فقيرن کي فرمايائون تہ جنهن کي بہ اڇا ڪپڙا آهن، اُهو رنگين ڪري ۽ ڪارو پٽڪو ٻڌي، پاڻ بہ رنگين ڪپڙا پهريائون. "سر ڪيڏارو" جيڪو خاص امام عليہ السلام جي ماتم ۽ غم ۾ آهي، چيائون ۽ فقيرن کي فرمايائون: سيد شهداءِ (امام حسين عليہ السلام) جي زيارت تہ ڪا نہ ٿي سگهي، پر اسان جي سچي دل سان اسان کي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. ان ڪري اوهان تي ڪيڏارو چوڻ، انهن جي ياد ۾ روئڻ

۽ محبت رکڻ لازم آهي. توهان کي انهن جي صدقي الله تعاليٰ بخشيندو. ان کري هينئر بہ فقير "ڪيڏارو" ضرور چوندا آهن تہ چڻ ماتم واقع ٿو ٿئي. ڪيڏارو لطيف جو چيل آهي، پر ان جو آخري داستان "فتح فقير" جو چيل آهي، جو اهو بہ شاعر هو. ان جي التجا تي ئي ان داستان کي فقيرن ياد ڪيو ۽ آخر "رسالي شريف" ۾ داخل ڪيائون. داستان جي شروعات جو بيت هي آهي، جيڪو فتح فقير جو چيل آهي:

ڪونر قلعي جا ڪوڙيا! جانڪيتائين جيءَ،
مٿان اڙن اُسري، رڪ پيالو پيءَ،
ڳاهہ ڳجهن جو ٿيءَ، ويني جن ورهہ ٿيا.

طرز ڪلام ۽ حسن بيان خود شاهد آهي تہ هي بيت 1250هہ ۾ رسالي ۾ داخل ٿيا. جو مصنف پاڻ زندهہ هو. اسلام جي حڪومت جا ڏينهن هئا. يعني مير صاحب حاڪم هئا. الله تعاليٰ ان قبلءِ مڪان کي فردوس برين ۾ آرام نصيب فرمائي ۽ پنهنجو ڪري.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تہ زمانو ڪنهن سان وفا نہ ڪري، عجب هجي جيڪڏهن جفا نہ ڪري. جيڪڏهن ڪو تونگر ٿو ٿئي تہ هيٺ ڪيرائي ان کي گدا نہ ڪري. جيڪڏهن ڀن ماڻهن کي گڏ ڏسي تہ غم ان کي هجي، جيستائين انهن کي جدا نہ ڪري!

# حڪايت: 19

حضرت اولياءَ صاحب ڪنهن بہ شيءِ جا محتاج نہ هئا. جيڪڏهن ڪو ڪپڙو هوندو هو تہ ڍڪيندا هئا، مگر ڪنهن کان گهرندا ڪو نہ هئا، جو بنا گهرئي ڪين ملندو هو. مون سندن جُتي مبارڪ ڏٺي آهي، جيڪا چمڙي جي آهي ۽ سندن خاص ڪپڙن ڪي بہ ڏٺو اٿم. سندن قادري ٽوپي ڏٺي ۽ سندن ڪارو پٽڪو بہ پنجن هٿن کان ڊگهو ڪونهي. سندن ڪفني گيڙو رنگ جي سبيل ۽ گودڙي بہ آهي. سندن لٺ مبارڪ ڪاري ڪاٺ جي ان کي هيٺان لوهہ لڳل آهي. ان کي سنڌي ۾ "ڪنڌري" چون ٿا. ان جي مٿان بيراڳڻ آهي، پر ڪاٺي سجاڻڻ ۾ نٿي اچي. سندن وڏن مڻين واري تسبيح بہ آهي. ڪشتو ڪاٺ جو ۽ ٻيو اڇي پٿر جو شيشي وانگر آهي. حضرت اولياءَ صاحب جي انهن سيني شين جي زيارت ڪئي اٿم.

هڪ حمائل شريف، هڪ مولانا رومي جي مثنوي ۽ هڪ شاهہ ڪريم جو رسالو بہ آهي. ان رسالي تي سيد محمد صلاح شاهہ جا هي هٿ اکر لکيل آهن: "حرره الفقير محمد صلاح بادشاهہ حضرت قطب الوقت مرشدي پير صاحب حضرت عبداللطيف جيو سلمہ الله تعاليٰ وابقاه."

مطلب تہ زماني جي قطب، منهنجي مرشد حضرت عبداللطيف، الله ان کي سلامت رکي، جي ارشاد موجب فقير محمد صلاح ان کي لکيو. هنن لفظن کي (شاهہ ڪريم جي رسالي تان) ڏسي نقل ڪيو اٿم.

حضرت اولياءَ صاحب جلال، جمال ۽ ڪمال جا صاحب هئا. نرمي سان ڳالهائيندا هئا ۽ پاٽي گهڙي مان پاڻ ڀري پيئندا هئا. پنهنجي وجود واسطي ٻئي تي بار نہ رکندا هئا ۽ جيڪي طعام تيار ٿيندو هو يا جاءِ تان ايندو هو، ان کي فقيرن ۾ ورهائيندا هئا. پاڻ بہ فقيرن جي حصي جيترو

ڪٽندا هئا. اڪثر ڪري هيٺ ويهندا هئا. گهر ۾ ڪاٺ جي ٺهيل صندل تي سمهندا هئا. ساهه وارن کي تڪليفن نه ڏيندا هئا. اتفاق ۾ بي اختياري جي حالت ڪانسواءِ ڪنهن کي به پٽ پاراتو نه ڏيندا هئا. جيئن هڪ پيرو مغلن کي بددعا ڪيائون. ڪڏهن ڪو دعا خير ڪندا هئا. جيئن ميان غلام شاهه جي ماءُ (مائي گلان) سندس خاص دعا سان دولت ۾ ڪماليت حاصل ڪئي. تعويذ به نه ڏيندا هئا. سندن منهن مبارڪ مان خدائي محبت جي خمار جون نشانيون ظاهر ٿينديون هيون. جيئن فرمايو اٿن:

هل هيين سين هوت ڏي، ڇپر هڏ مَ ڇل،
آرياڻي امل، ڪايا ۾ ڪانڌ ٿيو.

يعني، دوست ڏانهن دل سان ويڻ گهرجي، طرف ڳولڻ ڪان سواءِ اندر ۾ ڳولڻ گهرجي، ڇو ته ان ۾ محبوب جو وجود موجود آهي. جيئن هن بيت ۾ آهي:

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون، لکين لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا ڇئي ڪهڙا چوان.

يعني جسماني قالب گهڻا آهن پر ساهه سيني ۾ هڪڙو آهي. تصويرون ۽ ديدار جسماني صورتن جي مختلف هئڻ ڪري جدا جدا آهن، پوءِ اي محبوب! تنهنجون نشانيون ڪهڙيون ڇئي ڪهڙيون چوان.

مطلب ته همه اوست جو اشارو آهي، جيئن هن بيت ۾ آهي:

موران مِروان پڪڻان، وائي ٻي مَ ٻيل،
هو هُلاچو هُل، باالله سندو سڄڻين.

يعني، ڪيڙين، ڦاڙيندڙ جانورن، پکين ۽ ٻين آوازن تي گمراهه نه ٿي، ڇو ته خدا جو قسم! هي صدا جيڪا جهان ۾ آهي ۽ گهڻا آواز آهن، اهي سڀ دلدار طرفان آهن.

آواز جي باري ۾ فرمائي ٿو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ به ٿيا.

يعني، پڙاڏو اُهو آواز آهي، جيڪو آواز سان گڏ پري گنبذ يا جبلن کان ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، يعني سڏ تہ هڪڙو آهي، پر ان جو پڙلاءُ، ٻيو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح اصل آواز ان جو آهي ۽ پڙاڏو اهو آهي، جيڪو مخلوق کان ٻڌڻ ۾ اچي.

خفي ۽ جلي ذڪر جو ارشاد ڪندي فرمايائون تہ، دل کي يار سان مخفي رک. زبان کي ورد ۾، ظاهر شريعت موجب رک. مدعا کي ڳول ۽ سمجھہ تہ ازخود ذات جو جلوو صفات ۾ ظاهر ٿئي ۽ دل جو آئينو گردو غبار کان صاف ٿئي. جيئن فرمايو اٿن:

جسم ۾ جبار جو خفي خيمو کوڙ
جلي تون زبان سين، چارئي پهر چوڙ
فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ووڙ
پيا در وجي مَ ڏور، اي امل اوهائين سپجي.

يعني هر جاندار دم کڻي ٿو. اهو دم جڏهن اندر کڻي ٿو تہ، ”الله“ چوي ٿو ۽ جو دم ٻاهر نڪري ٿو تہ ”هو“ جو ٿئي ٿو. پوءِ هر پساهہ ۾ الله هو جو ذڪر ٿو ٿئي، پر سمجهڻ گهرجي تہ، جيڪڏهن ان کان غافل ٿبو تہ پوءِ فائدو نہ ٿيندو. مثال طور، ڪنهن جي گهر ۾ خزانو پوريل هجي، پر گهر ڌڻي کي ان جي ڪا بہ خبر نہ هجي، تہ پوءِ گهر ۾ خزاني هجڻ جي باوجود اهو گهر ڌڻي مفلس ۽ مسڪين رهندو.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو پنهنجي نفس کان واقف نہ آهي تہ ان کي ظاهري ذڪر ڪو فائدو نہ ٿو ٿئي. غور ۽ فڪر سان قرآن ڪريم ۾ اسم اعظم ڳول، يعني شريعت ۾ طريقت کي ڳول. هيڏانهن هوڏانهن تلاش نہ ڪر، ڇو تہ اها بي بها موڙي تو ۾ آهي، اتان ئي ظاهر ٿيندي، ساڳئي مضمون بابت فرمائي ٿو:

طالب قصر سونہ سر، رومي جو آهي،
تاڙي جي لاهي، تہ منجهان مشاهدو ٿئي.

يعني طالب ماڙي آهي ۽ حسن جهان. رومي چيو آهي تہ، جيڪڏهن نقاش پردو کڻي تہ اندران مشاهدو ٿئي. هڪ نظم ۾ نقل آيل آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو: چين جي نقاشن گهر کي چٽيو ٿي، پٽين کي آئيني جهڙو صاف ڪري جرڪائي ڇڏيائون. جڏهن هڪ پٽ تي نقش ٽي ڪڍيائون،

اهو نقش چوطرف ساڳيو ڏسڻ ۾ پئي آيو. اي ادا! پاڻ کي انهي گهر وانگر سمجهه، جنهن جي ڇت بلند ۽ بنياد مضبوط آهي. جيستائين انهي جون پٽيون چٽيل نہ ٿين، تيستائين ڪوشش پيو ڪر تہ اُهي جر ڪنڌڙ ٿئي. يعني طالب محراب آهي، جنهن تي مرشد ڇٽ ڪڍي ٿو. پئي طرف دل آهي، ان کي آئيني مثل صاف رکي، جو جڏهن قيامت قائم ٿئي تہ اهي ڇٽ ان تي ثابت رهن. اهڙي طرح جيڪڏهن اڌ نقاشي حاصل نہ ٿئي تہ بہ صفائي ۾ ڪوتاهي نہ ڪجي.

سلطاني ذڪر ڏانهن اشارو ڪري فرمائي ٿو:

چوڌاري چڙا، پُرن پيلاين جا،
سُتي سنيارن جو پيم ڪن پڙاءُ

يعني هر طرف هر پاسي کان چڙن جو آواز جهنگ مان پيو اچي. اهي چڙا ڍڳين ۽ مينهن ۾ ٻڌل آهن ۽ انهن مان آواز پيو اچي. آئون سُتل هئس جو انهن چڙن جو آواز منهنجي ڪن تي پيو. ان آواز ٻڌڻ کان پوءِ مون کي ويهڻ نہ جڳائي. مون کي گهرجي تہ ان آواز جي پٺيان وڃان، چو تہ ان آواز ٻڌڻ سان منهنجي جان ۾ بي آرامي ٿئي ٿي. مطلب تہ سلطاني ذڪر جاوداني بخشي ٿو. مون کي ڪامراني سان پهچائي، منهنجي ذوق شوق کي بلند ۽ بالا ڪري ٿو.

اهو جيڪي پندرهين حڪايت ۾ لکيو اٿم تہ دهلي جا ڳائڻا اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ آيا هئا. انهن جي اچڻ ۾ هي اختلاف آهي. ڪي چون ٿا تہ اهي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ آيا هئا. ڪي چون ٿا تہ ان کان پوءِ آيا هئا. پر تحقيق هيءَ آهي تہ ميان نور محمد جي دؤر ۾ آيا هئا. جيئن تہ اولياءَ صاحب جو وصال سن 1165هجري ۾ ٿيو ۽ ميان نور محمد عباسي سن 1167 هجري ۾ وفات ڪئي. سندس تاريخ وفات "لذالڪ الفوزالڪبير" مان نڪري ٿي. ان مان ظاهر ٿيو تہ انهن ڳائڻن جو اچڻ، ميان غلام شاهہ جي وساطت سان، سندس پيءُ جي حڪومت ۾ ٿيو هوندو.

حضرت اولياءَ صاحب اڪثر سير سفر ڪندا هئا. جيڪڏهن پٽ شريف تي رهندا هئا تہ پٽ جي هيٺان نهيل حجري ۾ رهندا هئا. نماز جا پنج وقت جامع مسجد ۾ ادا ڪندا هئا. پاڻ نماز نہ پڙهائيندا هئا ۽ پنهنجي حويلي جا جيڪي بہ حجرا گڏ آهن، هينئر مسجد جي ويجهو اُتر طرف آهن، اُنهن ۾ گهٽ ويندا هئا. هينئر بہ ان حجري ۾ ڪاٺ جو صندل پيو آهي،

جنهن تي اولياءَ صاحب ويهندا ۽ سمهندا هئا. چون ٿا ته هڪ فقير سندن حاضري ۾ هوندو هو جيڪو ڪؤنرو ۾ ڏندڻ سندن خدمت ۾ حاضر ڪندو هو. جڏهن اولياءَ صاحب هن دنيا مان وصال فرمايو ته اهو فقير دستور موجب ان صندل وٽ ڪؤنرو ۾ ڏندڻ رکندو هو. جڏهن ان فقير جي وفات جو وقت ويجهو آيو ته ماڻهن گادي نشين کي ان فقير جو حال ٻڌايو ته هينئر سندس پوين وقت آهي، ته به ويٺو آهي ۽ پنهنجا پير ڊگها نٿو ڪري. اها ڏک واري خبر ٻڌي گادي نشين ان فقير وٽ پاڻ پڇڻ لاءِ آيو. ان فقير جي تڪليف واري حالت ڏسي عجب ۾ پيو ته هن حالت ۾ به هنڌ تي ليٽي ڊگهو نٿو ٿئي. آخر فقير وٽ ويجهو وڃي ان کي آهستگي سان چيائين ته ڪجهه آرام ڪيو. فقير اهو ٻڌڻ شرط روئي ڏنو ۽ چيو ته مون ڪڏهن به لطيفي مجلس ۾ ڪمبخت (آرام) جو نالو زبان تي ڪو نه ٻڌو. مگر مرڻ جي وقت ان کي ٻڌو اٿم. يعني اسان فقيرن وٽ آرام ڪرڻ جو اصطلاح حرام هو ان ڪان نفرت ڪندا هئاسين ۽ هن وقت ته آئون دنيا جي صفتن کان آجو ٿي، پنهنجي مالڪ سان ملڻ ٿو وڃان.

## نظم جو مطلب

جيتوڻيڪ بهشت ۾ عيش عشرت گهڻو آهي ۽ ان ۾ گل به گهڻا آهن، اهي به دلبر جي ديدار جا مشتاق آهن. اهي بهشت ۾ به نظر گهرن ٿا. ذات جا گهورا، صفات ڏي مائل نٿا ٿين. اهل دل واسطي بهشت ته رهگذر آهي. عبدالحسين! انهن جي وچ ۾ خيال ڪيم ته منهنجي روبرو ان بهشت جي وسعت مختصر هئي.

# حڪايت: 20

مخفي نہ رهي تہ، مخدوم نوح هالائي رحمت الله عليہ جي هڪ گادي نشين جي لکيل ڪتاب تان، هي بہ نقل ورتا اٿم. انهيءَ ۾ لکيل آهي تہ، حضرت اولياءَ صاحب مرشد نہ هئا، درويش ڪامل هئا ۽ "سنڌ" جي حدن ۾ مخدوم نوح هالائي، مخدوم بلال باغباني ۽ سيد عثمان لعل شهباز کان سواءِ ڪو بہ مرشد نہ آهي. لعل شهباز جيتوڻيڪ مرشد هو پر پيري مريديءَ جو رواج ڪو نہ ڏنائون. چاڻڻ گهرجي تہ مخدوم سيني ساداتن مان عثمان مروندي کي مرشد پسند ڪندا هئا. ان ۾ بہ نقص چاتو اٿن ۽ هي عبارت اهلبيت جي محبت تي شاهد آهي، جيڪا محبت رکندو هو.

ٻيهريون نقل جو مخدوم هالائي جي ڪتاب ۾ درج آهي، اُهو هي آهي: هڪڙي ڏينهن اولياءَ صاحب "گجن" شهر ۾ "مونگران" قوم جي ماڻهن وٽ اچي ترسيا. مونگرن، اولياءَ صاحب کي عرض ڪيو تہ صبح جو اسان جي نيرن ڪري پوءِ وڃن. حضرت اولياءَ صاحب انڪار فرمايو. جڏهن رات ٿي، جنهن جاءِ ۾ آرام ڪيائون، مونگرن ان جاءِ جي دروازي جو ٻاهريون ڪڙو ڏئي ڇڏيو تہ جيئن اولياءَ صاحب ماني کائڻ کان سواءِ نہ وڃي. جڏهن ٻاک ڦٽي، ڪڙو لاهي دروازو کوليائون تہ اندر اولياءَ صاحب ڪو نہ هو. عجب ۾ پئجي ان باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. مونگران قوم جو هڪ ماڻهو جيڪو ڪير ڏهڻ ويو هو ۽ ڪير ڪنيو پئي آيو جڏهن هي گفتگو ٻڌائين، تڏهن چيائين تہ حضرت اولياءَ صاحب کي مون ڏٺو آهي. "ڇر" وٽ اولياءَ صاحب پاڻي جي چشمي مان وضو ڪري، فجر نماز ٿي پڙهي. پوءِ مونگران جا ماڻهو ڪرامت واري خبر ٻڌڻ کان پوءِ عجب ۾ پئجي ويا ۽ عبرت ڪرڻ لڳا.

ٽيو نقل هن طرح آيو آهي تہ هڪ شخص جي نظر گهٽ هئي. اهو

شخص اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ اکين جي روشنائي حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو. حضرت اولياءَ صاحب هٿ مبارڪ سندس اکين تي رکيو ته انهي مهل لطيفي فيض کان سندس نور جي چٽائي ٿي وئي.

هن داستان جا مطالعو ڪندڙ چڱي طرح ڄاڻن ٿا ته، حق جو ڪلمون لڪي نه سگهندو آهي. ان سبب ڪري هي ٻئي نقل، مخدوم هالائي جي ڪتاب تان ورتل آهن. جهڙي طرح مولانا جامي فرمايو آهي: مطلب ته سهڻو منهن پردي سان لڪي نه سگهندو. جڏهن در بند ڪندين ته به ظاهر ٿي پوندو. جبلن ۾ به لاله گل ڪي ڏس جو بهار جي فصل وانگر تر و تازه ۽ خوش خرم آهي.

۽ هينئر (مخدوم هالائي پنهنجي ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي) مرشدي جو انڪار ٿا ڪن ۽ (وري مٿين ٻنهي نقلن مان) سندس مرشدي جو پاڻ ثبوت ٿا ڏين. هي به لطيفي ڪرامت کان خالي نه آهي. جڏهن اهڙيون ڳالهيون مخالفن کان ٻڌم ته "لطائف لطيفي" ۾ درج ڪيم.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو عارفن جو باشاهه عبداللطيف آهي. سالڪن جو رهنما عبداللطيف آهي. عالم ارواح ان جي پهرين منزل آهي. قدسين جو رازدار عبداللطيف آهي. لاهوت جي حد ۾ مڪين آهي. عبداللطيف لامڪان ۾ به مڪان رکي ٿو. خاڪين کي طور تائين پهچائي ٿو. انسانن جو هادي عبداللطيف آهي. بيشڪ هميشه پوڙهن ۽ نوجوانن جو حامي عبداللطيف آهي. عجيب اسرارن جو واقف، وڏي مرتبي وارو سيد عبداللطيف آهي. جڏهن ته ان جي صفت ذات ۾ محو ٿي، مخلوق قالب آهي ۽ جان عبداللطيف آهي. اي عبدالحسين! تنهنجي مٿان عبداللطيف جو تمام گهڻو ڪرم آهي.

# حڪايت: 21

روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن مرشد عبداللطيف ڀٽائي، پنهنجي پيادل جماعت سان، جيسلمير جي حدن ۾ پهتا. هڪ مريد حاضر ٿيو، ڪين دعوت ڏنائين. حضرت اولياءَ صاحب صبح جو واعدو ڪيو. ٻئي ڏينهن برسات جي موسم ڪري گهڻو مينهن وسيو. حضرت اولياءَ صاحب کي پنهنجو واعدو ياد هو سو پنهنجن ٻن ٽن فقيرن سان گڏجي ان مريد جي گهر پهتا. جڏهن اُتي پهتا تہ اُهو مريد پنهنجي گهر ۾ مرشد کي ڏسي پتنگ وانگر قربان پئي ٿيو.

دعا سلام کان پوءِ دعوت ۾ ڪاڏو پيتو ڪارائڻ ضروري آهي ۽ اُن شخص وٽ پئسو پائي ۽ ان داڻو بہ ڪو نہ هو. ان ڪري پنهنجي زال سان صلاح ڪيائين تہ مرشد اسان غريبن جي گهر آيو آهي. پاڻ وٽ تہ خالي هٿن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ان تي سندس زال ظاهر ڪيو تہ ٻيو ڪجهہ بہ طريقو ڪو نہ ٿو سجهي. منهنجي عزت ۽ عصمت کان مالڪ حقيقي واقف آهي، تہ آئون محفوظ آهيان، مگر هڪ هندو مون تي گهڻي وقت کان عاشق آهي، جيڪڏهن آئون ان وقت ويندس تہ مون کي هرگز خالي هٿين نہ موٽائيندو.

مڙس هي ڳالهہ ٻڌي قبول ڪئي. جيئن مينهن وسيل هو. گهٽيون سڀ پاڻي هيون، ان ڪري مڙس پنهنجي زال کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي، هندو جي دڪان تي پهچايو. اها زال گهر ۾ داخل ٿي. هندو جڏهن ان نازنين کي پاڻ وٽ ڏٺو تہ خوشي کان ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي ۽ ان زال کي چيائين تہ "اي جان من! تون مون کان نفرت ڪندي هئين، هينئر مون وٽ ڪيئن آئي آهين؟ ٻيو تہ رات اونداهي آهي ۽ گهٽيون پاڻي ۽ گپ چڪ سان ڀريل آهن، ان هوندي بہ آئون توکي صاف سترو ڏسي رهيو آهيان، ڇڻ تہ سواري تي چڙهي آئي آهين." ان زال چيو تہ تنهنجو هن ڳالهہ ۾ ڇا وڃي، مون کان جلدي خبرون پڇ ۽ واندو ڪر. آخر ان هندو جي پڇڻ تي پورو احوال

ٻڌايائين تہ اسان جو مرشد هينئر اسان جي گهر آيو آهي ۽ اسان خالي هٿين هئاسون. مڙس مون سان صلاح ڪئي تہ مرشد بہ مهرباني ڪري آيو آهي ۽ اسان وٽ بہ ڪنهن شيءِ جي واهہ ڪا نہ آهي. ان جي خدمت ڪرڻ بہ اسان تي واجب آهي ۽ هينئر اسان وٽ پيو ڪو چارو ڪو نہ هو ان ڪري پنهنجي مڙس سان تنهنجو احوال ڪيم ۽ منهنجي مڙس لاچار ڪان مون کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي هتي پهچايو آهي، اهائي حقيقت آهي.

ان وقت حضرت اولياءَ صاحب ڪنهن پاسي ۾ لڪي هن حالت کي پئي ڏٺو. جڏهن هندو سڄي ماجرا ٻڌي تہ عجب ۾ پيو. ملڪ جي رواج موجب ان زال جي مٿي تي چمي ڏئي. ان کي پنهنجي ڀيڻ ڪري سڏيائين. پئسا ۽ سامان ان کي ڏئي، ان جي مٿي تي ڪپڙو رکي موڪل ڏنائين. ان وقت حضرت اولياءَ صاحب فرمايو:

جيسلميرائين جس، جي الله ڪارڻ لنديون،
هِت بہ رهين رَس، هُت بہ مليون هوت کي.

يعني جيسلمير جي زالن کي جس هجي جو خدا ڪارڻ پاڻ کي وڪيائون. دنيا ۾ بہ حقيقي نگهبان جي ڪري محفوظ رهيون ۽ آخرت ۾ بہ پنهنجي مراد حاصل ڪيائون ۽ موت سان مليون.

هندو اهو احوال ڏسي، هي بيت ٻڌي، حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. خوش قسمتي سان توحيد جو ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيو. مال ملڪيت ۽ دڪان جو سامان ان جيسلميري فقير جي حوالي ڪيائين. پاڻ مٿو ڪوڙائي لطيفي فقير بڻجي فيضياب ٿيو.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تہ ان جي حسن جهان ۾ احاطو ڪيو آهي، جيئن يوسف عليہ السلام قافلي ۾ لڪل آهي. جيڪڏهن سچ چوان تہ لامڪان آهي، پر ان کان هر جاءِ آباد آهي. ان جي نور کان هر ذرو روشن آهي. صفات ان جي ذات مان ظاهر آهي. جيتوڻيڪ منهنجو قالب ڪمزور آهي، پر منهنجو روح طاقت وارو آهي جو پري تائين پهچي ٿو. جهانن جي بازار ۾ سيني جنسن کان صداقت يقين جي قيمت ڳري آهي. سچن کي ديدار ٿيو مگر زاهد وهم ۽ گمان ۾ آهي. سيد عبداللطيف اهو بادشاهہ آهي، جنهن جو عرش برين تي آشيانو آهي. اي عبدالحسين! تون خوش قسمت آهين، جو الحمد الله تنهنجو مرشد اعليٰ خاندان جو آهي.

# حڪايت: 22
## (سهڻا سخن)

روايت آهي تہ اولياءَ صاحب فرمائيندا هئا: (1) جنهن جي شهوت ضايع (يعني ڪدڙو) هجي، اهو ڪمال ڪي نہ پهچندو ڇو تہ ان جو زوال آهي ۽ تعريف جي لائق اهو آهي، جنهن کي قوت مردانگي بہ هجي ۽ ان تي قابو رکي، ان کي نابود ڪري، جو اهو ڪم تعريف لائق آهي.

(2) ٻئي ڪنهن جو مخالف نہ ٿجي پر پنهنجي نفس جو دشمن بڻجي.

(3) جيستائين ٻيو ڪير بہ تو سان مخالفت نہ ڪري، عداوت نہ ڏيکاري، تہ ڪنهن سان بہ جهيڳڙو نہ ڪجي.

(4) اهي دوست بہ دشمن آهن، جيڪي اجايو وقت وڃائين ٿا. اُهو ڏاريو بہ چڱو آهي جيڪو تو سان ڪو بہ لاڳاپو نٿو رکي.

(5) دنيا ۾ جيڪو بہ دم ڪٽجي ٿو اهو دنيا جي عناصرن سان گڏيو پيو آهي. جڏهن هي ساهہ پنهنجي پيدا ڪندڙ جي حوالي ٿيندو تڏهن پاڪ روح پنهنجي اصلي ذات کي وڃي ملندو ۽ ناچيز مان شيءِ ٿي پوندو.

(6) جيڪو ماڻهو "موتو قبل" يعني مرڻ کان اڳ مري چڪو آهي. اهو رهي ڪٿي ماڻهن ۾ ٿو پر اصل ۾ مٿل آهي. تعلقات، لاڳاپن ۽ تڪلفات کان ڇٽل آهي. مگر ان جو دنيا وارن سان هيترو لاڳاپو رهي ٿو تہ، هن جي جنازي کي ڪٽي قبرستان ۾ پهچائي ايندا، ان وقت بہ سندس همراهہ ۽ ساٿي اهي هوندس، جن سان روحاني تعلق ۽ ذاتي رشتو رهيو هوندس.

ميت موٽي آئيو ڪهي ڪانڌين لاءِ،
ڪانڌي سو سهاءِ، جوڳي جو جنب جو.

(7) طالب کي طلب ۾ هڪ ٻيڙيءَ ۾ ٿي چڙهڻ گهرجي. ايئن نہ ڪري جو هڪ پير هڪ ٻيڙيءَ تي ۽ ٻيو پير ٻي ٻيڙي تي رکي. جڏهن اهي

پيڙيون جدا ٿين ٿا، پاڻ درياءَ ۾ اُڇلي ٻوڙي ماريندو.

(8) عقل ۽ معاش جو تعلق عوام سان آهي، ان ڪري عقل ۽ معاش جا دعويدار حق اليقين کي ڪيئن پهچي سگهندا. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن ڪم جي ڄاڻ يا خبر ئي ڪانهي ته، هن کي ان ڪم جي تڪليف ڏيڻ سراسر بي انصافي آهي.

(9) حضرت مسيح بن مريم کي ڪي ماڻهو الله جو پٽ چوندا آهن. معاذ الله ۽ خطا ڪئي اٿن، پر اها خطا انهن جي بزرگن کان صادر ٿي ۽ پوءِ انهن جي پيروي ڪئي. جيئن ته ان وقت ڪي طالب ان جي طلب ۾ فنا في الرسول ٿي روح الله جي درجي تي پهتل هئا. جيئن حضرت عيسيٰ عليہ اسلام به، روح الله هو ان ڪري ان ۾ جسم جو شائبو گهٽ هو. جنهن ڪري حضرت عيسيٰ عليہ اسلام جي دم جي مشاهدي کان پوءِ، انهن کي اهو وهم وڌو (۽ غلط دعويٰ ڪيائون).

(10) معجزا، ڪرامتون ۽ خرق عادات هي سڀ شيون هڪ قبيلي جون آهن، مگر جدا جدا شخصيتن وٽان ظاهر ٿيڻ ڪري انهن جا نالا جدا آهن.

(11) مريد کي پنهنجي مرشد تي ناز ۽ فخر نه ڪرڻ کپي، پر پاڻ ۾ عمدگي يا عمل پيدا ڪري ته جيئن ڪامياب ٿئي.

## نظم جو مطلب

جيڪو طور تي ڏئل ۽ ٻڌل ٿيو اهو لطيف آهي. اهو لطيف جو ڪلام غيرت طور "پٽ شريف" هو. لن تراني ڪلام شريف هو. جو دنيا جي روزگار يا لالچ جي واسطي طالب آهي، اهو ناقص عقل سان معرفت کي ڪيئن پهچندو. جيڪو به عبدالحسين ٿيو ان جي ڪنهن به غليظ وٽ حاجت نه پهچندي.

# حڪايت: 23

مخفي نہ رهي تہ حضرت اولياءَ صاحب، سنڌو درياءَ جي اولهہ طرف، جبلن جو سير پئي ڪيو. جڏهن ڪيس مخدوم نارِي جي ملاقات جو خيال ٿيو تہ ان لاءِ ننگر ٺٽي جي واٽ ورتائون. رستي سان هلندي، حضرت اولياءَ صاحب کي سوز ۽ گداز سان ڀريل آواز ڪن تي پيو. تنهن تي پاڻ آواز طرف ويا. ويجهو وڃي ڏٺائون تہ هڪ شخص سندن ٺهيل بيت جي هڪ سٽ چئي رهيو آهي. اها سٽ هي آهي:

هيلڪيائي هيل، پورينديس پنهون ڏي

پنهون نالو بلوچ، جو مشهور آهي ۽ جو ڪيچ مڪران جو هو. مطلب تہ "هن سال اڪيلائي ۾ پنهون ڏي وينديس".

جڏهن حضرت اولياءَ صاحب ويجهو پهچي ڏٺو تہ هڪ شخص غار ۾ ويٺل ڪنهن ڪنهن وقت هي دردناڪ آواز ٿو ڪري، حضرت اولياءَ صاحب ان کي سلام ورائي ڪانئس احوال پڇيو. ان عرض حال ڪيو تہ آئون جت آهيان. اسان اُٺن تي واپار جو مال ڪنيو پئي آياسين، جڏهن هالا ڪنڊي جي ويجهو پٽ شريف وٽ پهتس، اتان آواز ٻڌم، جنهن منهنجي جيءَ کي جهوري وڌو ۽ منهنجي جان جلائي ڇڏي. سامان کي پنهنجي ساٿين جي حوالي ڪيم ۽ آئون فراق ۾ جهنگ منهن ڪري نڪتس. ڪٿي بہ قرار نٿي آيو. هي مصرع روح جي راحت آهي، ان ڪري پيو پڪاريان. جڏهن طاقت گهٽ، هلڻ کان چور ٿيس، تہ هن غار ۾ اچي پيس. وري ٻاهر وڪ نہ وڌي اٿم، رزاق رزق ٿو پهچائي. ٿوري تي اڪتفا ڪري، آرام ۽ سڪون سان ٿو گذاريان. دنيا جي لذتن کان دل کي نفرت آهي ۽ دنيا جي تعلقات ۽ ميل جول کان ڇٽي پيو آهيان. ڪپڙن جي بہ پرواهہ ڪانهي. دنيا جي تڪليفن

ڪان بہ ڏکارو ڪين آهيان. نٿو چاڻان تہ ڇا ڪيم، ڇا ٿو ڪريان ۽ ڇا ڪرڻ کپي. مگر جڏهن بيخود ٿو ٿيان ۽ پريشان ٿو ٿيان، تڏهن هي مصرعہ جيڪا منهنجي روح جي راحت آهي، ان کي پڙهي تسڪين حاصل ڪريان ٿو.

حضرت اولياءَ صاحب ان کي قرب ڪري فرمايو تہ. جيڪڏهن گهرين تہ هن بيت جي ٻي سٽ بہ چوان. ان عرض ڪيو تہ هن کان وڌيڪ ٻي خواهش نٿو رکان. اولياءَ صاحب فرمايو:

آڏا ڏونگر لڪيون، سوري سڄڻ سيل.

ان شخص چيو تہ اي شاهہ! خدا جي واسطي بيت کي جلد پورو ڪر، نہ تہ منهنجو ساهہ ٿو وڃي. ان تي اولياءَ صاحب ٽين سٽ فرمائي:

تہ ڪر ٻيلياڻي ٻيل، سور پريان جا ساڻ مون.

هي بيت ٻڌڻ شرط ان شخص جو روح پرواز ڪري ويو.

حضرت اولياءَ صاحب اهو احوال پنهنجن فقيرن کي ٻڌايو تہ سوز و گداز ۽ دل جو خيال اهڙو هجڻ گهرجي، جيئن هي شخص ڪنهن اهل دل جي صحبت کان سواءِ منزل تي پهتو. ان، مولا جي محبت ۾ سڙيل سچي عاشق کي، آفرين ٿي چيائون ۽ سندس تعريف پئي ڪيائون. ان کان پوءِ سندس ڪفن دفن ۽ جنازي نماز بجا آڻي، نئي شهر ۾ آيا. جنهن بہ وقت اتان گذر ٿيندو هون تہ، ان جي قبر تي ايندا هئا ۽ سندن فقيرن جو اُتان گذر ٿيندو هو تہ اهي بہ ان جي قبر تي ايندا هئا ۽ ختمو پڙهندا هئا.

## نظم جو مطلب

روح جي پکي کي بدن، پڃرو يا قيد آهي ۽ حياتي ڳچي ۾ ڳارو آهي. زماني ۾ ڪو بہ ڏاڙيل نہ آهي، پنهنجي نفس کي رهزن ڄاڻ. دل جو مقصد هرگز حاصل ڪري نہ سگهندين، جيستائين توکي، مان يا وڏائي هوندي، هن ڪتاب کي ان لاءِ لکيو اٿم جو صاحب دلين تي روشن ٿئي. هي ڪتاب هر دور ۾ عبدالحسين جو يادگار رهي شال!

# حڪايت: 24

مخفي نہ رهي تہ منهنجي پهاڙي شڪار جو خدمتگار ”وڏيرو عبدالله شورو“ جنهن جي عمر پنجونجاهہ سال هئي. ان پنهنجي نوي سالن جي پيءُ ”وڏيري رستم شوري“ کان ۽ ان پنهنجي پيءُ ”وڏيري قلندر شوري“ کان ٻڌو. ان بيان ٿي ڪيو تہ قلندر شورو وري ”صاحبڏني شوري“ جو پٽ هو. ان چيو تہ ”پٽ شريف“ هڪ واريءَ جو دڙو هو ان جي چئني طرف پاڻي ۽ گھاٽو جهنگ هو. آئون اُتي ڍاچيون چاريندو هوس. ڍاچيون ٻين جون هيون. آئون پگھادار هوس، پر هڪ ڍاچي منهنجي آڌياري هئي. هڪڙي ڏينهن ڏٺم تہ ڍاچيون هڪ وڻ کي ڏسي تاهہ ڪائي ڀڄڻ لڳيون. مون سمجهيو تہ شينهن کي ڏسي تاهہ ڪاڏو اٿن. آهستي لڪي وڃي ڏٺم تہ هڪ شخص استغراق ۾ ويٺو آهي. ان جي هشمت مون کي اتي ويهڻ نہ ڏنو. جلدي اُتان ڍاچيون ڪڍي ٻي جاءِ تي آيس. رات جو جڏهن گھر پهتس تہ پنهنجي پيءُ سان ڳالهہ ڪيم. منهنجو پيءُ ”وڏيرو صاحبڏنو“ مون سان گڏجي اتي آيو. وڻ خالي ڏٺوسين. منهنجي پيءُ چيو تہ اهو سيد حبيب شاهہ جو فرزند ”بيراڳ“ جي حالت ۾ هتي آسپاس ايندو آهي. ان کان پوءِ ٻئي پيري ان کي ڏسين تہ ان کان دعا گھرائجان. ٻئي ڏينهن جيئن تہ اهو خيال منهنجي دماغ ۾ ويٺو هو. تنهن ڪري اتي ويس. اهو وڻ منهنجي گھر کان ٽي ميل پري هو. اُتي اولياءَ صاحب کي ويٺل ڏٺم. سندس پيشاني مان حسن جمال، اکين مان جوش جلال ۽ سندس طبيعت مان ڪمال ظاهر ٿي ٿيو. آئون تمام ادب ۽ احترام سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. نياز ۽ نوڙت سان عرض ڪيم تہ جيڪڏهن مون مسڪين جي ڍاچين جو ڪجهہ کير پيئو تہ اوهان جي مهرباني ٿيندي. تنهن تي اولياءَ صاحب منهنجو نالو وٺي فرمايو تہ

جيڪڏهن ڪير ڪٽي ايندن تہ قبول ڪندس، پر ان ڏاچي جو ڪير ڪٽي اچ، جنهن ۾ تنهنجو اڌ حصو آهي، يعني ڏاچي جي چئن ٿڻن مان بہ ٽڻ تنهنجي حصي جا آهن. مگر انهن ٻن ٿڻن مان بہ هڪ ٿڻ ڏاچي جي ڦر جو حصو آهي. باقي هڪ ٿڻ جو ڪير ڏهي ڪٽي اچ. آئون سندن حڪم تي عمل ڪري (هڪ ٿڻ جو) ڪير ڪٽي حاضر ٿيس. ان مان بہ اڌ ڪير مون کي ڏنائون ۽ اڌ پاڻ پيتائون ۽ دعا گهريائون. ان ڏينهن کان اسان جي رزق ۾ برڪت پئي. ٿوري وقت ۾ وڳ وڏيو مال ملڪيت جهجهو ٿيو ۽ اسين آسودا ٿياسين.

جنهن وقت حضرت اولياءَ صاحب، پٽ شريف کي هموار ڪري آباد ڪرڻ ۾ مشغول ٿيا تہ، قلندر شورو بہ پنهنجي پيءُ سميت اتي وچي حاضر ٿيو. فقيرن سان گڏ ڪم ۾ مشغول ٿيو.

عباسي ڪلهوڙن جي حڪومت پوري ٿيڻ کان پوءِ ان صوبي جا مير صاحب بادشاهہ بڻيا. مير فتح علي خان بن مير صوبدار خان تخت بخت جو صاحب ٿيو. اهي شڪار جا شوقين هئا ۽ تختگاهہ حيدرآباد سنڌ هو. شورن جا ماڻهو هرڻن جي شڪار جا چاڻو هئا ۽ ملازمت ۾ بہ هئا. تنهن ڪري سنڌو درياءَ جي اولهہ طرف جبلن جي دامن ۾ وڃي وينا ۽ مير صاحبن جي شڪار گاهن جي سار سنڀال تي ڪيائون. هينئر بہ اُتي ويٺل آهن. انهن جي شهر کي "ڏيون" چون ٿا. خود شورا بہ "انيهہ" آهن. (انيهہ شورا ذات جي قبيلي مان هڪ قبيلي جو نالو آهي).

## نظم جو مطلب

سانگي، باغ ۽ بلبل جي نغمہ خواني، ساقي شراب جي مستي، ناز ادا ۽ جواني جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ هميشہ حضرت اولياءَ صاحب جي در تي رهان جو ان ۾ لطف زندگاني آهي.

# حڪايت: 25

مخفي نہ رهي تہ تمر فقير مشهور لطيفي خليفو آهي، جنهن جو اجا تائين نالو پٽ شريف تي زندهہ آهي. ان جي قبر لطيف جي روضي جي ڏکڻ طرف ويجهو آهي. ان جي اوطاق بہ آهي. هينئر ان جو جانشين لائق ڏنو خليفو آهي. چون ٿا تہ تمر فقير جا مائٽ، سيد حبيب شاهہ جا مريد هئا. ان جي حياتي ۾ حرمين شريفين جي زيارت تي ويا هئا. جڏهن موٽي آيا تہ، اولياءَ صاحب وٽ سندس والد سيد حبيب شاهہ جي عذرخواهي ڪيائون. انهن وٽ هڪ ننڍو ڇوڪر هو، اهو اولياءَ صاحب جي حوالي ڪيائون. حضرت اولياءَ صاحب پيار سان ان ٻتڙي کان پڇيو تہ، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو تہ حاجي علي. حضرت اولياءَ صاحب فرمايو تہ بابا! هي نالو مرشدن جي مرشد، عارفن جي اڳواڻ، شير يزدان حضرت علي رضي الله عنهہ جو آهي. تنهنجو نالو "تمر" آهي. ڇو تہ عرب ۾ تنهنجو جمڻ کجيءَ جي وڻ هيٺان ٿيو ۽ عرب جي زالن عربي ٻوليءَ ۾ خوشيءَ ۾ هيئن ٿي چيو. "ثمن البقر لحم الغنم تحت التمر فوق المطر آت الله آت." يعني، ڍڳيءَ جو کير، ٻڪريءَ جو گوشت، کجيءَ جي هيٺان مٿان مينهن۔ آڻ الله آڻ!

تمر فقير جي مائٽن کي ڏنڊين آڱريون اچي ويون تہ حقيقت بہ اهڙي طرح هئي.

اجا خليفو (تمر فقير) نابالغ هو تہ، اولياءَ صاحب وصال فرمايو مگر لطيفي راڳ ۽ سرود ۾ استاد هو. ڇو تہ محڪم الدين سيلاني، وجد جي حال جو صاحب ۽ بلند خيال هو جيڪو اولياءَ صاحب جو دوست هو تمر فقير کي ان جي حوالي ڪيائون. چون ٿا تہ حضرت اولياءَ صاحب، محڪم الدين سيلاني کي چيو هو تہ، جڏهن خليفو تمر وڏو ٿئي تہ ان کي درويشي جا

طريقا ۾ درد دل جون ضروري ڳالهيون سيکاريون. اهڙي ريت محڪم الدين سيلاني، خليفي تمر فقير کي ڪمال تي پهچايو.

تمر فقير ڇڙو رهيو. شادي ڪا نہ ڪيائين. هينئر بہ جيڪو ان جي مسند تي ويهي ٿو شادي نٿو ڪري. لطيفي سرود، تمر فقير جي هن جماعت جي حوالي آهي. ان آزاد طبع جي ڪري سندن شيرازو نہ ٽٽو آهي ۽ زماني هنن کي ڪا بہ تڪليف ڪا نہ ڏني آهي ۽ دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ سان مائل نہ ٿيا آهن.

## نظم جو مطلب

ڪعبي ۾ وڃي توکي چارئي طرف سجدو ڪيم. تنهنجي تلاش ۾ سڄو جهان ڦريس. اي منهنجا سڄ! توکي ذري سان جستجو ڪيم. پنهنجي منهن تان پردو هٽاءِ، جو هن ڪان پوءِ سڄي عمر هن آرزو ۾ گذاريم. جيڪڏهن منهنجي هي روان طبيعت قاصر نہ ٿئي تہ تنهنجي اڻ ڪٿ حسن جي وصف ۾ گفتگو ڪيان. اي منهنجا دوست! پنهنجي بي فرمان نفس جي شڪايت تنهنجي خدمت ۾ پهچي سيپئي روبرو ڪيم.

# داستان: 26

## حڪايت جي بيان ۾

هي ٻچ نقل استاد آخوند احمد، جنهن جي عمر اسي سال، پراڻن هالن جو رهاڪو ۽ "سانوڻي ملن" مان آهي. ان کان تازو داستان ٻڌا اٿم، ان ڪري انهن سيني کي هڪ حڪايت ۾ درج ڪيو اٿم.

1۔ روايت آهي تہ پراڻن هالن جي پٽي قوم جا بزرگ، ظاهري علم ۽ فضل سان سينگاريل هئا. حضرت اولياءَ صاحب سان بدسلوڪي تي رڪيائون ۽ هالن واري مخدوم جا موافق هئا. مخدوم نوح رحمت الله عليہ جي گادي نشين "مير پير پنج پڳيہ" جنهن جو ذڪر اڳ ۾ آيو آهي. ان جي صلاح سان مخدوم عبدالرئوف پٽي هڪ عبا (پهراڻ) حضرت اولياءَ صاحب ڏانهن سوکڙي طور موڪليو جيڪو زهر آلود هو.

2۔ منهنجي استاد جو پڙڏاڏو حاجي متين الدين هو. جنهن کي حضرت اولياءَ صاحب پنهنجي گودڙي ڏني هئي. ان جو رنگ ميرانجهڙو خاڪ جهڙو آهي. اڃا تائين انهن وٽ تبرڪ طور رکيل آهي.

3۔ مخدوم عبدالباسط، حضرت اولياءَ صاحب جو معتقد هو. ان کي پٽ ڄائو تہ پاڻ شڪراني طور ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪيائين. ڏنائين تہ سندس پاسي ۾ حضرت اولياءَ صاحب بہ جلال ۽ بيخودي جي حالت ۾ بيٺو آهي. اولياءَ صاحب کي پنهنجي گهر وٺي آيو. جيئن تہ مخدوم عبدالباسط مسڪين ماڻهو هو. ان وقت سندس گهر ۾ مانهہ جي دال تيار هئي. حضرت اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. حضرت اولياءَ صاحب اُها دال ڪائي موڪلايو ۽ فرمايو تہ فقيرن جي جماعت منهنجي پنيان پئي اچي. آئون اڪيلائي پسند آهيان. ان

ڪري انهن کان پڇي آيس. جيڪڏهن منهنجو پڇڻ تہ اُنهن کي ڏس نہ ڏجو. (موڪلائڻ وقت مخدوم عبدالباسط) حضرت اولياءَ صاحب کي هڪ ڪارو ڪپڙو ڏنو جيڪو قبول ڪيائون ۽ فرمايائون:

ور اونداهي راتڙي، چانڊوڪي چاندا،
تہ اوري مهارا، مُنهہ م پسان ڪو پيو.

مطلب تہ چانڊوڪي رات کان اونداهي رات ڀلي آهي، جو ان ۾ محبوب کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيِ ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

4ـ حضرت اولياءَ صاحب نصرپور شهر ۾ آيا، جيڪو "پراڻي درياءَ" جي ڪناري تي آهي. ان زماني ۾ سنڌو درياءَ اُتان وهندو هو. هينئر جتي درياءَ آهي، اهو شاهہ عبداللطيف جي زماني کان پوءِ، ميان غلام شاهہ عباسي جي دور حڪومت جي زماني ۾ آيو.

مطلب تہ جڏهن اولياءَ صاحب اتي نصرپور پهتو تہ ميان عبدالله ولد الهڏنو اُتان جو سکر ماڻهو هو. اهو اولياءَ صاحب جي خدمت ۾آيو ۽ سندن پٽ کان ٽي وينو. گهريائين تہ پاڻ اولياءَ صاحب جي حق پرست جماعت ۾ داخل ٿي، هميشہ سندن رفاقت ۾ رهي. تنهن تي ان جي ڀاءُ ڪيس اهڙي حال ۾ ڏسي ڀانئيو تہ اسان جو خاندان ختم ٿي ويندو ۽ اسان جو اثر بہ گهٽجي ويندو. ان وقت اولياءَ صاحب فرمايو تہ "ملا خبردار!" ان کان پوءِ سڄي حياتي ان شخص اهو لفظ ورد زبان ڪري ڇڏيو. وقت بنا وقت اهي لفظن پيو چوندو هو.

5ـ "مير پير پنج پڳيہ" مخدوم نوح رحمت الله عليہ جو گادي نشين ڪنهن وقت پنهنجي ڏاڏي جي گنبذ جي ٻر ۾ وينو هو. فقيرن دستور موجب سماع پئي ڪيو. جڏهن واندا ٿيا تہ مخدوم وڏي آواز سان پنهنجن فقيرن کي چيو تہ "دعا جا هٿ کڻو ۽ خدا کان دعا گهرو تہ شاهہ عبداللطيف اسان جي ويجهڙائي کان پري وڃي. ان جي مرشدي جو اثر ختم ٿئي ۽ ان جون جايون ڊهن". فقير، مرشد جي امر موجب عا گهرڻ لڳا. جڏهن پنهنجو ڪم پورو ڪيائون تہ انهن کي خبر نہ پئي جو حضرت اولياءَ صاحب بہ انهن جي جماعت ۾ مخفي طرح ويٺا هئا. اولياءَ صاحب ان وقت هي بيت زبان تي آندو:

ويندن تان ويڪ ٿي، هوندن ڪونهي هنڌ،
من لهہ المولىٰ فلهہ الڪل، اي پروڙج پنڌ.

مطلب تہ جيڪو ويو ان تي زمين ڪشادي ٿي ۽ جيڪو رهيو ان تي تنگ ٿي. ”جنهن جو رب، تنهنجو سڀ“ انهي رمز کي پروڙج ۽ سمجھہ.

6۔ حضرت اولياءَ صاحب ”لاهوت“ جي سير جو ارادو ڪيو. لاهوت، جبلن ۾ عارفن ۽ ڪاملن جي جاءِ آهي ۽ ”لس بيلي“ جي واٽ تي آهي. سندن والد سيد حبيب شاهہ کين چيو تہ جبلن ۾ نانگ بلائون ۽ ٻيون خطرناڪ شيون گھڻيون آهن، تنهن تي حضرت اولياءَ صاحب فرمايو:

نڪو جن جهان ۾، نڪو سڄي نانگ،
سسئي ڇڏيو سانگ تہ ڇپر مڙيوئي ڇاڙڪي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تہ دوست دلنواز سان ڳالهہ ٿو ڪريان، عشق جو داستان دلنواز ٿو ڪريان. مرشد عبداللطيف جي مدح ٿي منظور آهي، موتي معنيٰ ۾ بہ فڪر تي ڪيم. جيڪڏهن بيپرواهہ دوست ناز ٿو ڪري تہ آئون وري نياز ٿو ڪيان. جيڪڏهن هڪ دفعو بہ مون ڏانهن توجهہ ڪري تہ رازدار سان دل جا راز اوريان. عبدالحسين! زماني جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن کان ڪارساز ۾ اميد ٿو ڪريان.

# حڪايت: 27

روايت آهي تہ حضرت اولياءَ صاحب وٽ هڪ عمدي ۽ تکي گهوڙي هوندي هئي. حضرت اولياءَ صاحب پاڻ بہ ان تي ڪو نہ چڙهندا هئا ۽ نہ وري ٻيو ڪو ان تي سوار ٿيندو هو. ان گهوڙيءَ جو نالو ”چنگل“ هو. جڏهن اولياءَ صاحب هن ظاهري، فاني جهان مان برقعو مٽايو تہ ان وفادار گهوڙيءَ بہ اولياءَ صاحب جي فراق ۾ روئڻ شروع ڪيو. جيستائين زنده هئي تہ سندس اها حالت رهي. ان کي بيقراري ۽ اکين مان آب جاري رهيو.

جڏهن سيد جمال شاه کي آٽي مسند نشيني لاءِ پسند ڪيائون تہ، ٻين ساداتن بہ دعويٰ ڪئي ۽ حقداري ڏيکاري. لطيفي فقيرن گهٽي ئي اولياءَ صاحب جي وصيت (جمال شاه جي باري ۾) ياد ڏياري، پر جيئن تہ صاحب غرض چريو ٿو ٿئي، سو هر ڪنهن پاڻ کي صاحب سعادت پئي سمجهيو. آخر ڳالهہ هتي اچي بيٺي جو ڪن چيو تہ لطيفي ارشاد بہ اهڙي طرح هو سندس وصال کان پوءِ لطيفي مسند نشين کي ”چنگل“ گهوڙي سڃاڻندي يا چڙهڻ ڏيندي، ان ڪري چنگل گهوڙي کي سنجي ان جماعت ۾ آندائون. هر هڪ کي شوخي ۽ شور سان ڏسندي لنگهي. جڏهن سيد جمال شاه وٽ پهتي تہ جڻ اولياءَ صاحب وٽ پهتي. حضرت اولياءَ صاحب وانگر ڏسي هڻڪار ڪيائين. خوشي ظاهر ڪيائين ۽ اولياءَ صاحب جي خدمت وانگر ناز سان هلڻ لڳي. تنهن تي سيد سڳورو (جمال شاه) ان تي چڙهي چڪر ڏئي آيو ۽ گهوڙيءَ جي پيشاني تي چمي ڏنائين. ان کان پوءِ ٻيا بہ گهوڙيءَ تي چڙهڻ لڳا. چون ٿا تہ ٻي ڪنهن کي ڏنائين ٿي تہ ان کان منهن ٿي موڙيائين ۽ جنهن زياده چڙهڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ ان کي ڪرڻ نصيب ٿي ٿيو.

۽ روايت ۾ اهو بہ آهي تہ جڏهن ميان غلام شاهہ عباسي اهو پڌو تہ (مسند نشيني) جي دعويٰ ڏکي ٿي وئي آهي، تڏهن سيني ساداتن کي پاڻ وٽ طلبيائين. جمال شاهہ کي ڏسي، پسند ڪري، حڪم ڏنائين تہ گادي نشين سيد جمال شاهہ ٿئي. ميان غلام شاهہ جو پيءُ، ميان نور محمد عباسي، جيڪو ان وقت سنڌ جو حاڪم هو. اُهو بہ هن فيصلي تي خوش ٿيو. سيد جمال شاهہ مرشدي جي مسند تي ويهي، رشد و هدايت ڏيڻ لڳو ۽ اولياءَ صاحب جي روضي جي تعمير جو انتظام ڪرڻ لڳو. آخر ميان غلام شاهہ عباسي، پنهنجي پيءُ جي وقت ۾ يا پنهنجي دؤر حڪومت ۾ پاڻ وٽ طلبيو ۽ ظاهر ڪيو تہ، لطيفي روضي تي جيڪو بہ خرچ اچي، اهو هو پنهنجي گهران ادا ڪندو ۽ روضو مبارڪ تيار ٿيو جنهن جو تفصيلي احوال حڪايت 12 ۾ لکيل آهي.

جڏهن عباسي خاندان کان سنڌ جي حڪومت منتقل ٿي مير صاحبان ٽالپرن وٽ آئي تہ، مير صاحبن جي سرڪار ۾ "ڪريمي" ۽ "لطيفي" درگاهہ جي گادي نشينن کي سنڌ جي ٻين سيني مشائخن کان وڌيڪ عزت ۽ اقتدار هو. منهنجي ڏاڏي مير محمد نصير خان، پنهنجي دور ۾. روضي جي مرمت تي گهڻو خرچ ڪيو. پڪو ارادو ڪيائين تہ روضي جي چئني ڪنڊن تي چار منارا ٺهن. صحن ۾ اڳيان محراب وارو دروازو ٺهي. روضي ۾ اندر گلڪاري ۽ نقاشي ٿئي، جنهن جا نشان اجا تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ مسجد جي سهڻي نموني سان مرمت تي هزارين رپيا رازن، نقاشن ۽ مزدورن تي خرچ ڪيائين. مير نور محمد خان سامهون اڱڻ ۾ وڏو کوهہ کوٽايو. ان جو پاڻي تمام گهڻو ۽ مٺو آهي. شريعت جي حڪم موجب چوڏاري ڏهہ ڏهن ۾آهي، جيڪو پليد نٿو ٿئي. ان تي بہ چرخ پڏل آهن. راقم سانگي اهڙو اونهو ۽ ويڪرو کوهہ ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو آهي. مير صاحب، مير محمد خان لطيفي درگاهہ جو مريد هو ۽ سچي اعتقاد وارو هو. روضي مبارڪ کي چانديءَ جو دروازو انهي هٽايو جيڪو اجا تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻين مير صاحبن بہ جڙدار ڪلف، چانديءَ جون دستارون ۽ موتي ڏنا آهن، پر اها خبر نٿي پوي تہ ڪهڙن مير صاحبن اهي شيون ڏنيون.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ مير صاحبن جي سخاوت، جماعت، ڏاهپ ۽ لطيفي

درگاهہ سان عقيدت بيان ڪئي آهي. چوي ٿو: جڏهن مير فتح علي خان سنڌ جو حاڪم ٿيو جو بلوچ قوم جو ناميارو سخي هو. سخاوت ۾ سندس هٿ تيز برسات وانگر هلندو هو. ان کان پوءِ بادشاهي تخت تي مير غلام علي خان ويٺو. ان جي تيز تلوار ملڪ سنڌ ۾ وسعت آندي. ان کان پوءِ مير ڪرم علي خان تخت جو صاحب بڻيو. حاتم کان وڌيڪ سخي هو. شاعرن جو قدردان هو. انهن تي گهڻا احسان ڪيائين. جڏهن اهو هن دنيا مان موڪلائي ويو تہ تخت تي مير مراد علي خان ويٺو. اهو وڏو بخت ۽ تخت جو صاحب هو. ڏاهپ ۽ دانائي ۾ چڙهي تہ افلاطون کان سبق ورتو هئائين. ان جي دور ۾ سنڌ، يونان جون سڪون ٿي لاٿيون. خدا جي حڪم سان چئني پائرن، هڪ ٻئي کان پويان فرمان ٿي لڌا. انهن کان پوءِ حڪومت چار حصا ٿي. هر هڪ پنهنجو حصو ورتو. هڪ مير صوبدار خان ولد مير فتح علي خان جو. ٻيو مير صاحب مير محمد خان جيڪو مير غلام علي خان جو نشان هو. مير نور محمد خان آباد حصو ورتو. چوٿون جيڪو گهٽ آباد حصو پر گهڻو ڪشادو هو مير نصير خان ورتو. مير نصير خان هر طرف واهہ کوٽايا ۽ پنهنجو حصو آباد ڪيائين. پنهنجي سخاوت ۽ همت جي ڪري ايران ۽ توران ۾ مشهور ٿيو. خداداد بخت جي ڪري ٻين ميرن کان گوءِ کٽي ويو. نظم ۾ مختار نامو لکيائين. طبيعت جو سخي ۽ دل و جان سان اهلبيت تان قربان هو. هينئر بہ سندس پٽ حسن علي خان جي ڪري نالو روشن اٿس. سخاوت ۽ شجاعت وڏن کان مليل اٿس. جڏهن اهو ڪلڪتي ۾ هو تہ گهڻن شينهن جو شڪار ڪيائين. ننڍين جانورن ۾ هرڻ جو شڪار پسند ڪندو هو. پوني ۾ بہ هرڻن ۽ هرڻين جو شڪار ڪندا هئا. سنڌ ۾ شينهن جو شڪار ڪيائين جو ان کان اڳ ۾ ڪنهن بہ بادشاهہ ايئن نہ ڪيو. اهو جوان بخت اقبال ۽ جلال سان سلامت رهي.

مطلب تہ اهي مسلمان حاڪم هئا، جن ساداتن تي گهڻا احسان ڪيا. ان سان گڏ لطيفي درگاهہ سان بہ سندن سچي دل هئي. اي عبدالحسين! زماني جي شڪايت ڪرڻ مناسب ڪانهي.

# حڪايت: 28

روشن رهي ته، حضرت اولياءَ صاحب ٽر جي پاسي سير سفر تي ويا. اُتي سندن اکيون اُتي پيون، جنهن ڪري اکين تي ڦڪو ڪپڙو ڏئي چڙيائون. اُتي ولهار جي مخدوم صابر ولهاري، جيڪو پاڻ به ڪامل بزرگ هو، ان کي شاهه لطيف جي اچڻ جي خبر پئي ته، اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ زيارت لاءِ آيو. حضرت اولياءَ صاحب اکين تان ڪپڙو مٿي کڻي فرمايو ته اي منهنجون اکيون! ڏسو ته مخدوم صابر جيئن ٻڌو اٿم ته انهن سهڻين وصفن جو صاحب آهي يا نه. ان وقت حسين نالي جيڪو مخدوم صابر سان گڏ آيو هو. (ان وقت اولياءَ صاحب سادي ۽ فقيراڻي نموني ۾ هيٺ زمين تي ويٺو هو.) تنهن اولياءَ صاحب کي چيو ته اي شاهه عاليجاهه! مون اوهان جي پيءُ (سيد حبيب شاهه) جو ديدار به ڪيو هو، جيڪو شريعت، زهد ۽ تقويٰ جو صاحب ۽ ظاهر ۽ باطن سان سينگاريل هو ۽ توکي ڇا ٿيو آهي جو پاڻ کي دنيا جي لذتن کان پري ڪيو اٿئي، جيڪي الله تعاليٰ جون نعمتون آهن؟ تنهن تي حضرت اولياءَ صاحب فرمايو ته مخدوم صابر خوشبودار گل آهي، جنهن جي خوشبوءَ مون کي معطر ڪيو آهي، پر ان سان گڏ جيڪو ڪنڊو هو ان ڏک پهچايو آهي. مطلب ته حسين جيڪو ڪنڊي وانگر آهي ۽ فرمايائون:

پنوهارڪي پرهي، جي هوند چڪيائين،
ته ميهارڪي منهي، ساجهر چڙيائين.

مطلب ته پنوهارن جي ٻڪرين جي جيڪڏهن لسي چکي ها. پنوهار مشهور قوم آهي ته، گهر جي ڍڳين ۽ مينهن کي باک ڦُٽڻ کان اڳ ۾ چڙي ها. يعني ته ٻڪري معنيٰ الله تعاليٰ جي محبت ۾ عاجزي خاڪساري- ڍڳين ۽ مينهن مان مراد وڏائي، پاڻ پائڻ ۽ دنياوي تڪبر آهي. اولياءَ صاحب اهو

بيت پڙهي اُٿي روانا ٿيا.

تحفتہ الڪرام ڪتاب، جيڪو مير علي شير قانع ٺٽوي جي تصنيف آهي ۽ ڪتاب جو نالو بہ تاريخي آهي، جو ان مان ڪتاب جي شروعات جو سال نڪري ٿو. مصنف علي شير قانع، اولياءَ صاحب جي زماني جو هو جيتوڻيڪ ان ٿورو احوال لکيو آهي، پر اهو عين اليقين ۽ حق اليقين جي حيثيت رکي ٿو. جيئن چوي ٿو ڀٽ شاهہ جي زمين هالا ڪندي جي تابع ۽ ان ڪان هيٺاهين طرف ٽن ميلن تي آهي. شاهہ عبداللطيف رحمت الله عليہ جي قبر ۽ مدفن اتي جي عجائبات مان آهي. اهو بزرگ "تارڪ" جي لقب سان مشهور سيد حبيب شاهہ جو فرزند ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي اولاد ۽ پونيئرن مان آهي. سيد حبيب شاهہ بہ الله وارو مرد ڪامل هو. جڏهن سيد حبيب شاهہ جي وفات ٿي تہ سندس تاريخ وفات (ٺٽي جي مخدوم محمد صادق نقشبندي) هيٺين عربي عبارت مان ڪڍي: "الموت جسر يوصل الحبيب الي لقاء الحبيب" (1155 هہ) مطلب تہ موت هڪ پل آهي، جتان هڪ دوست ٻئي دوست جي ديدار لاءِ پهچي ٿو. شاهہ عبداللطيف سان ولايت ۾ ڪو بہ هن زماني ۾ برابر ڪونهي. سندس ڪرامتون سج وانگر روشن آهن. رباني علم، سندس سيني جي ڦرهي تي چٽيل آهي. چون ٿا تہ، مرزا بيگ ارغون جي نياڻي شاهہ لطيف جي گهرواري هئي. جيتوڻيڪ پهريان مرزا بيگ ارغون، اولياءَ صاحب جو سخت مخالف ٿي پيو هو. جڏهن مرزا بيگ جي وفات ٿي تہ اولياءَ صاحب جي مريدن مان ڪنهن مريد، شاهہ جي حضور ۾ ان مرزا بيگ جي تاريخ وفات هن مان ڪڍي: "بود خبيث" (1124هہ). تنهن تي اولياءَ صاحب فرمايو هيئن چئو: "يک مغل بهہ بوده" (1124هہ). مطلب تہ هڪ سٺو مغل هو. حساب ڪيائون تہ سندس سال وفات جي صحيح تاريخ نڪتي.حق هي آهي تہ، اُمي شخص جو في البديهہ اهڙو جملو چوڻ ڪرامت کان خالي ناهي. جنهن ڏينهن حضرت اولياءَ صاحب هن جهان مان وصال ڪيو تہ، سندس جدائي جي غم ۾ گهڻن مريدن جا پساهہ پورا ٿيا. سندس مزار مبارڪ ان ڀٽ تي عجيب روحانيت ۽ پاڪيزگي جي جڳهہ آهي. سندس مزار تي عاليشان قبو آهي. جيسلمير جي راجا صبح ۽ شام جي وڄت لاءِ نقارا نذراني طور ڏنا آهن. سندس درگاهہ تي عجيب روحانيت، فرحت، صفائي ۽ حضوري حاصل ٿئي ٿي. هينئر بہ سندس گادي نشين سيد جمال شاهہ ڪشف ڪرامت جو صاحب آهي ۽ ان

سلسلي جا ٻيا ڪيترائي مشهور خليفا ۽ فقير آهن.

نقل: چون ٿا تہ هالا قوم جي ماڻهن جا ڪُجھ گهر شاهپور شهر جي ويجها هئا. اتي وڏيرو ڏهيسر پليجو هو. ان ڏهيسر، شاھ عنايت سان بدسلوڪي ڪئي ۽ شاھ عنايت ان کي بددعا ڪئي. ڏهيسر کي ان پاراتي جو اچي ڏپ ٿيو. جڏهن اولياءَ صاحب ٻُٽائي جي اچڻ جي ٻڌائين تہ ان کي دعوت ڏنائين. سندس خواهش هئي تہ اولياءَ صاحب خير جي دعا گهري تہ ان پاراتي کان بچاءُ ٿئي. اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ شاھ عنايت ناراض ٿي مون کي پٽيو آهي ۽ اوهان دعا گهرو تہ ان پٽ پاراتي جو اثر ختم ٿئي. تنهن تي اولياءَ صاحب فرمايو تہ ”شاھ عنايت درويش آهي. ان سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ واجب هو.“ هن وقت ان شهر ۾ راهوجن جا هڪ ٻہ گهر آهن، ٻيو سڄو شهر ويران پيو آهي.

اولياءَ صاحب راهوجن جي ڳوٺ ۾ رات جي وقت پهتا. جيئن تہ ان ڳوٺ ۾ خرابي، بيحيائي ۽ بدڪرداري گهڻي هئي، تنهن ڪري ڳوٺ وارن نٿي گهريو تہ ٻاهريان ماڻهو اتي رات رهن. ڳوٺ جي زالن ۽ مردن، اولياءَ صاحب جي جماعت سان نہ رهايو. جڏهن صبح ٿيو تہ اولياءَ صاحب هي بيت چئي روانا ٿيا:

راهوجن ۾ رات، قادر پوي نہ ڪنهن جي،
رنون رب رلائيون، آهر اگلي ذات،
پليجن مان پاٿ، پرجي آئي يت جي.

مطلب تہ راهوجن ۾ ڪنهن کي رات نہ پوي، اتان جون زالون ڇڙواڳ ۽ مرد بدڪردار هئا. پليجن جي ڳوٺاڻ يت جو ٿانءُ پرجي آيو. حق پرست جماعت ان تي گذارو ڪيو.

نقل: ڪن لطيفي فقيرن راهوجن جي ويجهو هڏاڪٽ ۾ اولياءَ صاحب جي اجازت کان سواءِ ڪجھ ٽڪرا زمين جا آباد ڪيا. هڏاڪٽ جي معنيٰ آهي هڏا ڪٽيندڙ يعني هي راهوجن جا ماڻهو هڏا ڪٽيندا هئا. خبر نٿي پوي تہ ان مان ڇا ڪندا هئا. ان جاءِ کي ”توتره“ بہ چون ٿا. جڏهن پوک تيار ٿي تہ اولياءَ صاحب کي اطلاع ڏنائون تہ پاڻ اُتي اچي پوک ڏسن. جيئن تہ اولياءَ صاحب کي لسي وڻندي هئي، ڪنهن ماڻهو کي ”راهوجا هڏاڪٽ“ ڏانهن لسي آڻڻ لاءِ موڪليائون. خبر پئي تہ راهوجا شهر جون

زالون لسي "گجن" شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ ڪٽي ويون آهن ۽ پوئتي لسيءَ جو ڏيک بہ نہ ڇڏيو اٿن "گجن" شهر هينئر ويران پيو آهي. ان جا نشان پراڻا هالا ۽ نوان هالا جي وچ تي آهن. اولياءَ صاحب جي زماني ۾ اهو شهر گهڻو آباد هو. "مدد افغان" عباسين جي مدد واسطي، مير صاحبن سان مقابلو ڪيو ۽ دشمني جي ڪري، هن شهر کي برباد ڪيائين. جڏهن اولياءَ صاحب کي خبر پئي تہ زالون "گجن" شهر ۾ لسي وڪڻڻ ويون آهن تہ هيئن فرمايائون:

هڏاڪث هليون، ڪوپياريون ڪهي،
ڇڏيون ڪا نہ پٽ تي، سندي ڏڏ ڏهي،
گجن ساڻ گهي، اونڌا ڪري آئيون.

ڪوپياريون يعني ڳپن واريون. کير ماپڻ جو ننڍو ٿانءُ يا ڪپو جنهن سان لسي ماپي وڪڻبي آهي. جڏهن زالون هڏاڪث ويون تہ ٿانوَ پري ڪٽي ويون، لسي جو ڏيک بہ نہ بچايائون. گجن ۾ سڀ ٿانوَ خالي ڪري موٽيون. ٻئي ڏينهن انهن کان لسي وٺي سڄي جماعت کي پيارئائون ۽ پاڻ بہ پيتائون ۽ اها آن واري پوک، ان جي عيوض شهر وارن کي ڏئي ڇڏيائون، ان کان پوءِ ڪنهن بہ فقير پوک تي دل نہ رکي.

## نظم جو مطلب

وڏي شان وارو عبداللطيف-پروردگار جو خاص ٻانهو عبداللطيف- زمين آسمان ۾ عبداللطيف جي درياءَ جو فيض جاري آهي. لاهوت کان بہ ان جو لطف وڏو آهي. ننڍي وڏي جو هادي عبداللطيف آهي. عبداللطيف اختيار وارو آهي جو ناسوت وارن کي نور تائين رسائي ٿو. خالق جي خيال ۾ جبلن جو سير عبداللطيف ڪيو. هال ۽ قال جو صاحب رازدار عبداللطيف آهي. پنهنجو لامڪان ۾ هينئر مڪان اٿس ۽ زمين تي عبداللطيف جي مزار آهي. نفس کي عبدالحسين ماري سگهي ٿو جڏهن عبداللطيف جو لطف مددگار ٿئي.

# حڪايت: 29

حضرت اولياءَ صاحب جي انهن فقيرن جو احوال، جيڪي ناميارا درويش، سچا مريد ۽ جانثار وفادار فقير آهن ۽ خوش قسمتي سان لطيفي حضور ۾ حاضري جو شرف حاصل ڪيو هئائون.

(1) ميان ”نور محمد وائي وارو“- ”وائي“ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو ”اُڏيري“ (لال) عرف ”شيخ طاهر“ جي گنبذ جي ويجهو آهي. ”اُڏيري“ جي هندو پوڄا ڪندا آهن. ميان (نور محمد وائي وارو) حضرت اولياءَ صاحب جو اُستاد بہ هو. جنهن کان رڳو ”الف“ سکيو هئائون. ان جو احوال حڪايت تيرهين ۾ درج آهي. اهو بزرگ ذات جو ”پتي“ هو. هن وقت سندس پونيئرن مان تي ڄڻا چڱي ڳڻ وارا آهن. هڪڙو ميان حسين، سرود وڄائڻ ۽ لطيفي ڪلام جو مشهور حافظ آهي. ٻيو ان جو واقف ڪار حقيقت جي مرحلن جو ڄاڻو الله جو پيارو ميان احمد آهي. هن وقت قحط الرجال جي دور ۾ بہ تصوف ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. تصوف ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي اٿس. بيشڪ ظاهر ۽ باطني علم ۾ ڪماليت وارو آهي. جواني جي ڏينهن ۾ شادي ڪئي هئائين. سندس گهرواري وفات ڪري وئي. پاڻ مجرد، آزاد ۽ بي ثمر آهي. ٽيئي ڄڻا پٽ شريف تي فارغ البالي خوشحالي سان ڏينهن پيا گذارين. الله تعاليٰ سندن عمردراز ڪري، جو انهن کان پوءِ سندن ڪو بہ پونئير ڪو نہ رهندو.

(2) ميان محمد عالم ديانہ، جيڪو حضرت اولياءَ صاحب جي والده جو پاڻيجو هو. سماع ۽ ذڪر جو ڪم ان جي حوالي هو. چون ٿا تہ اولياءَ صاحب کان پوءِ، سيد جمال شاهہ جي لطيفي مسند جي پهرين گادي نشين مقرر ٿيڻ تي، ان جي برخلاف ٿي پيو ۽ ٻين ساداتن جو طرفدار هو. وقت جي

حاڪم سيد جمال شاهہ جي اشاري سان ان کي قابو ڪيو ويو پر ستت ئي آزاد ٿيو. مشهور آهي تہ گادي نشين (سيد جمال شاهہ) سان سندس ايترو تہ بغض پيدا ٿيو جو سندس وفات جي وقت، جڏهن سيد جمال شاهہ ان جي مٿان اچي بيٺو تہ، اُن مهل بہ پنهنجو منهن ڪٽي ڦيراياڻين ۽ جڏهن وري (جمال شاهہ) اُن پاسي کان آيو تہ وري بہ ڪٽي منهن ٻئي طرف موڙيائين ۽ ان حالت ۾ ئي وفات ڪري ويو. هيٺئر ان جو جانشين خليفو "ڇَتو" نيڪ اخلاق وارو آهي.

(3) ميان عبدالواسع سالارو. (4) سکر فقير ڏيرو. (5) اسماعيل فقير سمو پٺي پور وارو. (6) سيد نهال شاهہ (7) اسماعيل فقير ڏيرو. (8) اجن فقير. (9) ڪمال فقير سنهريو. (10) ورو فقير عرف "وڳند". رسالي جي سر بلاول جي آخري داستان ۾ ڪجھ خوش طبعي جا بيت اُن جي نالي فرمايا اٿن. هڪ بيت هي آهي:

اسور سندو آسرو وڳند کي وڏو
ڏسڻ ۾ جڏو پر ڪاٺڻ تي ڪڙيا ڪٽي.

مطلب تہ "وڳند" کي صبح جي ماني ڪاٺڻ جو گهڻو آسرو آهي. ڏسڻ ۾ ڏٻرو آهي، پر ڪاٺڻ تي ڪڙيون ٿو ڪٽي.

(11) نور محمد ابڙو وينل ڪانري مڪان. (12) سيد سائين ڏنو متعلوي موسہ پوٽو. هي سڀ حاضري ۾ مقرر رهندا هئا.

(13) احمد فقير سمو اصل وينل کهلي. اولياءَ صاحب جي چنگل گهوڙيءَ جو خدمتگار هو. (14) محمد رحيم فقير خاص منشي هو. (15) عمر فقير سهتو جنهن اولياءَ صاحب جي ننڍي هوندي پرورش ۾ خدمت ڪئي هئي. (16) عنايت وساڻ، اولياءَ صاحب جو جت هو ڪجاوي کي وتندو هو. (17) عبدالجميل فقير اُنڙ تسبيح مصلو ان جي حوالي هو. اولياءَ صاحب جي نماز جو بندوبست ڪندو هو يعني ظاهري عبادت جو سامان ان جي حوالي هو. (18) وهيو فقير، ڪتن جو نگهبان هو. جيئن تہ بہ ڪتا هڪ جو نالو موتي ۽ ٻيو ڪنيهو انهن جي ماءُ مري وئي ۽ ٻئي ننڍڙا گلر بڪ هئا. اولياءَ صاحب ڪنهن شهر ۾ گلرن کي ڏٺو تہ انهن تي ڪهل ڪري پاڻ سان آنداءون ۽ انهن جي پرورش ڪياءون. هڪ فقير انهن ٻنهي ڪتن جي خدمت ۾ هوندو هو جيستائين جيئرا هئا. (19) رحمون فقير بورچي هو. (20) قاسم فقير، اولياءَ صاحب جي سيرپ ٺاهيندو هو. (21) بچو فقير، ڪؤنرو

# حڪايت: 30

سيد حاجي غلام محمد شاهه "گدا" خراساني سيد ۽ اسان جي خاندان جو مدح گو شاعر آهي. ان کان روايت آهي ته ڪن فقيرن کان ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته حضرت اولياءَ صاحب کي ٻه پيٽرون هيون. هڪ مٽيارين جي موسي پاڙي سيد جي نڪاح ۾ هئي، ان مان نياڻيون ٿيون ۽ هڪ پٽ سيد فقيرالله شاهه ٿيو. جيڪو جواني کان اڳ ۾ گذاري ويو. ٻي بي بي سگوري مٽياري اجي سماباڻي پاڙي سيد جي گهر ۾ هئي جنهن نسو سگهجي ته اهي پيٽرون اولياءَ صاحب جون سڳيون پيٽرون هيون يا اولياءَ صاحب جي نگي پاءُ جمال شاهه جون پيٽرون هيون ۽ انهن جي شادي سيد حبيب شاهه جي حياتي ۾ ٿي هئي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو ته آئون تنهنجي رضا خدا کان طلبيان ٿو ڏس ته آئون خدا کان توکي ڳوليان ٿو. تون مون کي ڪرم جي واٽ کان ڳول ته آئون توکي وفا جي واٽ کان ڳوليان. قيامت جي ڏينهن جو ڇوٽڪارو آئون علي رضي الله عنهه جي اولاد کان ٿو ڳوليان. عبداللطيف جو لطف ٿو گهران. ان مرشد ۽ اڳواڻ کان فيض جو طالب آهيان. آئون صدق ۽ يقين سان عبدالحسين آهيان. شاهه ڪربلا جي مددگاري ٿو ڳوليان.

# حڪايت:31

روايت آهي تہ ڪنهن مهاڻي، حضرت اولياءَ صاحب وٽ پلو آندو. اولياءَ صاحب "رحمون" فقير بورچي کي پلي پچائڻ جو حڪم ڏنو. بورچي پلو پچائڻ ويو. "بچو" فقير آيو پلي جو مٿو اُن کنيو جنهن کي سنڌي ۾ "ڪلوهہ" چوندا آهن. ان کي ڪٽي ڪباب ڪري کاڌو ۽ ورو فقير آيو جنهن پلي جي آني پچائي کاڌي، محمد عالم پلي جي پڇڙي ڪباب ڪري کاڌي. جڏهن رحمون فقير پلو تيار ڪري اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ آندو تہ دستور موجب جا بہ شيءِ ايندي هئي، فقيرن ۾ ورهائبي هئي، سيني فقيرن کان پوءِ اولياءَ صاحب فقيرن جيترو پنهنجو حصو کڻندا هئا. جڏهن ورهائڻ جو وقت آيو ۽ پڇا ڪيائون تہ معلوم ٿيو تہ فلاڻا فلاڻا فقير ڪجهہ اڳ ۾ ڪٽي کائي ويا آهن. حضرت اولياءَ صاحب کي هيءَ ڳالهہ نہ وڻي، ڇو تہ وچ جو مال هو ان ۾ خيانت جائز نہ هئي. جماعت ۾ ٻين کان کائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ فقيري نہ آهي. جيئن تہ محبت جي معاملي ۾ جان ڏيڻ ۾ بہ مضائقو ڪونهي تہ ان حالت ۾ پيٽ کي پياري ڪرڻ ۾ ڪهڙي خوبي آهي، پوءِ ان بابت هي بيت فرمايائون:

ڦوٽو هو ڦڪرو، سو وروءَ ور پيو
ڪاڙهو ڪلين تي بچي پڙ ڪيو
آيو جو ٽريو، تنهہ پڇي ني پاڻ سان.

مطلب تہ ڦوٽو ورو فقير کنيو ۽ بچي گرمجوشي سان ڪلي کاڌي ۽ ٽيون جو آيو تہ پلي جي پڇڙي کنيائين.

جيئن تہ محمد عالم مغز کنيو ان ڪري ان جو نالو ظاهر نہ ڪيائون. ان کان پوءِ ڪڏهن بہ ڪنهن فقير اهڙي جرئت ۽ حجت نہ ڪئي. جيڪو

الله تعاليٰ ڏيندو هو برابر ۽ پورو تقسيم ٿيندو هو.

جيڪو نذرانو ملندو هو، اهو اولياءَ صاحب جي سامهون محمد عالم ڪٺندو هو ۽ ان مان جماعت جو خرچو هلائيندو هو. جيڪڏهن محمد عالم حاضر نہ هوندو هو تہ ٻئي ڪنهن کي مجال نہ هوندي هئي جو نذرانو ڪٺي. اولياءَ صاحب لٺ جي چوٽي سان پئسن کي زمين تي پوري ڇڏيندا هئا، جو هينئر بہ برسات جي مند ۾ ماڻهن کي پئسا ليندا آهن.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تہ مون کي حڪايت سان مطلب آهي. مون کي شڪايت منظور نہ آهي، پر جيڪي خبرون مون کي مليون، انهن کي گهٽ وڌ نہ ڪيم. اوجهڙ ۾ خطرو آهي. سچ ۾ کهڙو ڊپ آهي. اي عبدالحسين! تون صاف صاف چئو جيڪو ڊاڙ ۽ ٻٽاڪ کان صاف هجي.

# حڪايت: 33

روايت آهي تہ ”بي بي لعل“ متياري ساداتن مان هئي. جنهن جو احوال حڪايت سورهين ۾ آندو اٿم. ان جي ڀي ڀيڻ ”بي بي حسنا“ اهي ٻئي سيد اسد الله شاهہ متياروي جون نياڻيون هيون....بي بي بتول جي پٽن جون زالون ”جهيجہ“ جون هيون ۽ بي بي بتول اولياءَ صاحب جي ڀيڻ هئي. فقير کي قسمت سان ڪنيز جو شرف حاصل ٿيو. اها عورت عبادت ۽ پرهيزگاري ۾ زندگي گذاريندي هئي، اولياءَ صاحب بي بي لعل جي حق ۾ فرمائيندا هئا:

بيبي لعل قلن مالهہ هو جا پوچي پوتم لڪي تان لڙي
جوڳي ساجڙي، ٻڌي پنهنجي ٻانهہ ۾

”مالهہ“ گلن جي هار کي چوندا آهن، يعني بي بي لعل، موتين مالهہ بدخشاني لعل آهي، جنهن کي پٽ جي ڏاڳي ۾ پوئي ڳچيءَ ۾ پائجي ۽ جوڳي ان کي مضبوط ڪري ٻانهن ۾ ٻڌو آهي. جيئن تہ (بي بي لعل) ڀهريان مخفي طرح (پٽ شريف) تي ايندي هئي. آخر ظاهر تي اولياءَ صاحب جي حرم سراءِ ۾ رهڻ لڳي ۽ حويلي جو ڪم ڪندي هئي ۽ ”ڳگا جت“، ”صلحان تنياڻي“ ۽ ”بوٽا وساڻ“ ٻانهين وانگر خدمتگذار هيون. انهن کان سواءِ خاص جاءِ تي ٻي کي وڃڻ جي اجازت ڪا نہ هوندي هئي. هي سيئي ظاهري انتظام اولياءَ صاحب جي پوين ڏهن سالن ۾ سنت نبوي ﷺ تي عمل ڪندي ٿيو. جهڙي طرح جناب رسالت ماب ﷺ هجرت کان پوءِ مديني منوره ۾ عمر جا آخري ڏهہ سال ڪافرن مشرڪن سان جهاد جنگ ۾ مشغول رهيا.

اهڙي طرح حضرت مرشد زمان عبداللطيف ڀٽائي بہ ڏهہ سال مرشدي جو فيض ڏنو نہ تہ اڪثر وقت مولا جي ياد ۾ مشغول رهندا هئا. هڪڙي

ڏينهن بي بي لعل کي فرمايائون تہ اي منهنجي پياري پيڻ! تون ۽ تنهنجي پيڻ بي بي حسنا مون وانگر هجو مگر ايئن نہ جڳائي جو پنهنجي گهر کي ڇڏي، رڳو منهنجي حويلي ۾ رهي خدمت ڪيو. جيتوڻيڪ منهنجو گهر اوهان جو پنهنجو آهي، پر منهنجي مرحومہ پيڻ جي حرم جي آبادي انهن سان آهي. (بي بي لعل) جواب ڏنو تہ خير آهي اسان گذران لاءِ نہ. پر مرڻ واسطي دامن جهلي آهي. ان وقت بي بي لعل پنهنجو هي بيت بہ چيو:

پيڏان جٽ پڳيون آيون اُت وري،
ڪانهي بي ڳري، مينهن کي ميهار ري.

يعني اصلي جاءِ جتان پڳيون هيون اتي موتي آيون، ڇو تہ مينهن کي مالڪ کان سواءِ ٻي ڪا جاءِ نہ آهي. ٻهرين مصرعہ جو اهو مطلب آهي تہ ٻهريان توهان کان عار ٿي رکيوسين، آخر موتي حضور ۾ آيون سين. ان کان پوءِ اسان تي ظاهر ٿيو تہ توکان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڇوٽڪاري جو رستو ڪونهي.

نقل آهي تہ اولياءَ صاحب جو آخري ڪلام جنهن کان پوءِ پاڻ ڪجهہ بہ نہ فرمايو اٿن، هيءَ وائي آهي:

”ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري“

مطلب تہ مطلوب کان سواءِ منهنجو هئڻ ڪهڙي حساب ۾ آهي؟ اهڙي طرح جو مضمون هن وائي ۾ آهي، اها ”وائي“ ڏڳهي آهي جا سر ”سهڻي“ ۾ آهي. مون رڳو نموني طور ان جو ڪجهہ ٽڪرو درج ڪيو آهي.

نقل آهي تہ، حضرت اولياءَ صاحب ننڍي هوندي گهڻو ڪري تير ڪمان ڪڻندا هئا. جيئن هن نسخي جي شروعاتي داستان ۾ لکيل آهي تہ ڪنهن بہ چرندي پرندي ۽ درندي کي تير نہ هڻندا هئا ۽ تڪليف نہ پهچائيندا هئا. ڪنهن بہ جانور کي پنهنجي هٿ مبارڪ سان ذبح نہ ڪيائون. لٺ جو نشانو ناهي، تير ان کي هڻندا هئا، ايئن نشان بازي سکندا هئا. هڪڙي ڏينهن مرزا مغل بيگ ارغون جي نياڻي جون اکيون اتي پيون، اکين ۾ گهڻو سور هوس. مغل بيگ مرزا، سيد حبيب شاهہ جو متعقد هو ان ڪري ادب احترام سان احوال ڪري تعويذ گهريائين. سيد حبيب شاهہ تعويذ لکي مغل بيگ مرزا کي هٿ ۾ ڏنو. ان وقت مغل بيگ تعويذ هٿ ۾ ورتو تہ اولياءَ صاحب جي هٿان ڪمان مان تير ڇٽي ويو ۽ سڌو تعويذ جي

ان کي اولياءَ صاحب وٽ آندائين ۽ دعا جو خواهان ٿيو. اولياءَ صاحب اُن ڇوڪري کي پنهنجي پير ۾ ويهاريو ۽ سندس مٿو کولي ڏسڻ لڳا ته ان جو مٿو وارن کان سواءِ هٿ جي تري وانگر هو پر ڪجهه وار چوٽي جا رهيل هئا. پڇيائون ته هي ٿورا وار باقي رهيل آهن؟ ان جي پيءُ چيو ته لعل شهباز قلندر مرونڊي جي چوٽي آهي. اولياءَ صاحب مرڪيا ۽ اڳ ۾ فقير جيڪو رومال ڏنو هو اهو ڪٽي ڇوڪري جي مٿي تي مهٽيائون ۽ چوڻ لڳا. اي جناب قلندر! پاڙيسرين جي به پارت اٿوَ يعني مٿي جا وار ختم ٿي ويا هئا. مگر اها چوٽي جيڪا قلندر جي نالي ڇڏي هئائون. باقي رهيل هئي ۽ ٻيا وار ان چوٽي جي پير ۾ پاڙي ۾ هئا. ان ڪري پاڙيسرين جي نگهباني ضروري هئي. اهو ڪلام اصل سنڌي ۾ لکجي ٿو ته "شاهه صاحب! پاڙي جي پارت اٿوَ." جڳائي ته ٻيا وار به ختم نه ٿيڻ گهرجن. جيڪو رومال ٻي فقير آندو هو ڇوڪري جي مٿي تي مهٽي ٻڌي ڇڏيائون. تنهن تي ان رومال ڏيندڙ فقير عرض ڪيو ته منهنجي دل جو ارادو هو ته هي رومال ڪجهه ڏينهن اوهان جي هٿ ۾ هجي ها. حضرت اولياءَ صاحب ته ڇوڪري کي ڏئي ڇڏيو. حضرت اولياءَ صاحب فرمايو ته تنهنجي رومال اسان کي اُٺ ڏياريو اجا به ناراض ٿو ٿيين.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو ته. خدا کان فنا بعد محبوبن جي ڳلي ٿو گهران. نفس جي لالچ پٺيان روضئه رضوان نٿو گهران. آئون ان گل جو عاشق بلبل آهيان، جنهن ۾ علي رضي الله عنهه جي بوءِ آهي. آئون چپ نه آهيان جو بس ويران گهر کي گهران. جيڪڏهن يقين آهي ته. ڪون مڪان ۾ ان جو مظهر آهي، بتخاني ۾ وڃي به ايمان جي دولت گهرندس. آئون عبدالحسين ان زماني جي بادشاهه جي دروازي کان سندس پيرن جي پاڪ مٽي کي هر درد لاءِ دوا گهران ٿو.

# حڪايت: 34

جڏهن اولياءِ صاحب ذات ڪان صفات ڏانهن موٽيا، يعني وصال ڪيائون. تڏهن سيد جمال شاهه کي گهرائڻ لاءِ، قاسم فقير "ونگه ولاسهه" طرف ويو. سيد جمال شاهه آيو. ميان نور محمد ڪلهوڙو جو وقت جو حاڪم هو، تنهن ولايت جي دستار (جمال شاهه) جي مٿي تي ٻڌائي. ميان غلام شاهه طلائي تلوار نذر ڪئي ۽ سيد جمال شاهه گادي نشين بڻيو ۽ لطيفي روضي جي تعمير ڪرڻ لڳو. (سيد جمال شاهه) 1204هجري ۾ هن فاني جهان مان موڪلائي، بقا واري جهان ۾ منزل انداز ٿيو. ان پنهنجي دؤر ۾ سهڻي نموني مرشدي جو فيض ڏنو ۽ فقيرن سان سٺو ورتاءُ ڪيو. جڏهن وقت جي حاڪم ڪان گادي نشيني جي سند حاصل ڪري پٽ شريف تي پهتو ته، لطيفي فقيرن ۾ ماتم جو غوغا ۽ جدائي جي پريشاني ۾ هئا.

جنهن وقت اولياءَ صاحب معلوم فرمايو ته، هن فاني جهان مان جلدي ويڇڻو آهي، ان ڪري فقيرن سان اهو حال ڪيائون ته جن ڪپڙن ۾ آئون محبوب (حقيقي) تي ساهه قربان ڪيان، مون ڪان پوءِ اهو لباس جنهن جي بدن تي ڏسو ته، ان جو ادب ضروري ڄاڻجو. اهي (اولياءَ صاحب) جا ڪپڙا محبت فقير کي مليا. محمد عالم دياني جي مرضي هئي ته اولياءَ صاحب جو پاڻيجو هن (گادي نشيني ۽ ڪپڙن پهرڻ) جي وڏي رتبي سان سرفراز ٿئي ۽ محبت فقير وري سيد جمال شاهه سان ٻڌل هو. ٻئي خليفا وڏي پهچ وارا هئا، پر محبت فقير اولياءَ صاحب جي اها پوشاڪ سيد جمال شاهه کي پهرائي ۽ بلند آواز سان چيو ته "اي فقيرو! هن ماڻهو کي سڃاڻو ٿا، جنهن لاءِ اولياءَ صاحب جي وصيت آهي ۽ ان اولياءَ صاحب واري پوشاڪ پهري آهي. اوهان کي ان جو ادب ڪرڻ واجب آهي. اولياءَ صاحب جي لٽ مبارڪ کي ڏسو جيڪا ان جي هٿ ۾ آهي."

مهاڻن جا گهر هئا. ملاحن جي زالن ۾ جهيڙو شروع ٿيو هو. هڪ ٻئي کي طعنا، مهڻا ۽ گاريون ٿي ڏنائون. انهن مان هڪڙيءَ ٻيءَ کي ٿي چيو ته، تون ڏارين ماڻهن سان آشنائي ٿي ڪرين ۽ مڙس کي ڇڏي ڏاريا يار ناهيا اٿئي. انهن جا اهي لفظ اولياءَ صاحب جي حق ٻڌنڌڙ ڪن تي پيا ته، فقيرن کي فرمايائون: هن ڳوٺڙي ۾ يار جو ذڪر پيو ٿئي، اتي هلي ٻڌڻ گهرجي. جڏهن اُتي پهچي ڏٺائون ته زالن عجيب نموني مقابلو شروع ڪيو آهي. هڪڙي پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري ٿي، ٻيون ڪجهه زالون به ان سان گڏ نڪرن ٿيون. اهي گاريون ڏينديون مخالف ڌر جي گهر تي ويون ۽ وري موٽي پنهنجي گهر تي آيون. اجا گهڙي ڪا نه ٿي گذري ته ٻئي طرف جون ڪجهه زالون گهران نڪري گارين جا ڌوڙيا ٿي وسايائون ۽ پوءِ پنهنجي گهر موٽي ٿي آيون. مطلب ته سڄي رات اهڙي نموني اچ وڃ ڪيائون ۽ گاريون ڏنائون. چيائيون پئي ته "تو فلاڻو مرد يار ڪيو آهي". حضرت اولياءَ صاحب به سڄي رات انهن سان اچ وڃ ۾ گڏ هئا ۽ جڏهن پيچ ڀني مهل بانگو سجاڳ ٿيو ته زالن جي گارين جا ڌوڙيا وڃي جهڪا ٿيا ۽ ٻئي ڌريون پنهنجي گهرن ۾ آرامي ٿيون. اولياءَ صاحب الڳ الڳ انهن جي گهر وڃي، مٿائن پاڪ هٿ رکندي فرمايو ته، اوهان جي هن اچ وڃ جي سجاڳي تي آفرين هجي. يار کي اهڙي طرح ياد ڪرڻ گهرجي. جيئن نص (ڪلام پاڪ) ۾ آيو آهي: "فاذڪروني اذڪر ڪم واشڪرولي ولا تڪفرون" يعني اوهان مون کي ياد ڪريو ته آئون اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ منهنجي بي فرماني نه ڪريو.

نقل 3ـ روايتن ۾ آهي ته سيد جمال شاهه ولد سيد عبدالڪريم شاهه بلڙي وارو جو حضرت سيد حبيب شاهه جو حقيقي ڏاڏو هو. ان جو احوال هن طرح آهي ته شهادت جو شرف حاصل ڪيائون. جو هڪ رن زال سندس پاڙي ۾ هئي، جنهن جي گهر چور آيا ۽ ان جا ڍور ڍڳا ۽ مال متاع چوري ڪيو ٿي ويا ته، سيد جمال شاهه انهن چورن جي پٺيان رن زال جي واهر لاءِ ويو. نيٺ ان جو چورن سان مقابلو ٿيو ۽ ان مولا جي راهه ۾ جان قربان ڪئي. ان جي پاڪ قبر "گوله پير" جي مقام ۾ مڪان شريف کان اُتر طرف پنجن ڪوهن جي پنڌ تي آهي.

نقل 4ـ چون ٿا ته اولياءَ صاحب جي زماني ۾ ڳکهيا ذات جا به شخص

هڪ نالي ”غريب“ ۽ ٻيو ”الياس“ اولياءَ صاحب جا مريد ٿيا. جيڪي ڀٽ شريف ڪان اولهه طرف ٻن ميلن تي رهندا هئا. اهي اتفاق سان (مريد ٿيڻ ڪان پوءِ) سفر تي اُسهي ويا. الياس جي گهرواري جنهن جو نالو ”ماڪي“ هو، سا پنهنجو مال چاريندي هئي. هڪ ڏينهن چور ان جي مينهن چورائي ويا ۽ اها پوڙهي زال تمام سرگردان رهي، پر پريشانيءَ ڪان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيو. ٻئي ڏينهن اولياءَ صاحب ان پوڙهيءَ عورت جي گهر ويا. ان پوڙهيءَ پنهنجو ڏکارو حال ٻڌايو. تنهن تي اولياءَ صاحب ڪو به جواب ڪو نه ڏنو ۽ پاڻ مينهن جي ڳولا لاءِ نڪري ويا. ٿوري وقت ۾ چورن جو پتو لڌي، مينهون ورائي، ان پوڙهيءَ ”ماڪي“ جي وارثن جي اچڻ ڪان اڳ پهچائي ڇڏيون.

نقل 5ـ نازڪ خيال شاعر سيد غلام محمد شاهه ”گدا“، پير ميان محمد سعيد لنواري واري ڪان ۽ اُهو پنهنجي والد بزرگوار ڪان ۽ اهو عالي فقير ڪان ۽ عالي فقير ميان موسيٰ فقير پنجابي ڪان روايت ٿو ڪري ته، هڪڙي ڏينهن اولياءَ صاحب ٻيڙي تي سوار هئا ۽ فقيرن لطيفي آواز جو ساز شروع ڪيو. جيئن ته ڪلام ۾ فنائيت جو ذڪر سمايل هو سيني ڏنو ته، اولياءَ صاحب گودڙي ڪي پاڻ تي ويڙهيو ويٺا هئا، ته باقي وچي گودڙي رهي ۽ جسم جو نشان به ڏسڻ ۾ نٿي آيو ۽ فقيرن، جيڪي رمز جا ڄاڻو هئا، انهن لطيفي سرود، جنهن ۾ بقا ۽ اميد جو رنگين مضمون ڳائڻ شروع ڪيو ته، آهستي آهستي رب جي پياري جو وجود جيئن اڳ هو ايئن ٿي ويو.

نقل 6ـ چون ٿا ته ڀٽ شريف جي ويجهو ”جاني“ نالي ذات جو ”ڏيرو“ زميندار رهندو هو جيڪو هرويرو اولياءَ صاحب سان دلي ڪدورت رکندو هو. هڪ ڏينهن اولياءَ صاحب ”بلال شاهه“ شهر ڪان پنهنجي جماعت سان ڀٽ شريف ڏانهن اچي رهيا هئا. واٽ تي ڏٺائون ته سوٽا مينهون ڪوچي ۾ چري رهيون آهن. هڪ ڇوڪر ويٺي انهن جي نظرداري ڪئي. پاڻ ان ڇوڪري ڪان نالو پڇيائون، تنهن تي ان ڇوڪري ادب ادا ڪرڻ ڪان پوءِ عرض ڪيو ته منهنجو نالو ”عنايت فقير“ ۽ وڏيري ”جاني ڏيري“ جو پٽ آهيان. هنن مينهن کي چاريندو آهيان. اولياءَ صاحب ته اُتان واٽ وٺيو هليا آيا، پر عنايت کي لطيفي عنايت نه ڇڏيو ۽ مينهن کي اُتي ڇڏي لطيفي فقيرن جي صحبت ۾ ٿي ڀٽ شريف تي پهتو.

جڏهن جاني ڏيرو پٽ جي وڃڻ ڪان واقف ٿيو ۽ يقين ڪيائين ته،

سندس پٽ اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ وڃي رهيو آهي، سو ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو. گھڻي بڪ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن نوڪرن ۽ هٿيارن سان پٽ شريف تي پهتو ۽ فقيرن کان سندس پٽ جي اچڻ جو سبب پڇيائين. ڪيس جواب مليو تہ ڪنهن بہ ان جا هٿ نہ ٻڌا آهن ۽ نہ وري بند ۾ آهي. جيڪڏهن ان کي وڻي ويو تہ ڪنهن جي جهل ڪانهي. چون ٿا هو ست پيرا پٽ کي وڻي ويو. پر عنايت موٽي ٿي آيو. جڏهن اٺين پيري "جاني" پٽ شريف تي پهتو تہ ان وقت عنايت، اولياءَ صاحب جي خدمت ۾ ويٺو هو. حضرت اولياءَ صاحب وڏيري جاني کي فرمايو تہ "تون پٽ کي اسان وٽان وري وري وڻي وڃڻ سولو ٿو سمجهين". انهن ڪرامت ڀريل لفظن جي ڪري ان جي دل ۾ بي انداز ڏپ پيدا ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ "ڇا ڪيان، دولت، ناموس ۽ اقتدار وارو آهيان، ڪهڙي طرح پٽ کي درويش ٿيڻ پسند ڪريان." تنهن تي اولياءَ صاحب هي بيت پڙهيو:

جاني جڙي پنڌ، عنايتا اوتاهين،
چڪين تہ چريو ٿئين، ميخاني جو منڌ،
آهي گھڻو اوکو فقيري جو فند،
ڪين ڪيندو ڪنڌ، منجهان سڪ سيد چئي

۽ هن کان پوءِ عنايت فقير هميشہ حضور ۾ حاضر رهندو هو. ڪلام جي تصنيف ۾ ضرور سائل ۽ مسئول آهي، ان ڪري اولياءَ صاحب ڪن بيتن ۾ عنايت فقير جو نالو آندو آهي. ڪي چون ٿا تہ اولياءَ صاحب جي صحبت ڪري عنايت فقير پاڻ صاحب طبع شاعر ٿي ويو هو.

نقل 7_ نقل آندو اٿن تہ هڪ بزرگ "پٽي" قوم جو ظاهري علم سان سينگاريل، پراڻن هالن جو رهاڪو سهروردي طريقي جو متعقد هو. هر سومر تي بلا ناغي "سوئي ڪندر" جي اولياءَ جي زيارت تي ويندو هو جو اُتي شاهہ لطيف جي ڀن پائرن جون قبرون آهن. ٻنهي جا نالا اولياءَ صاحب جي همنام هئا. جيئن حڪايت تيرهين ۾ مذڪور آهي. ان واٽ تي لطيفي حجرو هو جو اجا تائين پٽ شريف جي دامن ۾ اُتر طرف نهيل آهي. اهو پٽي عالم ان گس کان لنگهندو هو. ان کي سندس شاگردن چيو تہ هتي اولياءَ صاحب آهي، جو ڪمال جو صاحب آهي. سندس خيالي عنقا هڪ پرواز سان، عالم مثال کان راز بي نياز جي ڪنگري تي پهچي ٿو. ان ڪري جڳائي تہ ان جي

خدمت ۾ هلي قدمبوسي جو شرف حاصل ڪجي. جڏهن ته اهو عالم غرور وارو ۽ معرفت کان دور هو. چيائين ته اجا اها معنيٰ مون تي نه کلي آهي ته، هي سيد حقيقي محبت ٿو رکي يا دنياوي سينگار جو طالبو آهي. ايئن چئي "سوئي ڪندر" روانو ٿيو.

انهن (استاد ۽ شاگردن) جي اها گفتگو اولياءَ صاحب کي معلوم ٿي ۽ پاڻ ڪن ماڻهن کي موڪليائون ته. جڏهن اهو عالم واپس ٿئي ته مون کي خبر ڏين. انهن ماڻهن ائين ڪيو. جڏهن اولياءَ صاحب ان جي اچڻ جي خبر ٻڌي ته گس تي اچي بيٺا. جڏهن اهو بزرگ ويجهو آيو تڏهن شاگردن اولياءَ صاحب کي ڏسي ان عالم کي ٻڌايو. پٽي بزرگ گهوڙي تان لهي قدمبوسي جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳو ۽ اولياءَ صاحب انهن ڏانهن اڳتي وڌيا ۽ ان کي فرمايائون ته. جيڪا وک تو ڏانهن ٿو وڌايان، اها وک وڏي ثواب ۾ ڳڻجي ٿي ۽ تون جيڪو به قدم مون ڏانهن ٿو وڌائين ته اهو ڪفر جو سبب ٿو ٿئي. ان کان پوءِ پاڪر پائي هڪ ٻئي کي مليا ۽ حجري ۾ پهچي ڪچهري ڪيائون.

پٽي بزرگ عرض ڪيو ته "اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته، اوهان ڏانهن منهنجي وک کڻڻ گناهه ۾شامل پئي ٿي ۽ اوهان جي هر قدم تي ثواب پئي مليو. هن مشڪل سوال جو حل ڪولي ٻڌايو".

اولياءَ صاحب فرمايو ته، اوهان مون کي خوف ۽ اميد جي وچ تي تصور ڪري چيو ٿي ته، خبر ڪانهي ته، هي سيد حقيقي عاشق آهي يا مجازي؟ جڏهن توهان هتان سوئي ڪندر ويا ۽ وري جلدي واپس آيا ته. هن ٿوري وقت ۾ اوهان تي اهو مسئلو نه کليو هوندو ته. منهنجو احوال ڪهڙو آهي. ان ڪري مون ڏانهن اچڻ جو اهو سلوڪ خوشامد ليکبو ۽ مون اوهان کي عالم سمجهي وک وڌائي. پٽي بزرگ سر جهڪائي فڪر ۾ پئجي ويو ۽ هي مصرع زبان تي آندائين:

مقصود من آن ست که مقصود تو باشد

مطلب ته منهنجو مقصد به اهوئي آهي، جيڪو تنهنجو مقصود آهي. ان کان پوءِ اهو پٽي بزرگ اولياءَ صاحب جي متعقدن جي سنگت ۾ داخل ٿي ويو.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو منهنجي طبيعت مجازي عشق سان حقيقي عشق تي ڪري. زماني جي عقل واري حد کان پير ڏگها تي ڪري. اعليٰ شرافت ۽ منزل وارو مرشد عبداللطيف آهي. منهنجو قلم ان جي تعريف جا نقش ٿو چٽي. اهو اهڙو استاد آهي، جو سندس ارشاد جي مڪتب جو طالب بي تڪلف لاهوت ۾ راند ٿو ڪري. بنا ڪنهن شڪ جي ان جي منزل هاهوت باهوت آهي، پر ناسوت ۾ غريب نواز ٿو ڪري. سندس تعين لا تعين آهي، ڪرم سان ناسوت جي ۾ ڪارسازي ٿو ڪري. سالڪن واسطي اهو راهه هدايت جو هادي، ترقي ۽ تنزل ۾ ٻه ڊڪ ڊوڙ ٿو ڪري. هميشه واري هستي ان نيستي جي واٽ کان ورتي آهي. نياز سان رهي آخر بي نيازي ٿو ڪري. ان جي در تي عبدالحسين ايازي ٿو ڪري.

# حڪايت: 36

سچن راوين کان روايت آهي تہ لطيفي درگاھہ جو ”ميان تماچي فقير“ ڪڇ جو رهاڪو اولياءَ صاحب جو پيارو درويش هو. جنهن ڏينهن کان مريد ٿيو هو تہ ڪيس اولياءَ صاحب جو حڪم ٿيو تہ سنڌ ۾ نہ اچي ۽ ”پٽ شريف“ جو ارادو نہ ڪري. جڏهن اولياءَ صاحب جي وصال جا ڏينهن ويجها ٿيا تہ ان کي پاڻ وٽ گهرايائون ۽ پنهنجي خدمت ۾ رکيائون.

نڪتو 2_ هڪ ڏينهن اولياءَ صاحب ٻگهين جي شهر ۾ آيا. الياس فقير پنهنجي مينهن جو کير ڏهي رهيو هو. اولياءَ صاحب اهو تماشو پٽي ڏٺو تہ الياس فقير پهريان ڦرن کي مائرن ڏانهن ڇڏيو. جڏهن ٿڻن ۾ کير آيو تہ زور سان ڦر کي ڇڪي پري ٻڌي پاڻ کير ڏهڻ ۾ مصروف ٿي ويو. اولياءَ صاحب فرمايو تہ خدا جي واسطي اهڙو ظلم روا نہ رک. ڇو تہ کير خاص ڦرن جي پالڻ لاءِ آهي. پنهنجي بخيلي لالچ خاطر انهن کي الله تعاليٰ جي ڏنل نعمت کان محروم نہ ڪجي. پهريان انهن کي ڇڏيو تہ پنهنجي پورت ڪن. پوءِ جيڪي بچي سو پنهنجي لاءِ ڏهجي. ڇو تہ اسان بہ انهن جي صدقي کير ٿا پيون. الياس فقير گهڻو چيو تہ مينهن جا ڦَرَ هڪ ڦڙو کير جو نہ ڇڏيندا. جو اوهان کي ڏيان ۽ حق پرست جماعت ۾ ورهايان. پاڻ فرمايائون تہ اڄ اسان جي چوڻ تي عمل ڪر. جڏهن ڦر ڇڏيائين تہ سڀ کير پي ويا ۽ پوءِ بہ خالي ٿڻن کي چوسيندا رهيا ۽ کير جو ڦڙو بہ نہ ڇڏيائون. اولياءَ صاحب فرمايو تہ طالب کي بہ ايئن ڪرڻ جڳائي جو طلب ۾ ڪنهن بہ طرح ڪوتاهي نہ ڪري.

نڪتو 3_ چون ٿا تہ ڪنهن شخص سندن خدمت ۾ احوال ڪيو تہ فلاڻي ماڻهوءَ جي زال يار سان ڀڄي وئي آهي. اولياءَ صاحب حيرت ۽ عبرت مان پڇيو تہ برابر ايئن آهي جو فلاڻي شخص جي زال يار سان ڀڄي وئي آهي؟ ان چيو تہ هائو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ فڪر ڪري فرمايائون تہ يار سان ڀڄڻ گهرجي. عجب تہ اهو آهي، جو ڪمزور يعني زال ذات تہ پنهنجي يار سان ڀڄي وئي، اسان ماڻهن کان

ايتري قدر بہ همت ۽ جرئت تي نٿي سگهي جو يار سان پڇي وڃون.

نڪتو 4۔ هڪ ڏينهن اولياءَ صاحب رستي تي ويٺي اچڻ وڃڻ وارن مسافرن جو تماشو ڏسي رهيا هئا تہ هڪ جماعت اچي پهتي. ان کان حال احوال ورتائون. ظاهر ٿيو تہ اهي حرمين شريفين جي زيارت تي وڃي رهيا آهن. اولياءَ صاحب بہ جنهن حال ۾ هئا، انهن جي رفاقت ۾ حج لاءِ روانا ٿيا. منجهند مهل پاڻي جي چشمي جي ڪناري تي اچي مانجهاندو ڪيائون. ڏٺائون تہ ٻڪرين جو ڌڻ پري کان پاڻي پيئڻ لاءِ ڊوڙندو پيو اچي، جڏهن اتي پهچي پاڻي پيتائون تہ پوءِ انهن جو پاڻي لاءِ اهو ذوق شوق نہ رهيو. پاڻي کان منهن ڦيرائي ڦولڙيون لاهي پيشاب ڪرڻ لڳيون. پاڻي ڏي توجهہ نہ ڪيائون. اولياءَ صاحب هن حالت جو مشاهدو ڪري هي سنڌي بيت فرمايو:

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
جيءَ اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سان مائي ٿئي.

مطلب تہ ڳوليان ڳوليان پر مطلوب کي نہ لهان، متان طبيعت جو شوق مانو ٿئي.

پوءِ اولياءَ صاحب اُتان موٽي پٽ شريف تي آيا. جيئن فقيرن اولياءَ صاحب کي نہ ڏٺو تيئن ان جي ڳولا ۾ هر طرف نڪري پيا. ڪي تہ اچي اولياءَ صاحب کي مليا هئا، پر جيڪي نہ ملي سگهيا، انهن جو فڪر ڪرڻ لڳا تہ انهن کي ملڻ کانسواءِ نہ موٽڻ گهرجي. ان ڪري "ونگہ ولاسهہ" وڃي نڪتا. اُتان ريگستان جو سير ڪري پٽ شريف تي موٽي آيا. تماچي فقير ان وقت، اولياءَ صاحب جي مريدي جو شرف حاصل ڪيو هو.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو بيڪار ناهيان جو عشق سان منهنجو ناتو آهي. بي يار ناهيان جو جڏهن منهنجو يار منهنجو مددگار آهي. جڏهن ذرن کي پاڻ کان روشني هجي تہ هي جهان بہ منهنجي محبوب جي نور جو مظهر آهي. هي بلبل سخن جي باغ جي مدح خوان ٿئي. بس ٽڙيل گلن وانگر منهنجي بهار اچي. پير فلڪ جڏهن منهنجي اهڙي روان طبيعت ڏٺي تہ لطف سان عقل ثريا مون تي قربان ڪيائين. مون غزل ۾ هرڻن جا مضمون ورتا آهن تہ جيئن شاعر منهنجو شڪار ڏسن. شاهہ جي تعريف ۾ دلچسپ نسخو چيو اٿم تہ پڄاڻي واري ڏينهن کان فارغ ٿيس. سيد عبداللطيف شاهہ زماني جو قطب آهي. ان جي تعريف تي مون کي هزار ناز آهي. هي ڪتاب هينئر ختم ٿيڻ تي آهي. آئون پروردگار جا هزار شڪر چوان ٿو. عبدالحسين واعدي جو گل هٿ سان ڏنو. هينئر منهنجو ڪنڊو ڪنڊو تسڪين پذير آهي.

# تاريخن جو ضميمو

## جناب فيض ماب سيد عبدالڪريم شاهہ بلڙي وارو

ولادت: مٽياري شريف، سن ٩٤٤ هہ مطابق سن 1537ع.
آخري آرامگاهہ: بلڙي شريف.
وفات جو سال: سن ١٠٣٢ هہ مطابق سن 1623ع.
تاريخ ولادت منظوم: سال توليد جناب سيدا عبدالڪريم
گفت روح القدس فخر دين بگو تاريخ او
٩٤٤

ترجمو: سيد عبدالڪريم جي ڄمڻ جو سال، روح القدس چيو تہ "فخر دين" ان جي تاريخ چئو.
تاريخ وفات:

جناب سيد عبدالڪريم آنکہ
ولي حق نما الحق مکرم
چو در خلد برين آرام فرمود
بہ تاريخش بگو فياض عالم
١٠٣٢

مطلب تہ سيد عبدالڪريم ولي ڪامل حق ڏيکاريندڙ هو. جڏهن خلد برين ۾ آرام فرمايائين تہ ان جي تاريخ "فياض عالم" چئو.
(هي ٻئي تاريخون سيد غلام محمد شاهہ "گدا" جون چيل آهن).

## مرزا مغل بيگ ارغون

وفات جو سال: سن ١١٢٤هہ مطابق 1712ع.
ان جي وفات جي تاريخ مرشد زمان سيد عبداللطيف شاهہ تارڪ جي چيل: "يک مغل بہ بوده" معنيٰ: هڪ سٺو مغل هو.
١١٢٤

## حضرت سيد حبيب شاهہ

آخري آرامگاهہ: ڀٽ شريف.
وفات جو سال: سن ١١٥٥هہ مطابق 1731ع
تاريخ وفات: "الموت جسر يوصل الحبيب الىٰ لقاء الحبيب"
١١٥٥

يعني: موت هڪ پُل آهي، جتان هڪ دوست ٻئي دوست جي ديدار لاءِ پهچي ٿو.

(از ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي)

## جناب ڪرامت ماب مرشد سيد عبداللطيف ڀٽائي

ولادت جي جاءِ: ڪوٽ ڀٽي پور، سن ١١٠٢هہ مطابق 1690ع.
تاريخ ولادت: گدا سال توليد سلطان بهت
شنيدم زهاتف "عنايت شعار"
١١٠٢

مطلب تہ گدا، ڀٽ ڌڻي جي ڄمڻ جو سال، هاتف کان "عنايت شعار" ٻڌم.

(از سيد غلام محمد شاهہ "گدا")

آخري آرمگاهہ: ڀٽ شريف.
وفات جو سال: سن ١١٦٥هہ مطابق 1751ع.
تاريخ وصال: زد نعره در فراق و دگر کرد سينہ چاڪ
"شد محو در مراقبہ جسم لطيف پاڪ"
١١٦٥

مطلب تہ فراق ۾ نعرو هنيو ۽ ٻيو سينو چاڪ ڪيو، لطيف جو پاڪ جسم مراقبي ۾ محو ٿيو.

تاريخ وصال: گفت اين رجا مريد سن ارتحال پير
گرديد محو عشق وجود لطيف مير
١١٦٥

مطلب تہ مرشد جي لاڏاڻي جو سن، هن مريد "رجا" هي چيو لطيف بادشاهہ جو وجود عشق ۾ محو ٿيو.

(هي ٻئي وفات جون تاريخون محمد پناهہ "رجا" نقشبندي ٺٽوي جون چيل آهن.)

تاريخ وصال: شاهہ صاحب ذوالمناقب سيد عبداللطيف
آن کہ قطب وقت خود بودست در مردان حق
چون ز جام ارجعي مخمور نوش وصل شد
گفت ملهم غيب ربي رحلتش "رضوان حق"
١١٦٥

مطلب تہ شاهہ عبداللطيف وهبي فيض جو صاحب، وقت جو قطب ۽ مرد حق هو. جڏهن وفات جي ڪري خماريل وصال جو پيالو پيتائين تہ سندس رحلت جو سال غيب کان "رضوان حق" چيو.

## ميان نور محمد عباسي والي سنڌ

مدفن: محمد آباد.

وفات جو سال: سن ١١٦٧هہ مطابق 1753ع.

سندس وفات جو سال هيٺين آيت سڱوري مان ورتل آهي:

"لذالڪ الفوز الڪبير" يعني هن واسطي وڏي ڪاميابي آهي.

## ميان غلام شاهہ عباسي والي سنڌ

مدفن: حيدرآباد

وفات جو سال: سن ١١٨٦هہ مطابق 1773ع.

تاريخ وفات: "ميان خفتہ"

# داستان شرڪ جي گهٽائي، پيغمبري دين جي هيٺائي ۽ گلا غيبت جي زيادتي جي بيان ۾

سانگي نظم ۾ چوي ٿو جڏهن زماني ڪميٽي جي شڪايت تي ڪئي، مشرق جي بادشاهه ۾ زلزلو پيو. هينئر شرڪ اولهه ۾ اوير ورتو آهي. پيغمبري دين ڪمزور ٿي پيو آهي. ڪو به حاڪم انصاف وارو ڪونهي. انصاف ظلم داور سان پيو. بي مروتي، شرافت جي گوءِ کسي، هن زماني ۾ تونگر ٿيو. صاحب نسب جيتوٽيڪ هنر رکي ٿو پر جڏهن بي زر ٿيو تہ ان کي بہ عيب ۾ شمار ٿا ڪن. بي مروتن کي جڏهن عزت ملي. رنگ پاڻي متي ڪان رنگ کي مليو. ان منهنجي مسڪين بلبل کي چيو صبا وئي هاڻي صر صر سان ڪم پيو. خوبصورت حسينائون ديو جي چنبي ۾ آهن، افسوس! جو سهڻو چنڊ وچون جي ور چڙهي ويو. اي عزيزا! جڏهن لوڻ ڪنڊ ۾ گڏبو تہ کائڻ جي قابل نہ رهندو. پنهنجي سر تي پارن جي هٿان بہ پٿر ٿو کائي، جيڪو بہ سخن ور هن دور ۾ آيو. افسوس! جو شريفن جو خون بدن کان نڪتو رڳن ۾ نسن تي نشتر وانگر پيو. محشر جي ڏينهن جو فڪر ڪونهي، جو ساقي ڪوثر منهنجو ضامن آهي. جيئن تہ منهنجو هٿ حيدر جي دامن ۾ ورتل آهي، ان ڪري پل صراط تي آساني سان اُڪري ويندس. عبدالحسين! زماني جي شڪايت نہ ڪر، چو تہ اهڙي طرح حڪم مقدر تي چڪو آهي.

# آخري گذارش

جيئن تہ زماني جي دانائن بہ پنهنجا يادگار ڇڏيا آهن. اهڙي طرح مون بہ هي نسخو "لطائف لطيفي" لکيو آهي، جنهن ۾ حضرت علي رضي الله عنه جي اولاد (اولياءَ صاحب) جو احوال آسان عبارت ۾ لکيو اٿم. مرشد زمان سيد عبداللطيف ڀٽائي "تارڪ" بابت لکيل هي ڪتاب تاريخ 10 ذوالقعد 1305 هجري مطابق 19 جولاءِ 1888ع، جمعي جي ڏينهن شام جي وقت لکجي پورو ٿيو جنهن مان پڙهندڙن کي گهڻو سرور حاصل ٿيندو. جيڪڏهن ڪا خطا ۽ سَهَو ڏسن تہ اها مهرباني ۽ عنايت جي دامن سان ڍڪن ۽ مصنف کي خير جي دعا سان ياد ڪن تہ رب العالمين هن بنده عبدالحسين ٽالپور ولد مير عباس علي خان شهداداڻي کي باجماعت، نبيﷺ ۽ ان جي آل جي صدقي پنهنجي معرفت نصيب ڪري.

## تاريخ تصنيف سن هجري

پئي تاريخ اين تصنيف امجد
چو عقل من شده باعقل کل جفت
همہ تن محو گشتم در تفکر
دهد هاتف بگوش اين مژده مفت
بروي استشاره بي دل نقص
"تواريخ لطيفي بي بدل" گفت
درين نسخہ عجب عبدالحسينا
بسفتي پنجتن درهائي ناسفت.

مطلب تہ هن تصنيف سڳوري جي تاريخ ڳولڻ پٺيان منهنجو عقل ڳولائو ٿيو ۽ گهڻي تفڪر ۾ محو ٿيس تہ هاتف منهنجي ڪن ۾ هي مبارڪ ڏني:

"تواريخ لطيفي بي بدل" (۱۳۰۵هه)

عبدالحسين هن عجيب نسخي ۾ پنجتن جا وڪريل موتي پويا آهن.

## تاريخ تصنيف سن عيسوي

بباغ سخن چون رسيده بهار
مفرح وزيده هوائي نسيم
بتاريخ اين نسخہ دل نواز
شدم ملتجي من زيار قديم
چو خواهان سن عيسوي من شدم
ندا داد از غيب هاتف عليم
کہ عبدالحسين از سرو پاي کسب
شگفتہ گل تازه و پر شميم.

مطلب تہ جڏهن سخن جي باغ ۾ بهار پهتي تہ تڏڙي فرحت ڏيندڙ نسيم جي هير لڳي. هن دلنواز نسخي جي تاريخ واسطي پنهنجي آڳاٽي يار کي عرض گذاريم ۽ جڏهن سن عيسوي جو خواهان ٿيس تہ غيب کان علم واري هاتف هي ندا ڏني تہ عبدالحسين محنت جي سر و پا کان خوشبودار ۽ تازو گل ٽوڙيو.

(ٻئي تاريخون سانگي جون چيل آهن.)

اڄ تاريخ 10 ماهہ آگسٽ 1891ع مطابق تاريخ 4 محرم سن ١٣٠٨هہ شام جي وقت هن پنهنجي تصنيف "لطائف لطيفي" جو نسخو ميان وڏل علوي القادري سعيد پوري تخلص "حيدري" کي يادگيري طور ڏنم.

چو با حبيب نشيني و باده پيمائي
بہ ياد آر حريفان باده پيما را

مطلب تہ جڏهن دوست سان ويهين ۽ شراب ورهائين تہ هم پيشي شراب ورهائيندڙ کي بہ ياد ڪر.

- الراقم عبدالحسين عفي عنه